اوريانا فلاشي

فياض لطيف

اَڻ چاول پار ڏانهن خط

(جڳ مشهور ناول
"Letter to a Child Never Born"
جو سنڌي ترجمو)





روشني

اڻ چاول پار ڏانهن خط

[جڳ مشهور ناول "Letter to a Child Never Born" جو ترجمو]

اوريانا فلاچي

فياض لطيف

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2019ع

Roshni Book No. 894

ڪتاب جو نالو: اڻ ڇاول ٻار ڏاڻهن خط (ناول)
اصل لکيل اٽالين ٻوليءَ ۾، سال 1975ع
ليکڪا: اوريانا فلاچي
انگريزي ترجمو: جان شيپلي
سنڌيڪار: فياض لطيف
ڇاپو پهريون: موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي، لاڙڪاڻو 2001ع
ڇاپو ٻيو © روشني 2018ع
لي آئوٽ : انور حسين سومرو
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.
قيمت: -/225 رپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

AN JAWAL BAR DAA'N KHAT (Novel)

Originally Written in Italian language : 1975
Author: **Oriana Fallaci**
English Translation: **John Shepley**
Sindhi Translation: **Fayaz Latif**

Layout by: Anwer Hussain Soomro
Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh
First Edition: Mohan Jo Daro Publishing Agency, Larkana 2001
Second Edition © Roshni 2019

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد

پٽائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر، حيدرآباد+ڪنگ بن بوڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد
ڪامريڊ هاصر آخوند لائبريري، نصير نگر چوڪ، قاسم آباد +ڪامريڊ بوڪ اسٽال، ڄامشورو
شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهه + حيدري ڪتب خاني، پٽ شاهه ڪائناواڙا اسٽور، اردو بازار، ڪراچي
لال بخش نيوز پيپر ايجنٽ، ٽنڊو رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ ايڊيمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو
جاويد بڪ ڊپو، لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
عبدالله بڪ ڊپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو+سنڌيڪا بوڪ شاپ، لاڙڪاڻو + اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه
عوامي بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه + مڪتبه گلشير، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه
مڪتبه حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه+ سليمان اينڊ برادرس، نواب شاهه
شهيد نذير عباسي ڪتاب گهر، نواب شاهه، المهراڻ ڪتاب گهر ڪنرو + حافظ ڪتاب گهر ڪنرو
العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٽرسٽ ڪتاب گهر، مٺي، ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص
حر ڪتاب گهر، سامهون ماڊل اسڪول، ميرپور خاص، المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، الفقراء منزل، سانگهڙ
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊپو، دادو، مراد بوڪ ڊپو، سيوهڻ+ عبدالرزاق بوڪ اسٽال، ميهڙ
ساحر ڪتاب گهر، ڪوندي، ميهڙ، مرچولال بوڪ ڊپو، بدين + رحيم بوڪ ڊپو، بدين + ٠٠وڇهرو ڪتاب گهر، بدين،
مهراڻ بوڪ سينٽر سڪر + ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سڪر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سڪر
فيضان بوڪ ڊپو، نئر جي چاڙهي سڪر + بخاري ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سڪر + مڪتبه امام العصر، گهوٽڪي
سنڌ ڪتاب گهر، ڪارهور + مولوي عبدالحئي ڪارهور + تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس
خيرپور بڪ شاپ، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس + مڪتبه عزيزيه، کهڙا
سچل ڪتاب گهر، درازا + ڪنول ڪتاب گهر، مورو + حافظ ڪتاب گهر، مورو + ظفر ڪتاب گهر، مورو
ميمڻ بوڪ ڊپو، نوشهروفيروز + قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ، ڪنڊيارو + سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

پنهنجن عزيز دوستن

مونس اياز

احسان دانش

ءِ

ضمير لاشاري

جي نانءِ

فياض لطيف

مهاڳ

انگريزي ادبَ جي مشهور نقاد ۽ ناول نگار "ڊي ايڇ لارنس" هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "ڪنهن بہ ڪتاب کي يا تہ هڪ رهزن هُئڻ گهرجي يا هڪ باغي يا وري هجوم ۾ داخل ٿيندڙ هڪ اهڙو شخص، جنهن جي آمد سان پڙهندڙ يا تہ پنهنجون حياتيون بچائي پڇڻ لڳن يا سندس جهنڊي هيٺيان هليا اچن ۽ ساٽس ويجهڙائپ واري سڃاٽپ پيدا ڪندي ڪائنس سندس مزاج معلوم ڪن."

لارنس جي مٿين نظريي کي سامهون رکي ڏسجي ٿو تہ زير نظر ناول جي ليکڪا اوريانا فلاچي، جيڪا اصل ۾ اٽليءَ جي هڪ معروف جرنلسٽ آهي، تنهن جي تحريرن بہ پڙهندڙن ۾ ترٽلو پئي مچايو آهي. "Interview with history" کان وٺي "A man" ۽ زير نظر ڪتاب "Letter to a Child Never Born" جي تخليق تائين، اوريانا جي لکڻ جو انداز آڪٽوپس بَلا وانگر پڙهندڙن کي پنهنجي اٽ ڏئل تاندرون ۾ مڪمل طرح جڪڙي ڇڏي ٿو.

مُنهنجي ذاتي راءِ آهي، تہ اوريانا جي هن ناول سان گڏ سندس ٻيو خوبصورت ناول "A man" بہ پڙهڻ گهرجي، ڇو تہ اوريانا "A man" پنهنجي محبوب يونان جي انقلابي اڳواڻ پينا گولس جي سورهيائي ۽ ساٽس محبت جي پسمنظر ۾ رچيو هو ۽ هي ناول "Letter to a Child Never Born" وري هن سان همبستري کان پوءِ پنهنجي ڪُکِ ۾ پيل ان "قطري" جي ڪتا ۽ تعظيم ۾ لکيو آهي، جيڪو پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ادب جي تاريخ ۾ سيني ساڃاهہ وندن کي حيرت ۽ ويچارن جي احساساتي جزيري ۾ وڃائي ويو آهي، هتي آءٌ هن ناول جي ڪهاڻي ڪو نہ ورجائيندس، ڇو تہ اها اوهين پڙهندڙ خود ئي پڙهندا ۽ پروڙيندا، پر مان رڳو ايترو عرض ڪرڻ چاهيندس، تہ هن ناول جي محدود صفحن ۾ اوريانا پنهنجن

باريڪ کان باريڪ ترين احساسن کي ايترو ته پرپوريت سان بيان ڪيو آهي، جو پڙهندڙ سندس هر جملو پڙهڻ وقت ڇڻ ته پنهنجو پاڻ کي ڪنهن اهڙي ڪٻڪ جي سَوَڙ ۾ سبيل محسوس ٿو ڪري، جنهن کي هموار ڪرڻ لاءِ جڏهن سوٽي سان سٽيو وڃي ٿو ته هُو (پڙهندڙ) به ڪٻڪ جي ڏرڻن سان گڏ تحليل ٿيندو رهي ٿو.

اڪثر ناول ڏاڍي آهستگي سان شروع ٿيندا آهن ۽ پوءِ هورڙيان هورڙيان اڳتي وڌندا آهن. پر اوريانا جي هن ناول جي پهرئين جملي سان ئي فضا هڪ خاص قسم جي پُراسراريت جي حامل ٿي وڃي ٿي. جڏهن مون هن ناول جي پهرين سِٽ پڙهي هُئي، ته ان جي سحر ۾ ڪافي ڏينهن تائين گُم رهجي ويو هُئس. ان دؤران الاهي مصروفيتن جي باوجود مون متان عجيب ڪيفيت طاري رهي هُئي. پر جنهن لمحي ٿوري فرصت ملي هُئم، ته ان ڪيفيت هڪ خاص تيزي سان مُنهنجي شعور کي پنهنجي گرفت ۾ وکوڙي. مون کي ڪُجهه لکڻ تي مجبور ڪيو آهي.

ڪوبہ ڪتاب ترجمي سان گهٽو ڪُجهه وڃائي ويهندو آهي يا ائين ڪٽي چئجي، ته ترجمي سان اڪثر ڪري تخليق جو حُسن محدود ٿي ويندو آهي. بلڪل ايئن جيئن محبت جيستائين بند چپن جي اقرار ۾ ڪاربن ڪجلين اکڙين جي اونهائين جو احساس بڻيل هوندي آهي، ته ان جي هر ادا ۾ عجيب سرمستي سمايل هوندي آهي. پر جڏهن ان احساس کي لفظ "پيار"، "محبت" يا "عشق" وغيره جو نانءُ ملي ويندو آهي، ته ان جا رنگ ئي پنهنجو روپ وڃائي ويهندا آهن. چنڊ جو ظاهري حُسن ته روشني آهي، پر اها روشني جڏهن "چانڊوڪي" ڇوائي ٿي، ته چنڊ ڇاڙيل گرهن وانگر ڇسو ۽ بي رونق پاسڙ لڳي ٿو. ان ڪري ڪي شيون احساسن ۾ رهندي ئي مڪمل ۽ موهيندڙ محسوس ٿيندیون آهن. پر جڏهن انهن کي لفظن ۾ اظهارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ته اهي بي رونق ۽ بي روح بڻجي ويندیون آهن. فياض لطيف، اوريانا فلاچي جي هن ناول کي جهڙي طرح سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪيو آهي، ان سان اها ڪشمڪش ايجان ويتر چٽي ٿي وڃي ٿي، جنهن جو هن ناول جي حوالي سان آءٌ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. فياض لطيف

هڪ مشتاق مترجم آهي. هن اوريانا جي مذڪوره ناول جو ترجمو ڪندي نه صرف زبان ۽ بيان جي باريڪين ۽ لطافتن جو تمام گهڻو خيال رکيو آهي، پر ناول ۾ موجود جذبن ۽ احساسن کي به ڀرپوريت سان پنهنجي هولي ۾ منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. جيئن ته خيال جو ڪُجهه حُسن ان جي اظهار ۾ لڪل هوندو آهي، تنهن ڪري ڪهاڻي ۾ تخيل جي نزاڪت ۽ فني ندرتن سان گڏوگڏ لفظن جو متوازن استعمال ۽ جملن جي ترتيب به ضروري ليکبي آهي. فياض انهن سيني جو خيال رکي ناول جي اصل حُسن کي گهڻي قدر برقرار رکڻ جي جستجو ڪئي آهي. سندس اها محبوب ڪوشش اسان لاءِ ۽ اسان جي هولي لاءِ فخر لائق آهي.

آخر ۾ آءٌ اوريانا فلاچي جي هن ناول لاءِ مختصر لفظن ۾ ايترو ئي چوندس، ته هي ناول پڙهڻ هڪ اهڙي انسان جو خيال آڻڻ/تصور ڪرڻ جي مترادف آهي، جنهن کي اونهي پاڻي ۾ ٻُڏڻ لاءِ اڪيلو ڇڏيو ويو هُجي.

مظهر ابڙو

31 ڊسمبر 2000

اوريانا فلاچي ۽ اڻ چاول پار ڏانهن خط

جڏهن کان هي ڪائنات پنهنجن سموورين سندرتائن، رنگن، رونقن، مادي حقيقتن ۽ سچاين جي روپ ۾ عدم کان وجود ۾ آئي آهي، تڏهن کان وٽي هن ڌرتيءَ جي سندر ۽ وشال سيني تي ڪن اهڙن آدرشي انسانن پئي جنم ورتو آهي، جيڪي فطري ۽ ازلي آزاديءَ جي سونهن ۽ سُرهاڻ جا عاشق رهيا آهن. اهڙن روشن خيال، باشعور ۽ حساس ماڻهن مان اٽليءَ جي شهر فلورنس ۾ 29 جون 1930ع تي جنم ونندڙ برجستي ليکڪا اوريانا فلاچي به هڪ آهي، جيڪا پنهنجي هر تخليق جي آئيني ۾ فني توڙي فڪري حوالي سان نهايت پختي نظر اچي ٿي.

اوريانا فلاچي ادبي ۽ صحافتي دنيا ۾ پير پائڻ کان اڳ سياست سان سلهاڙيل هُئي. هن آدرشي عورت پنهنجي عملي ۽ سياسي زندگيءَ جو آغاز تمام ننڍي عُمر ۾ پنهنجي مهان ۽ آزادي پسند پيءُ سان Underground resistence movement واري انقلابي تحريڪ ۾ شموليت ڪرڻ سان شروع ڪيو جنهن متاثر ڪافي گهرو اثر ڇڏيو ۽ هوءَ به پنهنجي پيءُ جيان پنهنجي عمل ۽ ڪردار ۾ سراپا انسانيت جي آزاديءَ جي علمبردار بڻجي وڏيڪ سياسي، ادبي ۽ صحافتي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳي ۽ پنهنجي ذات جي اعليٰ شعور ذريعي بين انسانن کي فڪري ۽ عملي جدوجهد جو سڏ ڏيندي رهي.

اوريانا فلاچي لکڻ جو آغاز اٽليءَ جي هڪ مشهور اخبار ۾ "Crime Column" جي نالي سان ڪيو ۽ جيئن جيئن هن جي لکڻين ۾ تخليقي پختگي ايندي وئي ۽ هن جي تخليقي صلاحيتن ۽ سچائين کي ڳڻيا ۾ مهانتا ۽ مڃتا جا گل ملندا رهيا، تيئن تيئن هن وڏيڪ

سچائي ۽ ايمانداري سان حالتن جو تجزيو ڪرڻ شروع ڪيو. پوءِ هوءَ ان وقت جي مشهور مئگزين Europco ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪي ۽ غير ملڪي رسالن ۾ سياسي ۽ ادبي ليک ۽ تجزيا لکڻ لڳي.

اوريانا دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي حقن جي حمايت ڪرڻ ۽ انهن جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي سلسلي ۾ مختلف ملڪن جا دورا ڪري ان وقت جي نامياري اڳواڻن، انقلابين، سياستدانن ۽ مذهبي پرچارڪن جي خيالن ۽ سوچن کان واقفيت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪانئن انٽروپوز (Interviews) ڪيا. اهو ئي سبب آهي، جو اوريانا فلاچي کي World's best interviewer جهڙي لقب سان به نوازيو ويو ۽ بعد ۾ انهن Interviews واري ڪتاب " Interview with history" ڇپجڻ کان پوءِ هن دُنيا ۾ تمام گهٽي شهرت ماڻي.

صحافت جي دُنيا ۾ مڃتا ماڻڻ سان گڏوگڏ هن جاکوڙي عورت پنهنجن تخليقي ناولن جي ڪري به ماڻهن جي دلين تي راج ڪيو آهي، ڇو ته صحافت وانگر هن پنهنجن ناولن ۾ به هڪ طرف انسان جي داخلي ۽ خارجي پيڙائن کي پنهنجي انداز ۾ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته ٻي طرف پنهنجي دؤر جي جبر ۽ قهر جو تذڪرو به ڪيو آهي. مثلاً A man سندس اهو ناول آهي، جنهن جي لاءِ هن پاڻ لکيو آهي ته:

> "It is a book about the hero who fights alone for the freedom and for the truth, never giving up and so he dies, killed by all."

A man کان پوءِ هن جي ناول "If the sun dies" به ڪافي شهرت ماڻي، پر "Letter to a child never born" مٿين ٻنهي ناولن کان پنهنجي مواد ۽ فڪر جي حوالي سان منفرد ۽ انوکو آهي. هن ناول ۾ هڪ تنها ۽ وياڪل عورت جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي، جيڪا پنهنجي ڪُک ۾ پلجندڙ ٻار سان گفتگو ڪري ٿي. هوءَ پنهنجي وجود جي سمورين سچائين کان واقف هُئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ذات جي اعليٰ شعور ۽ ادراڪ کان به آشنا آهي، ته وري بي انتها بهادر ۽ جرئتمند پڻ. هوءَ زندگيءَ جي سمورين داخلي ۽ خارجي پيڙائن، تنهائين ۽ تڪليفن

سان گڏ ممتا جي دامن ۾ پلجندڙ احساسن، ماڻهن جي الزامن، ويساهه گهاتين ۽ منافقتن سان به مهاڏو اٽڪائي ٿي، ته سماج جي سياسي، معاشي، اخلاقي حدبندين ۽ ريتن رسمن جي ڇاڻ رکندي هڪ ذميوار عورت جي روپ ۾ به نظر اچي ٿي. زندگيءَ کان ونئي موت تائين ۽ اُن سفر جي وچ ۾ ايندڙ عذابن جي باري ۾ هوءَ پنهنجي ايندڙ ٻار کي سڀ ڪُجهه ٻُڌائڻ سان گڏوگڏ سندس نيستيءَ مان هستيءَ ۾ اچڻ جو فيصلو به اُن تي ٿي ڇڏي، ته هو پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ ۾ آزاد ۽ خودمختيار آهي، ڇو ته هوءَ صرف کيس پنهنجي زندگيءَ جي اٽل تجربن ۽ تڪليفن کان آشنا ڪرڻ جو ئي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

هن خوبصورت ۽ جيءَ کي ڇُهندڙ ناول کي مُنهنجي محبوبن جهڙي دوست فياض لطيف سنڌي ٻوليءَ ۾ جهڙي خوبصورت ۽ منفرد انداز سان ترجمو ڪيو آهي، تنهن لاءِ هن کيرون لهڻيون. آخر ۾ پنهنجي دوستيءَ واري حجت جو حق رکندي آءٌ فياض کان اها فرمائش ٿو ڪريان، ته جيڪڏهن هو A man کي به اهڙي ئي خوبصورت انداز ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ويس پارائيندو ته سنڌي ٻوليءَ تي سندس وڏو وڙ ٿيندو.

مجموعي طور تي "اڇ-ڇاول ٻار ڏانهن خط" دُنيا جي اهڙن شهڪار ناولن مان هڪ آهي، جن کي بار بار پڙهڻ تي دل گهرندي آهي، اميد آهي ته هن نرالي ناول کي پڙهڻ کان پوءِ سنڌي ساهت جي سرت رکندڙ ساڻي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيندا.

ڈاڪٽر مبارڪ جتوئي

19 جنوري 2001ع

ادب، آڇپوءِ ان جو سماجي ڪارج

هن پوري سنسار جي تازگي ۽ تابندگي جو راز تحرڪ ۽ تبديلي ۾ ڪارفرما آهي. ڪائنات جي ڪڪ پن کان وٺي انساني مانڌاڻ جي محرڪن ۽ ڪيفيتن تائين هر احساس ان آمر جو آئينہ دار آهي، جنهن کي آڇپو ڇڏجي ٿو ۽ ان آڇپي جي جمالياتي جوهر سان ئي هن دنيا جون رونقون ۽ رنگينيون قائم ۽ دائم آهن. جيستائين ڌرتيءَ تي زندگي ۽ آڇپي جو احساس موجود آهي، تيستائين تبديلي ۽ تحريڪ جو اهو سلسلو ائين ئي پنهنجي معنائن ۽ سندرتائن سان مؤجزن رهندو ۽ ائين ئي وقت ۽ حالتن جي ڪُڪِ مان نيون نزاڪتون جنم وٺنديون ۽ نيون صداقتون سرجنديون رهنديون.

"ساحل کہ اصل طینش او جوش تشنگی ست،
دریاست درکنار لبش ترنمی شود"

(بيدل دهلوي)

(ڪناري جي سياڻ ۾ اُڃ جو انت هوندو ئي ڪونہ آهي،
توڙي جو درياءَ سندس پاڪرن ۾ هوندو آهي، پر پوءِ بہ هن
جا چپ هميشہ اڃايل ئي رهندا آهن.)

جيئن وقت کي پنهنجون وِٿون ۽ سچائيون آهن، جيڪي پابندين جي هزارين پئدن ۽ سيمائن جي باوجود پنهنجي مقرر سمي تي نروار ٿيڻ لاءِ پنهنجي وجود ۾ بي قرار ۽ بي نياز هونديون آهن، تيئن ئي جياپي کي بہ پنهنجون حقيقتون ۽ حُسناڪيون آهن، جيڪي بنا ڪنهن جي سهائتا جي محتاج هجڻ جي، پنهنجي فطرت ۾ اڻ ٽر ۽ ازلي هجن ٿيون، ۽ انهن جياپي جي صداقتن ۽ وقت جي وِٿن جو پاڻ ۾

ايترو ئي گهرو سهنڌ هجي ٿو جيترو گل ۾ خوشبو جو جيترو آئيني ۾ عڪس جو جيترو آواز ۾ پڙاڏي جو ۽ جيترو انسان ۾ ان جي اظهار جو.

"It is all existence of feelings that brings out the tender colours of life in its purity". *(Shelly)*

(اهو احساسات جو وجود ئي هُجي ٿو جيڪو زندگيءَ جي ڪومل رنگن کي پنهنجي پوري پوتر تا سان نروار ٿو ڪري)

جڳ مشهور ڏاهي مارڪس جي راءِ موجب، هُئڻ (Being) کان پوءِ فڪر (Thinking)، فڪر کان پوءِ عمل (Practice) ۽ عمل کان پوءِ نظريو (Theory) جنم وٺندو آهي. تنهنڪري سڀ کان اول وقعت وجود جي هجي ٿي ۽ اهو فردي وجود ئي سماج کي جنم ڏئي ٿو. اسين جڏهن انسان جي وجودي اتهاس کي اڀياس هيٺ آڻيون ٿا، تڏهن ان جي فڪري، سماجي، عملي ۽ نظرياتي اوسر جا مرحلا ۽ مختلف تبديليون جون مسافتون طئي ڪرڻ کان پوءِ ان نقطي تي نظر اچن ٿا، جنهن کي سماجي اظهار جي تادیبي تاريخ سڏجي ٿو ۽ سماجي تاديب جي تاريخ پنهنجي وجود ۾ انساني عملن، جذبن، احساسن، امنگن، فڪرن ۽ جمالياتي جوهرن جو اهو رڪارڊ آهي، جنهن جي مجموعي کي ادب چئجي ٿو.

ادب بابت مختلف وقتن ۾ مختلف مڪتبِ فڪر جي ماڻهن، مختلف وضاحتون ۽ وصفون پئي بيان ڪيون آهن، ڪن جي خيال موجب، ادب، تبليغ ۽ پروپيگنڈا جو هڪ ذريعو آهي. ڪن جي فڪر مطابق ادب، خيالي دنيا جو هڪ طلسمي ڪاڪ محل آهي، جنهن ۾ دنياوي صداقتن بدران مبالغي آرائيءَ جي عنصرن جي وڌيڪ اُپٽار ٿيل هوندي آهي ۽ اهو فقط ڪُجهه لمحن جي وندر ميسر ڪرڻ کان سواءِ ڪو ٻرپور سماجي ڪردار ۽ ڪارج ادا ڪري نه سگهندو. ٻر اصل ۾ ائين ٻنهه ڪونهي. ادب، تبليغ ۽ طلسمي اظهار کان وڌيڪ تصدق ۽ تشفي جو حامل هُجي ٿو. ادب جيڪڏهن صرف تبليغ، طلسم ۽ پروپيگنڈا جو ذريعو هُجي ها، ته پوءِ دنيا ۾ وڏا شاهڪار صرف اهي پرچا، اخبارون ۽ پمفليٽ هُجن ها، جن وقتي طور استالن ازم ۽ نازي ازم کان وٺي ٻين ڪيترن ئي نهاڻ نهاد سياسي ۽ استحصالي تنظيمن جو تبليغي ڪردار ادا ڪيو.

حقيقت ۾ ادب جو مقصد انساني زندگي جي تاديب، تهذيب، فڪري ترقي ۽ عملي تازگي آهي، انهيءَ ڪري ئي ادب، سماج جي آرسي به آهي ته علامت به، تاريخ به آهي ته ان جي عملي مظهر جو محرڪ به. ادب جي ان ڪارج ڪارڻ ئي ميٿو آرنولڊ جهڙي مفڪر ۽ نقاد ادب کي زندگي جي تنقيد ڪوٺيو آهي. زندگي جيئن ته اها تحرڪ ۽ ترقي پذير حقيقت آهي، جنهن جو هر لمحو جياپي جي مشاهدن، تجربن، تلخين ۽ ڪيفيتي صداقتن مان گذرڻ کان پوءِ هڪ اهڙي تخليقي حقيقت کي جنم ڏئي ٿو جيڪا پنهنجي جوهر ۾ سچ جو جدلياتي عنصر رکندڙ هوندي آهي، تنهنڪري سماج لاءِ ادب جو اهو اظهار ۽ فڪر ئي قلدائڪ ثابت ٿيندو جيڪو ترقي پسند خيالن، ويچارن، احساسن ۽ جمالياتي صداقتن تي مبني هوندو ۽ اهڙن ئي تخليقي ويچارن تي مشتمل تحريري فن پارن جي افاديت ۽ اهميت جو اقرار ڪندي گورڪي لکيو آهي ته،

"It is to books that I owe every thing that is good in me. Even in my youth I realized that art and literature is more generous than any thing else in the universe."

(مون ۾ جيڪا به سُڻائي آهي، اها ڪتابن جي بدولت ئي آهي، مون جواني ۾ ئي چاٽي ورتو هو ته ڪائنات جي هي هرڇيز جي نسبت، ادب ۽ آرٽ ئي سخي هُجن ٿا)

ادب، ان ڏي، ان آئت، ان احساس ۽ ان خيال جي خودي ۽ سرمستي آهي، جنهن ۾ انسان ڏونگرن جون ڏکائيون ۽ پير پٿون ڪندڙ پيچرا هيڪل ئي ڏورينديءَ پٽ ڏٽيءَ جيان پاڻ سان، پرينءَ کي هم سفر سمجهندو آهي.

"هيڪلياڻي هيل، پورينديس پنهونءَ ڏي،
آڏا، ڏونگر، لکيون، سوريون سُڃن سيل،
ته ڪُر ٻيلي آهن ٻيل، جي سور پريان جا ساڻ مون.

ادب، داخلي احساسن، خارجي حالتن، فني ۽ فڪري باريڪين ۽ جمالياتي رنگن جي اظهار جو اهو حسين ۽ پراثر امتزاج آهي، جنهن

جي بنياد تي ئي قومن جي تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جو انحصار هُجي ٿو. جيڪي قومون پنهنجي ان تاريخي ورثي کان وانجهيل هونديون آهن، انهن جو وجود ان معذور فرد جيان هوندو آهي، جيڪو ترقي جي تيز رفتار دوڙ ۾ پاڻ ملهائي نه سگهندو آهي، ۽ هميشه شڪست خورده رهندو آهي.

ادب جا فڪري ۽ سماجي طور ٻه وڏا ۽ اهم ڪارج هوندا آهن، يعني عڪاسي ۽ اصلاح. عڪاسي مان مراد اها آهي، ته جيئن سماج آهي، ان جو آئينو پيش ڪرڻ ۽ اصلاح جي معنيٰ آهي، جيئن سماج هُئڻ گهرجي. ان جو عڪس ۽ تخيل پيش ڪرڻ. پهرين جو تعلق سماج جي عملي سرشتي جي خارجي پهلوءَ سان آهي ۽ ٻي جي وابستگي، معاشري جي داخلي ۽ احساساتي دنيا ۽ سماجي عملن جي تعميري ۽ فڪري اتهاس سان آهي. جتي ادب ايتري وقعت ۽ افاديت جو حامل آهي، اتي اديب ۽ سرجڻهار جي اڏولتا ۽ عظمت ان کان ٻيٽي ميتا ۽ محبوبيت جي مستحق هُجي ٿي، ڇو ته اديب، سماج جو اهو- سُجاڻ ۽ پارکو فرد هُجي ٿو جنهن جي فڪري، علمي ۽ عملي توسط سان، ان پوري تخليقي سرشتي جو عمل وجود ۾ اچي ٿو جنهن کي ساهت ٿو چئجي ۽ ان ساهت جو سرجڻهار هڪ ئي وقت ذي روح، ذي شعور، ذي حواس ۽ صاحب نظر هئڻ کري، سماج جي ٻين فردن جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ ذميوار سُرَت پريو ۽ سگهارو هُجي ٿو ۽ سندس ان سگهه ۽ سُرت جو اصل ڪمال، آپ بيتيءَ کي جڳ بيتي بنائڻ هوندو آهي.

"Our existence has always and every where been tragic, but man (writer) has converted these numerless tragedies into works of art". (Gorky)

(اسان جو وجود هميشه ۽ هر جاءِ تي دُکن جو داستان پئي رهيو آهي، پر اهو صرف سرجڻهار ئي آهي، جنهن انهن اڻ ڳڻئي المين کي آرٽ جي شاهپارن جو روپ عطا ڪيو آهي.)

اٽلي جي انوکي قلمڪاره اوريانا فلاچي ٻه هڪ اهڙي گهڻ رُخي ۽ سگهاري سرجڻهار آهي، جنهن جيانپي جي زخمن کي لفظن جي زبان ڏئي، پنهنجي ذات ۽ ڏاڻءِ جي ڪمال خوبي سان اهڙا املهه فن پارا

تخليق ڪيا آهن. جن ادب جي دنيا ۾ نہ صرف فڪر جا نوان دروازا کوليا آهن، پر انهن آدم ذات جي عذابن ۽ پيڙائن جي ازالي ۾ پنهنجو پرپور ڪردار ب ادا ڪيو آهي. صحافت جي پٽريلي پيچرن کان وٺي ادب جي فڪري ۽ تخليقي مرحلن تائين، اوريانا اها سرفروش ۽ خوددار ليکڪا آهي، جنهن هميشہ پنهنجن لکڻين ۾ پنهنجي راءِ جي اظهار کان وٺي پنهنجي ذاتي اوڙائين جي اقرار تائين ثابت قدمي ۽ سچائي جو عملي ثبوت پئي پيش ڪيو آهي.

اهو هينري ڪسينجر هجي يا جنرل گياپ، ياسر عرفات هُجي يا ذلفي ڀٽو اندرا گانڌي هُجي يا رضا شاهہ پهلوي، پر فلاچي پنهنجي راءِ جي اظهار ۾ ايتري ئي خوددار ۽ بيباڪ رهي آهي، جيتري هوءَ پنهنجي محبوب ۽ عاشق پيناگولس جي عشق جي اقرار ۾ بي خوف ۽ ڪري آهي. هن جي تخليقي ڪاوشن ۾ "If the sun dies, the rage and price, Insha Allah, the force of reason, the useless sex, Letter to a child never born, interview with history, nothing and so be it ۽ Aman" قابلِ ذڪر آهن، پر انهن مان خاص ڪري سندس پوين ٽن ڪتابن پنهنجي فڪري سگهہ ۽ فني سُندرتا سبب سڄي دنيا ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي.

سندس ڪتاب "Interview with history" دنيا جي 14 عالمي شهرت يافتہ ۽ مختلف مڪتبِ فڪر جي شخصيتن جي انٽرويوئن تي مشتمل اهو مجموعو آهي، جيڪو انٽرويو جي حوالي سان تہ پنهنجي وجود ۾ جاندار ۽ پرپور آهي، پر ان ۾ هر شخصيت تي اوريانا جا لکيل ذاتي تاثر ۽ مشاهداتي خاڪا پڙهندڙن ۽ پروڙيندڙن جا ڪپاٽ کولي ڇڏيندڙ آهن. باقي سندس ٻئي ناول 'A man' ۽ 'Letter to a child never born' فلاچيءَ جي ان فڪر، جذبات ۽ سندس ننڍ ۽ بيداريءَ جي احساسن جو حسين حصو آهن، جيڪي هُن يونان جي مزاحمتي تحريڪ جي سرواڻ پيناگولس جي پيار، اشتياق ۽ انتظار ۾ محسوس ڪيا ۽ ان جي حاصلات کان پوءِ ان جا نتيجا، تجربا ۽ تلخيون پوڳيون آهن.

هوءَ تيز نظر ۽ ابابيلن جهڙو نفيس روح رکندڙ رولاڪ صحافي

اوريانا، باغي اڳواڻ پيناگولس (جيڪو طويل اذيتناڪ اسيري کان پوءِ آمر پاپادو پولس جي قهري قيد مان آزاد ٿيو هو) جو 1983ع ۾ وئي ته انٽرويو ڪرڻ هُئي، پر جسماني طور ڪمزور ٿي ويل، ان عزم جي پڪاڻ ۾ شاعرانہ مزاج رکندڙ شخص جي عشق جي اسير ٿي موٽي، جيڪو هميشہ چوندو هو ته،

"Politics is a duty and poetry is a need."

(سياست فرض ۽ شاعري ضرورت آهي.)

اوريانا پهرين ملاقات ۾ ئي پينا گولس جي ڪردار قرباني ۽ قرب کان ايترو ته متاثر ٿي، جو سندس جدوجهد، قيد جي صعوبتن، سندس ثابت قدمي ۽ ساٿس شديد محبت جي پسمنظر ۾ "A man" جهڙو ڪلاسڪ ناول تخليق ڪري ورتائين.

پنهنجي احساسن جي مسافت ۾ خانہ بدوش ۽ گهاٽ گهاٽ جو پاٽي پيتل ارڏي اوريانا جي اندر ۾ ان ميسح جهڙي اڏول ۽ انوکي انسان پيناگولس لاءِ چاهت جي چٽنگ، ان محبوب ڪتاب "A man" جي تخليق کان پوءِ به مائي ڪونہ ٿي ۽ هن ساٿس معاشقي جي تڪميلي ۽ جسماني سنجوڳ جي صداقت ۽ ان کان پوءِ پيدا ٿيندڙ صورتحال جي پيڙائيندڙ احساساتي تجربن ۽ لونءَ ڪانڌاري چڌيندڙ ويچارن تي مبني ناول"Letter to a child never born" لکيو جنهن ادبي دنيا جي جهجهي انگ جي جيءَ کي نہ صرف جنجهوڙيو آهي، پر هر پڙهندڙ جي دل جي دروازي تي الاهي اوجاڳيل ۽ مضطرب سوالن جي دستڪ بہ ڏني آهي.

هي ناول، محبت جي سرمدي عمل جي سنجوڳ جي نتيجي ۾ ڪُک ۾ جنم ونڊڙهار جي وجود کان شروع ٿي، سنسار جي تخليق، ان جي تلخين، حُسناڪين ۽ حقيقتن جي پيچرن تان گذرندو سماجي روين جي ڪنورتا، ان جي دقيانوسي رواجن ۽ اصولن جو عڪس پسائيندو اُتي اختتام ڪري ٿو جتي محبت، رشتا، رفاقتون، تعلق ۽ تشنگيءَ جون سيئي رمزون فريب ٽيون پاسن. جتي ڏيڍ آڌت ۽ سماجي اُنس جا سيئي سُهنڊ صليب بڌجي ٽا وڃن، ۽ انهن سيني کي پوڳڙ ۽ برداشت ڪرڻ لاءِ هڪ عورت جي زندگي ئي وڃي رهي ٿي، جيڪا جهان جي هن جُوا خاني ۾ مڪار متلاشين وٽ سڀ ڪُجهہ هارائڻ کان

پوءِ بہ آڇپي جي اُمنگ ۾ آسروند ٿي رهي. توڙي جو هن ناول جي نائڪا جي ڪُک ۾ جنم وٺندڙ ٻار هن دنيا ۾ اڇڻ کان اڳ ئي پيٽ جي اونداهي ۾ اجل جو ٻَڪُ ٻڌجي ٿو وڃي، پر اوريانا هي ناول لکي، اڻ ڄاول ٻار کي هن دنيا ۾ نہ صرف احساساتي طور جنم ڏيڻ ۾ سوياري ٿي آهي، پر ادبي اتهاس ۾ ڪيس امر ۽ لازوال آڇپوبہ عطا ڪري ڇڏيو آهي.

هن ناول جي وڏي خوبي اها آهي، تہ هي پنهنجي پوري احساساتي ۽ فڪري سفر ۾ پڙهندڙ کي نہ رڳو ساڻ کڻي هلي ٿو پر ان سان گڏ اظهار ۽ بيان ۾ جيڪي ڪيفيتون ۽ سوال جنم وٺن ٿا، اهي ڪيس فڪر ۽ سوچ جي ڏورانهين وادين ۽ ويچار ڌارائن جي لهرن ۾ لوڙهي ڇڏن ٿا، مون جڏهن هي ناول پهريون پيرو پڙهيو هو تڏهن آءٌ بہ ڏينهن تائين ان جي فڪري ۽ احساساتي سحر ۾ جڪڙيل رهيو هُئس ۽ ان جي ڀرپور احساساتي ۽ فڪري سرمدي ئي، مون کي هن ناول جي سنڌي ۾ ترجمي تي اُتساهيو آهي. مون اوريانا جي هن ناول جو جان شيفلي (John Shephley) جي انگريزيءَ ۾ ترجمي ڪيل "Letter to a child never born" تان سنڌيءَ ۾ "اڻ ڄاول ٻار ڏانهن خط" جي سري سان اُلٿو ڪيو آهي. مون پنهنجي طور تي ناول کي ان جي اصلوڪي خيالن، جذبن ۽ احساسن جي روح سميت سنڌي ۾ منتقل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، پر اڃان بہ جيڪڏهن ڪنهن پارکو ۽ سڃڻ کي ڪا ڪمي نظر اچي، تہ ان جي نشاندهي ۽ اصلاح لاءِ مُنهنجي دل جي خلوص ۽ آڇيان جو دوار هميشہ ڪُليل رهندو.

فياض لطيف

18 جنوري 2001

ٻئي ڇاپي لاءِ ٻه اکر

ڪجھ ڪتاب ڪٻٽن ۾ سجائي رکڻ لاءِ هوندا آهن. ڪجھ پڙھڻ لاءِ. ڪجھ پڙھي ٻين کي ڏيڻ ڇڏڻ لاءِ هوندا آهن. ڪي هڪ ٻيرو پڙھڻ کان پوءِ رکي ڇڏبا ءِ ڪي بار بار پڙھڻ جھڙا هوندا آهن. ڪجھ ڪتاب پڙھڻ کان پوءِ وسري ويندا آهن. ڪجھ پڙھي، انھن کي وسارڻ جي ڪوشش ڪبي آهي، پر وسري نہ سگھندا آهن. ڪي هڪ دفعو پڙھڻ سان ئي سمجھ ۾ اچي ويندا آهن. ڪي بار بار پڙھڻ کان پوءِ ٻہ سمجھي نہ سگھبا آهن.

ڪجھ ڪتاب ماڻھوءَ کي وکيري، ڀيڄي، پوري ءِ ماري وجھندا آهن. تہ ڪجھ ڪتاب وکريل ءِ اُجڙيل ماڻھوءَ کي ميڙي، جوڙي ءِ جيئاري وجھندا آهن. ڪجھ ڪتاب ننڊ ڏيندا آهن. تہ ڪي ننڊ ڪسي اوجاڳا ڏيندا آهن.

اوريانا فلاچيءَ جو هي ناول، "اٽ ڇاول ٻار ڏانھن خط" هڪ اھڙو ڪتاب آهي، جنھن مون سميت ڪيترن ئي ماڻھن (جن ان کي پڙھيو ءِ پُرجھيو آهي) کي، نہ صرف احساساتي طرح ڀڳو پوريو جھوريو ءِ جنجھوڙيوآهي، پر سنڊن چين ءِ سڪون کسي، بي چين ڪيو ءِ کين ڪيترين راتين جا اوجاڳا ڏنا ءِ عجيب نوع جون پوڳنائون ارپيون آهن.

هن ناول ۾ گھٽا لُڙڪ ءِ ٿوريون مُرڪون آهن. اصل ۾ هي ناول هڪ اھڙي خود ڪلامي آهي، جنھن ۾ لفظن جي متي، سورن جي لُڙڪن سان ڳوهيل آهي. هي ناول فقط هڪ فرد جو نوحو نہ آهي، پر زندگيءَ جي سورن جي سئمفيني ءِ سُڌڪو آهي، جيڪو اندر ۾ سانڍي ءِ سانيپي رکي نہ ٿو سگھجي، پر ان کي اظهاري ءِ اوري ئي ان درد ءِ اذيت مان آزادي ماڻي سگھجي ٿي، جيڪو درد دل جو رَتُ پيئندو آهي.

مون هي ناول اڄ کان ڇهه سال اڳ 2001ع ۾ پڙهيو هو ۽ پڙهڻ کان پوءِ ان کي ترجمو ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو هوس. ناول ان سال ئي موهن جو ڏڙو پبليڪيشن لاڙڪاڻو ڇپايو هو. ان دوران مون ٻه ڀيرا ناول پڙهيو پهريون دفعو جڏهن اهو منهنجو پڙهيل نه هو ۽ پڙهيم. ۽ ٻيو ڀيرو ترجمو ڪرڻ بعد پڙهيم. ترجمي دوران مون نه رڳو ان جو ورق ورق پڙهيو. پر سچ ته شايد ائين پوڳيو ٻه. جيئن لکڻ وقت اوريانا فلاچي درد جي درياءَ ۾ ٻُڏي ۽ اُپڙي، اهو سمورو سور سِرجيو هو. ايترن سالن گذرڻ کان پوءِ اڄ وري ٽيون ڀيرو هي ناول تڏهن پيو پڙهان، جڏهن ان جو ٻيو ايڊيشن روشني پبليڪيشن آڻي رهي آهي. ان سڄي عرصي ۾ مون کان ناول ڪڏهن ٻه نه وسريو آهي، پر ان جو احساساتي ڪرب 'ڀڳي هڏ جيئن' سدائين ساڻ ۾ رهيو آهي.

درد جي ڪائي موسم نه ٽيندي آهي، درد ته زندگيءَ جيان سدا سائو هوندو آهي. هر روز 'سور' هڪ نئين صلي جيان سِرجندو، اُسرندو ۽ نِسرندو آهي. البته سُک موسمي هوندا آهن. اهي گهڙي - پل لاءِ گل وانگر ٽِڙندا، مُرڪندا ۽ پوءِ مُرجهائجي ويندا آهن.

هي ناول ڪائي طلسمي ڪٿا نه آهي، پر زندگيءَ جو ڪرب ۽ آڳ جو هڪ درياءَ آهي، جيڪو عورت جي ناتي اوريانا اڪيلي سر نه فقط پوڳي ٿي، پر اهو زندهه دلي ۽ باضميريءَ سان اوري ۽ اظهاري به ٿي.

ناول جو ڇهريون ڇاپو ڇپجڻ بعد ٿوري عرصي اندر ئي وڪامي ويو ۽ ماٺهن ان جي ٻيهر طلب ڪئي هئي. مون چاهيو پئي ته ان جو ٻيو ايڊيشن اچي، پر ڪوشش باوجود اهو ممڪن ٿي نه سگهيو. ان جا ٻه اهم سبب هئا. هڪ ته ڇهرين ڇاپي ۾ پبلشر يا پيسٽنگ واري کان ناول جي ٽين باب وارا صفحا رهجي ويا هئا. (توڙي جو ناول پڙهندي ڪنهن عام پڙهندڙ کي اهي شايد نه ڪُتڪيا هجن، پر ڪيترن پڙهندڙن ان معمولي ڪميءَ کي مون جيان شدت سان محسوس ڪيو هوندو.) جيڪي مون ٻيهر ترجمو ڪري ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ ٿي چاهيا، پر پنهنجن مصروفيتن سبب، اهي ڪري نه ٿي سگهيس. ٻيو ته ناول جي ڇپجڻ بعد ان ۾ رهجي ويل پروفن جي غلطين کي پڌ درست ڪرڻ ٿي چاهيو، جيڪي وقت نه ملڻ ڪري نه پئي ڪري سگهيس.

هن ناول جي حوالي سان اهي ٻئي ڪم جيڪي آءٌ اڳ ڪري نه سگهيو هوس، هن ٻي ايڊيشن ۾ روشني پبليڪيشن جي نوجوان دوست وڪي (وقاص گانگهري) مون کان پنهنجي قربائتي حجت سان ڪرايا آهن. انهيءَ ڪري هن ٻي ايڊيشن جو سمورو 'ڪريڊٽ' هن ڏانهن ئي وڃي ٿو.

هن ناول جو مهاڳ لکڻ لاءِ آءٌ سيبتي ڪهاڻيڪار ناول نگار ۽ سُڃاڻ شاعر دوست مظهر ابڙي جو ٿورائتو آهيان. پنهنجي پياري ۽ عزيز دوست ڊاڪٽر مبارڪ جتوئي جا وڏا وڙ جنهن ناول ۽ اوريانا تي پنهنجن مفيد خيالن جو اظهار ڪيو آهي. سُڃاڻ مترجم انعام شيخ جا ٻڌ ٿورا، جنهن بيڪ ٽائيٽل تي ترجمي جي حوالي سان پنهنجا ڪارائتا ويچار ونڊيا آهن. آءٌ مڙني دوستن جي راين کي قدر جي نگاهه سان ڏسان ۽ قبول ڪريان ٿو ڇو ته آءٌ ان خيال جو آهيان ته، مثبت تنقيد ئي اڳتي وڌڻ جي سفر جون راهون هموار ۽ آسان ڪندي آهي.

اميد ته ناول ۾ گهربل ۽ ضروري اضافن کان پوءِ، جيڪو ربط برجستگي ۽ تسلسل پيدا ٿيو آهي، سُڃاڻ پڙهندڙ انهيءَ مان سنو لاپ حاصل ڪندا.

فياض لطيف
21 سيپٽمبر 2017ع
لاڙڪاڻو



"Some people say that the writer in his writing was not to be himself, he was to be a symbol, but in my vision the work of genuine writer is a moving, breathing and sound filled picture of his time. It is also a self portrail, vivid and inclusive."

(Yevegny Yevtushenko)

(ڪُجھ ماڻھن جي راءِ آھي تہ ھڪ سرجڻھار پنھنجي تحريرن ۾ بذات خود ڪونہ ھوندو آھي. ھن جي حيثيت فقط تمثيلي ھُجي ٿي، پر مُنھنجو خيال آھي تہ ھڪ سچي سرجڻھار جون تخليقون سندس دؤر جي متحرڪ، پُرآواز ۽ زنده تصوير ھُجڻ سان گڏوگڏ ھن جي چٽي تصوير ۽ آپ بيتي پڻ ھونديون آھن.)

1

• مون کي ڪالهه رات ئي تنهنجي هستيءَ جي موجودگيءَ جو پتو پيو. تنهنجي هستي، جيڪا عدم مان هڪ قطري جي صورت ۾ زندگي جو روپ اختيار ڪري چُڪي هُئي. مان ڪٿ تي آهلي پئي هيس ۽ مُنهنجا ڪليل نيٽ سياهي ۾ گهوري رهيا هُئا. اچانڪ اتي مون کي تنهنجي هُئڻ جو يقين ٿيڻ لڳو. تنهنجو هُئڻ مُنهنجي هنئين ۾ ڪنهن بندوق جي چُري جيان لڳو ۽ مُنهنجي دل ٻڏي وئي. ٿوري ويرم کان پوءِ جڏهن اها ٻيهر سامت ۾ آئي، تڏهن ائين محسوس ٿيم. ته جڏ آءٌ ڪنهن اهڙي اونهي کوهه ۾ ڪِري پئي آهيان. جتي هر شئي ڏُنڌلي ۽ دهشتناڪ هُجي. جتي ڏپ مُنهنجي وجود جي نس نس کي پگهرائي چڏيو هُجي. اهو ٻين ماڻهن جو ڏپ نه هو. مان ماڻهن جي پرواهه ڪونه ڪندي آهيان. اهو خدا جو خوف به نه هو. چو ته مان ناستڪ آهيان. اهو درد جو خوف به نه هو. چو ته مان تڪليف ۽ درد کان گهبرائڻ واري به ڪونه آهيان. اهو صرف تنهنجي هُئڻ جو هُورُ ۽ انهن حالتن جي الميئي جو دردُ هو. جن تنهنجي هستيءَ کي نيستيءَ مان نپوڙي، مُنهنجي جسم جو حصو بنائي چڏيو آهي.

آءٌ ڪڏهن به تُنهنجي آمد جي آرزومند ڪونه رهي آهيان. توڙي جو الاهي عرصي کان مون کي اُها سُڌ به رهي آهي، ته تون ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن وجود ونڊي سگهين ٿو. ان خيال ڪري مون کي تنهنجو اُلڪو به پئي رهيو آهي، پر ان جي باوجود مون هر لمحي پنهنجو پاڻ کان هميشه لونءَ ڪانڊارينڊ سوال پئي ڪيا آهن. تو جيڪڏهن پيدا ٿيڻ نه چاهيو ته پوءِ چا ٿيندو؟ تو جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن مون کي مِهٽو ڏئي وڌو ته "توکي ڪنهن چيو هو ته مون کي پيدا ڪر؟ تو کهڙي منشا تحت مون کي هي ڏيهه ڏيکاريو ٻُڌاءِ نه..... چو ڪيئي پيدا"، ته پوءِ چا ٿيندو؟

ٻڇڙا! زندگي هڪ اهڙي جستجو هڪ اهڙي جنگ جيان آهي، جيڪا هر روز نئين سر لڙڻي پوندي آهي. ان ۾ خوشين جا لمحا ڏاڍا مختصر ۽ محدود هوندا آهن، جن جي به ڏاڍي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي.

آءٌ اهو ڪيئن ٿي ڄاڻي سگهان، ته توکي جنم ڏيڻ ۾ ئي تنهنجو پلو آهي يا هن دنيا ۾ اچڻ کان عدم واري جاءِ تولاءِ بهتر رهندي؟ تون مون سان ڳالهائي به ته ڪونه ٿو سگهين! تنهنجي زندگي جو قطرو فقط هڪ ذرڙو ئي ته آهي، جيڪو مشڪل سان هينئر ئي جُڙڻ لڳو آهي. يقيناً اُن کي زندگي نه ٿو چئي سگهجي، پر اهو زندگيءَ جو امڪان ضرور آهي. مون کي اميد آهي، ته تون ڪنهن چرپر يا علامتي انداز ۾ ئي مُنهنجي مدد ضرور ڪندين. مُنهنجي ماءُ چوندي آهي، ته مون به سندس ڪُکِ ۾ پاڻ محسوس ڪرايو هو تڏهن ئي هن مون کي هن دنيا ۾ آڻڻ جي جرئت ڪئي هُئي.

توکي اها سُڌ هُئڻ گهرجي، ته مُنهنجي ماءُ به مون کي پيدا ڪرڻ نه ٿي چاهيو. مُنهنجي تخليق جي ڪهاڻي به هن وجودن جي لاپرواهه سنجوڳ جو نتيجو آهي، جن ڪڏهن به مُنهنجو جنم ڪونه ٿي چاهيو ۽ انهيءَ ڪري ئي مُنهنجي ماءُ هر رات گلاس پاڻيءَ ۾ ڪُجهه دوائون ملائيندي هُئي ۽ اهو روئي روئي پي ڇڏيندي هُئي. هوءَ اُن رات به روز جي معمول جيان دوا مليل پاڻي پيئڻ واري هُئي، جو مون سندس ڪُکِ ۾ پنهنجي هُئڻ جو احساس ڏيارينديِ، کيس وينتي ڪئي هُئي، ته مون کي ضايع نه ڪري ۽ هن پنهنجي ڇپن تائين آندل پاڻيءَ جي گلاس کي موٽائي هيٺ پٽَ تي هاري ڇڏيو هو ۽ ڪُجهه مهينن کان پوءِ آءٌ پيدا ٿي هيس. اهو صحيح هو يا غلط تنهن لاءِ آءٌ وٹوق سان ڪُجهه به چئي نه ٿي سگهان، ڇو ته آءٌ جڏهن پُرمسرت هوندي آهيان، تڏهن سمجهندي آهيان، ته اهو صحيح هو، پر جڏهن غمگين هوندي آهيان، تڏهن لڳندو اٿم ته اهو غلط هو. ان جي باوجود به مون پنهنجي مصيبت زده ۽ زندگي جي المناڪ لمحن ۾ ڪڏهن به پنهنجي پيدائش تي پڇتايو ڪونهي، ڇو ته 'نه هُئڻ' کان وڌيڪ بدتر دنيا ۾ ڪائي شيءِ ڪونه آهي.

مون کي اهو وري ٻيهر واضح ڪرڻ ڏي، ته آءٌ درد کان ڊڄڻ واري ڪونه آهيان، ڇو ته درد اسان سان گڏ جنم ونندو آهي. اسان سان گڏ وڌندو ويجهندو ۽ جوان ٿيندو آهي ۽ اسان ان جي سهڪار جا پنهنجي

بن هٿن ۾ پيرن جي حقيقت جيان عادي ٻڌجي ويندا آهيون. سچ پُڇين، تہ ٻچڑا مون کي موت جو ڊپ ٻہ بلڪل ڪونهي، ڇو تہ موت جو مطلب، اهو هُجي ٿو تہ توهان ناموجود کان نجات پائي، گهٽ ۾ گهٽ ڪڏهن وجود تہ ورتو هو. آءٌ سچ پچ جنهن کان خوفزده آهيان، اهو ناموجود، نہ هُئڻ ۾ ڪڏهن ٻہ وجود نہ ونڊي سگهڻ جو ڊپ آهي، جيڪو پلي ڪٽي ڪنهن حادثي، ڪنهن جي غلطي يا بي احتياطي جو نتيجو ٿي ڇو نہ هُجي. ڪيترين ئي عورتون خود کان اهو سوال ڪندين آهن، تہ هو پنهنجي اولاد کي هي ڏيهہ ڇو ڏيڪارين؟

صرف ٻکون ۽ سرديون برداشت ڪرڻ لاءِ؟

دوکا کائڻ ۽ تذليل سهڻ لاءِ؟

فقط مرضن ۽ مرڻ ۽ لڙائين ۽ قتل ٿيڻ لاءِ؟

انهن کي ڪڏهن ٻہ اهو يقين ڪونہ ايندو آهي، تہ ڪڏهن انهن جي هارن جي فاقہ ڪشي ختم ٿيندي، انهن جي سيءَ ۽ ڏکندڙ لڳن کي ڪو ڪيڙو نصيب ٿيندو. ڪڏهن زندگي ۽ سندن اولاد کي ڪو مقام ۽ مرتبو ٻہ حاصل ٿيندو ۽ ڪڏهن هو پنهنجي جيون جي جستجو سان جنگ ۽ بيمارين جو انت آڻڻ ۽ سوياراٻہ ٿي سگهنا !. ٿي سگهي ٿو انهن جو خيال صحيح ٻہ هُجي، پر ڇا نيستيءَ کي پيڙا جي نسبت وڌيڪ اوليت ڏئي سگهجي ٿي؟

آءٌ توڙي جو پنهنجي خوابن جي ناڪامين، محرومين ۽ جيون ۾ جي پيڙائن تي، نير وهائيندي رهي آهيان، پر پوءِ ٻہ نيستي بدران مون هميشہ ڏُکن کي ترجيح ڀئي ڏني آهي ۽ اڄ ٻہ مون کان جيڪڏهن ڪوئي پيدا ٿيڻ ۽ نہ ٿيڻ جي چونڊ مان ترجيح جي باري ۾ راءِ دريافت ڪندو تہ مُنهنجي وجود جي نس نس مان پيدا ٿيڻ جي اقرار جو آواز ڪيس ٻُڌڻ ۾ ايندو، پر ان جو مطلب اهو بنهہ ڪونهي، تہ اهي سيئي دليل تو تي مسلط ڪري، آءٌ توکي هن دنيا ۾ آڻڻ ٿي گهران، يا توکي جنم ڏئي پنهنجي يا ڪنهن ٻي جي غرض جي خواهش جو پورائو ڪرڻ ٿي چاهيان. اهڙي مون کي ڪائي لوڙ ڪونهي، جنهن لاءِ توکي ڏال ٻڌايان، تنهنڪري مون کي تُنهنجي ڪائي ضرورت ڪونهي.

❖

2

• تو مون کي ڪائي ورندي ڪونہ ڏني آهي. نہ ئي ڪو اشارو ڏنو اٿئي، پر ان ۾ تنهنجو ڪو ئي قصور بہ تہ ڪونهي. توکي سرجيئي ايجان چند ساعتون ئي تہ گذريون آهن. آءٌ جيڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر کان تنهنجي تصديق جي طلب ڪندیس، تہ اهو بہ يقيناً مُنهنجي ان عمل تي مُرڪي پوندو. پر مون فيصلو ڪري ورتو آهي، تہ آءٌ توکي ضرور جنم ڏينديس ۽ مون اهو فيصلو توکي هڪ تصوير ۾ ڏسڻ کان پوءِ ڪيو آهي.

اها هڪ عورت جي پيٽ ۾ ٽن هفتن جي ٻار جي تصوير هُئي، جيڪا "زندگي جي اوسر" جي عنوان واري مضمون سان گڏ هڪ رسالي ۾ ڇپي آهي. ان تصوير کي جيئن ئي آءٌ غور سان ڏسي رهي هُيس، تہ اوچتو مُنهنجو ڊپ ايترو تيزيءَ سان ختم ٿيڻ لڳو جيترو تيز رفتاري سان اهو ڪنهن لمحي مون ۾ پيدا ٿيو هو. تون ان تصوير ۾ هڪ شفاف ۽ پُراسرار گل جيان پئي لڳين. مٿئين حصي کي تُنهنجو متو ۽ ٻن اُپارن واري جاءِ کي آساني سان تُنهنجو دماغ تصور ڪري سگهجي ٿيو ۽ هيٺيون حصو جنهن تي هڪ نہ هڪ ڏينهن تنهنجي ڇهري ٻڌجي وڃڻ جو يقين ٿي ٿيو. مضمون جي مواد موجب ٽن هفتن جو ٻار وڏ ۾ وڏ هڪ انچ جي اٽين حصي جي برابر هوندو آهي، جنهن کي نظر سان مشڪل ئي ڏسي سگهبو آهي، پر ان جي باوجود بہ تصوير ۾ تنهنجي اکين جي اوسر جا اهجاڻ، تنهنجي نَسن جو سرشتو معدو جيرا، آندا ۽ ڦڦڙن سان مشابهت رکندڙ تنهنجي وجود جا سيئي حصا چگي طرح ڏسڻ ۾ ٿي آيا. تُنهنجي دل تہ هاڻي کان ئي اُتي موجود آهي، جيڪا وسعت جي حساب ۾ مُنهنجي دل کان بہ ڪيئي ڀيرا وڌيڪ

ڪشادي ٿي لڳي. جنهن ۾ ڏڪ جو نظام هاڻي ڪان ئي هلندڙ ٿو ياسي. آءٌ توکي قطعاً ضايع ڪرڻ نه ٿي گهران. تون ڪنهن حادثي جو حصول آهين، يا ڪنهن جي غلطي جي پيداوار. ان جي مون کي ڪائي پرواهه ڪونهي. هي پوري ڪائنات، جنهن ۾ هر جيوَ جنم ورتو آهي، سا به ته ڪنهن جي غلطي يا شايد ڪنهن حادثي جي پيداوار جو نتيجو آهي!

ڪُجهه ماڻهن جي خيال موجب شروع ۾ هتي گهري خاموشي ۽ جمود ڪانسواءِ ڪُجهه به ڪونه هو. پوءِ هڪ ڏماڪي آڳ اوڳاڇي، جنهن عدم کان وجود کي جنم ۾ آندو. ان حادثي کان پوءِ ٻيون به ڪيئي اڻ ڏٺل، بي حس ۽ هميشه نتيجن کان بي نياز تبديليون عمل ۾ آيون. انهن ئي بي نياز نتيجن مان هڪ جيوَ جنم ورتو جيڪو هڪ حادثو هو يا وري شايد هڪ غلطي. هڪ جيوَ جي حادثي ۽ غلطي مان ٻين لکن، ڪروڙن جنم ورتو ۽ ائين وڌ، مڇيون ۽ انسان پيدا ٿيا.

مُنهنجي خيال ۾ ان حادثي کان پهريان ان جيوَ جي جنم لاءِ ڪنهن جي وهم ۽ گمان ۾ به ڪُجهه هيو؟ يا ڪنهن ان جيوَ جي جنم لاءِ ان جي پسند ۽ ناپسند تي به ڪو غور ويچار ڪيو هو؟ ڪنهن کي ان جي بُکَ، اوچڻ، غمي ۽ خوشيءَ جو به ڪو فڪر هو؟ مون کي ته ان جي سار لاءِ ڪوئي اهڙو ڪونه ٿو سُجهي. توڙي جو هڪ اهڙي هستي پهريان ئي ڪٿي موجود به هُجي، جنهن کي خدا چئجي ٿو. جيڪو زمان ۽ مڪان جي وجود کان به اڳي ازل کان وٺي موجود آهي، پر تنهن جو به گهٽ ۾ گهٽ بُري ۽ ٻلي جي تصور سان ڪوئي سروڪار ڪونه هوندو. اهو هڪ آمرُ جي مطابق ٽيٽو ئي هو ۽ انهيءَ جو اطلاق توتي به ٽئي ٿو. پر چوندڙ جي ذميواري صرف مان پنهنجي سِرَ تي کڻان ٿي.

ٻچڙا! مون اها ذميواري سواءِ ڪنهن انا پرستيءَ جي قبول ڪئي آهي. يقين ڪر! توکي هن دنيا ۾ آڻڻ ۾ مون کي ڪائي سرهائي ۽ لاڀ حاصل ڪونه ٿيندو. مون کي پنهنجي وڌيل پيٽ سان گهمڻ ڦرڻ قطعاً پسند ڪونهي. مون کي تنهنجي پرورش ڪرڻ، وهنجارڻ ۽ توسان مِٺيون مِٺيون هوليون هولي، توکي ريجهائڻ لاءِ به مون وٽ واندڪائي ڪونهي، جو ته مان هڪ مزدور عورت آهيان، جنهن جون ٻيون به

ڪيئي مجبوريون ۽ مصروفيتون آهن. آءُ توکي اڳ ئي آگاهه ڪري چُڪي آهيان، ته مون کي تنهنجي ڪائي ضرورت ڪونهي، پر ان جي باوجود به آءُ توکي جنم ڏيندیس. پوءِ چاهي تون ان ۾ رنج رهين يا راضي، پر توکي ڇٽي، توتي اُهي حڪم ضرور هلائيندیس، جيڪي ان کان پهريان مون تي، مُنهنجي ماءُ تي، ناني، پڑ ناني ۽ حوا کان وٺي ان مان جنم وٺندڙ ٻي پوري انساني نسل تائين جي مخلوق تي سنڊن مرضي خلاف هلايا ويا آهن. چاهي اهي کين قبول هُٹا يا نہ، پر هوڏ تحت مٽائڻ مڙهيا ضرور ويا آهن. يقيناً جيڪڏهن کين چونڊ جو حق ڏنو ويجي ها، ته هو ڊپ ۾ پيدا ٿيڻ واري خواهش تان ئي هٽ کٽي ويجن ها، پر کائڻ کنهن راءِ ڪونہ ورتي ۽ هو پيدا ٿي ويا، زنده رهيا ۽ ساڳي ريت کنهن کان بنا ڪُجهہ پڇڻ جي ٻي انسان کي جنم ب ڏنائون. ائين ئي ابتدا کان اڄ تائين اهو هَڻ جو سلسلو هلندو آيو آهي، جنهن جي بقا تي ئي هميشہ اسان جو دارومدار رهندو آيو آهي.

همت ڪر ٻچڙا همت! ڇا هڪ وڻ جي ٻج جو زمين ۾ ڦُٽڻ ۽ اُسرڻ واروعمل خطرن کان خالي هوندو آهي؟

ان کي ناس ڪرڻ لاءِ ته، هڪ هوا جي ڦوڪ ئي ڪافي هوندي آهي. هڪ نوريٺڙي جي نُهنڊ ئي ان کي پيڇي پورا ڪري ڇڏڻ جي سگهہ رکندڙ هوندي آهي، پر ان جي باوجود ب، اهو زمين ۾ اسري، پنهنجو وجود برقرار رکي، وٽن جي هڪ جهنگ کي جنم ڏئي ويندو آهي. جيڪڏهن کنهن ڏينهن، تو مون سان شڪايت ڪئي، ته مون توکي جنم ڇو ڏنو؟ ته آءُ توکي اهو ئي جواب ڏيندیس، ته مون ب اهو ئي ڪيو آهي، جيڪو مون کان اڳ لکين ڪروڙين ورهين کان وٺي وڻ ڪندا آيا آهن ۽ مُنهنجي خيال ۾ آءُ ان ۾ حق بجانب هوندیس.

آءُ قطعاً اهو ياد ڪري، کڏهن ب پنهنجو رايو تبديل ڪونہ ڪندیس، ته انسان بهرحال وڻ ڪونہ هوندا آهن، شعور ۽ ساڃاهہ سبب انسان جون تڪليفون ۽ درد وٽن کان هزارين ڀيرا وزني ۽ وڏيڪ پيڙائيندڙ هوندا آهن.

ٻلا! انسانن جي ايڏي واڌ ۾ سنڊن ڪهڙي ٻلائي آهي؟ هر داڻو درخت ب ته ڪونہ ٻٽبو آهي. انهن مان گهڻائي پنهنجو وجود اڪثر

متيءَ ۾ وڃائي ويهندا آهن ۽ اها صورتحال هر ڪنهن لاءِ ممڪن هوندي آهي.

ٻڇڙا! هر منطق پنهنجي وجود ۾ تضادن جو پنڌار هوندو آهي. جيڪڏهن هڪ لمحي تون هڪ خيال جو اظهار ڪندين، تہ ساڳي پَل ئي تنهنجي سوچ ۾ ان جو ابتڙ به اُپري ايندو. ايتري تائين جو اهو اُبتڙ تنهنجي پهرين خيال جيان ئي توکي پاري ۽ سگهارو به پاسندو. اهو ئي سبب آهي، جو اڄ جو سچ سياڻي جو ڪوڙ ٿي سگهي ٿو. حقيقت ۾ آءٌ اُلجهن ۽ انتشار جو شڪار ٻڌجي وئي آهيان. ٿي سگهي ٿو تہ ان جو سبب اهو به هُجي، جو آءٌ ان ڳالهہ جو اقرار توکان سواءِ ٻي ڪنهن سان ڪري نہ ٿي سگهان؟ آءٌ هڪ اهڙي عورت آهيان، جنهن تنها جياپي جي خود چونڊ ڪئي آهي. تنهنجو پيءُ مون سان گڏ ناهي، تنهن جو مون کي افسوس ڪونهي، توڙي جو مُنهنجا نيٺ اڄ به ان تاڪ کي اڪثر تڪيندا رهندا آهن، جتان هو بنا پُٺ ورائي ڏسڻ جي ڪنور قدمن سان گذري ويو هو ۽ مون ڪيس روڪڻ جي ڪوشش به ڪونہ ڪئي هُئي. شايد اسان وٽ هڪڙي کي چوڻ لاءِ ڪُجهہ بچيو ئي ڪين هو.

3

• **مان** توکي ڊاڪٽر وٽ کڻي آيس، جو ته مون تو بابت پڪ ڪرڻ ۽ ڊاڪٽر کان صلاح ونڊڻ ٿي چاهي. ڊاڪٽر ڪنڈ لوڏي صرف ايترو چيو ته، "تون ڏاڍي بي صبري آهين. هن وقت آءٌ ڪجھ به ٻڌائي نه ٿو سگھان".

آءٌ ٻن هفتن کان پوءِ ڊاڪٽر وٽ ضرور موتي ايندس، اهو ٻڌائڻ ۽ ثابت ڪرڻ لاءِ ته هو بنھ پورڙو ۽ بي خبر آهي، جو ته تون منھنجو 'خيال' نه، پر 'حقيقت' آهين. ڊاڪٽر جي سائنس منھنجي وجدان اڳيان عبث آهي. هڪ مرد، جنھن کي ڪڏھن 'پيٽ' نه ٿيو آهي، اهو ڪنھن اهڙي عورت کي ڪيئن ٿو سمجھي سگھي، جنھن جي پيٽ ۾ 'اميدواري' اُسرندي هجي. عورت هجڻ 'اعزاز' آهي يا 'محدوديت'؟ ڪالھ تائين مون کي ائين لڳو هو ته، اهو اعزاز ۽ عطيو آهي. اڄ مون کي ائين ٿو لڳي ته، اها نعمت آهي. اها ڪيڏي نه عظمت جي ڳالھ آهي، جو عورت هڪ ٻي زندگيءَ کي پنھنجي وجود ۾ سانڍي ٿي، هڪ بجاءِ ٻن وجودن جو احساس ساڻ کڻي هلي ٿي ۽ انھن ساعتن کي پنھنجي اهڙي سوچ ۽ سرهائي محسوس ڪري ٿي، جنھن ۾ نه ڪنھن جسماني تڪليف جو احساس ٿئي ٿو نه ڪنھن ڪم ڪندي بيزاري ۽ نه ئي وري آزادي سلب ٿيڻ جو اُلڪو رهي ٿو.

ڇڙا! تون مرد ٿيڻ پسند ڪندين يا عورت؟

آءٌ چاهيندس ته تون عورت ئي پيدا ٿي، جو ته مان چاهيان ٿي ته، سياڻي تون به اهي رَند ۽ پنڊ ڏور جن جي مون مسافت ڪئي آهي. آءٌ امڙ جي انهيءَ ڳالھ سان اصل متفق نه آهيان. هوءَ چوندي آهي ته، "عورت ٿي پيدا ٿيڻ بدنصيبي آهي"!

هوءَ جڏهن غمگين هوندي آهي، تڏهن ٽڏو ساهه ڀري چوندي آهي، "ڪاش مان مرد پيدا ٿيان ها"!. مان ڇاڻان ٿي ته هيءَ دنيا، مَردن جي ۽ مَردن لاءِ ٺهيل آهي. انهن جي 'مردانگي' ۾ ايتري ته اوائلي آهي، جو اها هوليءَ مان ئي پڌري پئي ٻَکي. انسان ذات ۾ مرد ۽ عورت ٻئي شامل آهن، جن مان ڪنهن هڪ جو قتل، عورت يا مرد جو نہ، پر 'انسان' جو قتل هوندو آهي. اتهاس ۾ مرد ياران زندگي جي تخليق جي ڪٿا عجيب نموني سان گهڙي وئي آهي. اول پيدائش 'آدمَ' نالي مرد جي ٿي، تنهن کان پوءِ 'حوا' کي ان جي سُک ۽ سکون لاءِ پيدا ڪيو ويو، پر ان کيس ڏُجهي ۾ وجهي ڇڏيو.

اڪثر چرچن/مندرن ۾ ٻڱوان جي مورتين ۽ تصويرن، جن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي، انهن ۾ خدا/ٻڱوان هڪ آڇي ڏاڙهي وارو مرد هوندو آهي، پر ڪڏهن ڪنهن آڇن وارن واري ٻڱوان عورت کونہ ڏٺي هوندي، سيئي هيروز ۽ مرد ئي آهن. پروميٿئس (جنهن ٻاهه دريافت ڪئي) کان وٺي اڪاريئس (جنهن اُڏامڻ جي ڪوشش ڪئي)، حضرت عيسيٰ (جنهن کي خدا جو اولاد ڪوئيو ويو) ۽ ٻين مقدس روحن تائين مِڙئي جمندي ڇام ڏيکاريل آهن. عورت، جيڪا انهن عظيم مردن کي جنم ڏئي ٿي، ان جي حيثيت انڪيوبيٽر يا نرس جهڙي هجي ٿي، پر ان جي باوجود يا انهيءَ سبب ڪري ئي، عورت هجڻ وڏو موهيندڙ ۽ آبرو آڇيندڙ احساس آهي. اهو احساس جيڪو انيڪ مصيبتن سان مُنهن مقابل ٿيڻ ۽ سدائين جستجو ۾ رهڻ باوجود ٽڪجي نہ، ٽڪجي نہ ٿو.

ڇڙڳا! جيڪڏهن تون عورت ٿي پيدا ٿئين ته پوءِ، توکي ڪيئي ڪم ڪرڻا پوندا. توکي پهريان اها جدوجهد ڪرڻي ۽ ماڻهن کي ٻُڌائڻو پوندو ته، جيڪڏهن خدا جو وجود آهي، ته پوءِ اهو هڪ ٻُڌڙي عورت يا هڪ حسين چوڪريءَ جي روپ ۾ به ٿي سگهي ٿو. ان کان پوءِ توکي اها پڻ وضاحت ڪرڻي پوندي ته، ممانيت ٿيل صوف پٽڻ حوا جو گناهه نہ هو پر جرئت ۽ فطري نعمت جي حاصلات جو پهريون قدم هو. آخر ۾ توکي اها جستجو ڪري، دنيا کي قائل ڪرڻو پوندو ته، عورت جسماني ڏيک ويک کان علاوه ٻنهنجي اندر ۾ ڏاهپ ۽ دانشمندي جو هڪ

مؤجزن درياءَ آهي، جنهن کي سُٽڻ، ساڃاهڻ ۽ اپنائڻ جي ضرورت آهي.

ماءُ هجڻ کو ڪاروبار نہ آهي ۽ نہ ئي اها ڪا ڏيوٽي آهي. اها زندگيءَ جي ٻين ڪيترن ئي خوبين مان هڪ خوبي ۽ خوبصورتي آهي، جيڪا ٻين ماڻهن کي سمجهائڻ ۽ قبول ڪرائڻ ڏاڍي اوکي آهي، توڙي جو ان جي تو ۾ صلاحيت ۽ هوندي، پر گهٽو ڪري توکي هارائڻو ئي پوندو. پر ڪڏهن ۽ مايوس نہ ٿجاءِ. هڪ ڳالهہ ذهن نشين ڪري ڇڏ تہ، جهيڙيندو رهڻ، ڪَٽي وڃڻ کان بهتر آهي. سفر ۾ رهڻ، منزل تي پهچي وڃڻ کان وڌيڪ حسين هوندو آهي، جو تہ هڪ پيرو ڪَٽڻ ۽ منزل تي رَسڻ کان پوءِ هر شيءِ اجائي ۽ عبث محسوس ٿيڻ لڳندي آهي ۽ ان نرگسيت مان نڪرڻ ۽ ان تي حاوي ٿيڻ لاءِ هڪ پيرو ٻيهر نوان مقصد ۽ نيون مسافتون سوچڻيون پونديون آهن. مون کي اميد آهي تہ، تون عورت هوندينءَ ۽ مان اها اميد پڻ ڪيان ٿي، تہ تون اهو ڪڏهن ۽ نہ سوچيندينءَ ۽ چوندينءَ، جيڪو امڙ چوندي آهي. مون ۽ ڪڏهن، اهو نہ سوچيو ۽ چيو آهي.

4

• پر جيڪڏهن تون مرد ٿي ڄائين، تہ بہ مون کي ايتري ئي مسرت يا شايد ان کان بہ وڌيڪ خوشي ٿيندي، جو تہ ڪيترين تعدين، مصلحتن ۽ خوارين کان توکي چوٽڪارو ملي ويندو. تو جيڪڏهن مرد ٿي جنم ورتو تہ پوءِ توکي تاريڪ راهن ۾ ڪڏهن بہ عصمت لٽجڻ جو ڊپ ڪونہ رهندو. توکي ٻين جي منظورِ نظر بنجڻ لاءِ سُندر چهري جو سوداءُ ڪڏهن بہ ڪونہ ستائيندو ۽ نہ ئي پنهنجي ڏاهپ لاءِ مناسب قد ڪاٺ جو سهارو وٺڻ جي ضرورت پوندي. نہ ئي ڪڏهن توکي پنهنجي محبوبہ سان موهہ وندڻ جي نتيجي ۾ گاريون ۽ شرمساريون برداشت ڪرڻيون پونديون. ڪو بہ توکي چوڻ وارو ڪونہ هوندو. تہ ٿُنهنجو صوف پٽڻ وارو عمل عظيم گناهہ جي مترادف آهي. عورت جي نسبت توکي جيئڻ لاءِ تمام ٿورڙي جستجو ڪرڻي پوندي. تون اهو بہ آساني سان چئي سگهندين، تہ جيڪڏهن خدا آهي، تہ اها اڇن وارن واري پوڙهي عورت بہ ٿي سگهي ٿي، تہ هڪ خوبصورت نوجوان چوڪري بہ. پوتہ تون هر حڪم جي انحرافي بنا ڪنهن تذليل ۽ سزا جي ڊپ جي، ڪري سگهندين.

ان کان علاوه تون هر محبت بہ پيٽ ٿي وڃڻ جي خدشي کانسواءِ پوري اعتماد ۽ فخر سان ڪري سگهندين، پر جيئن تہ هن دنيا ۾ جياپو مرد لاءِ بہ ڪا گلن جي سيج ڪونہ هوندو آهي، تنهنڪري توکي ناانصافين ۽ ڪيترين ئي قسمن جي غلاميءَ سان منهن بہ ڏيڻو پوندو تنهنجي مرداڻي هاڻي ۽ مضبوط جسم ڪري، توکي وڏا بوجهہ ۽ بار کڻڻا پوندا ۽ حالتن جي ستم ظريفيءَ کي وڏي جگر سان برداشت ڪرڻو پوندو. تون جيڪڏهن تڪليف کان ڪُنجهندين، ڪُرڪندين، تہ

توکي ڏاڍي مُنهن ۾ هجڻ جا طعنا ۽ مهڻا ملندا. تنهنجو مٽو هوندو ۽ ڏاڍن جي لٽ هوندي، جيڪي تو تي جنگ ۾ مرڻ يا مارڻ جا حڪم ٻيا صادر ڪندا ۽ تون انهن ازلي آمريت جي تسلسل نادري حڪمن اڳيان ڏاڍو لاچار ۽ بيوس هوندين، انهيءَ ڪري ئي تُنهنجو هن دنيا ۾ مرد ٿي پيدا ٿيڻ حيرت انگيز مشڪلاتن جي مترادف ته هوندو. پر عورت جيان توکي مايوسيون تمام گهٽ پلئه پونديون. تو جيڪڏهن مرد ٿي جنم ورتو ته مون کي يقين آهي، ته تون اهڙي ئي قسم جو مرد هوندين، جنهن جا مون پوري عمر پئي خواب ڏٺا آهن. ڪمزورن تي ڪهل ڪندڙ ظالمن اڳيان سينو ساهڻ وارو ۽ محبت ڪندڙن لاءِ ميڙ وانگر، هٿيلن لاءِ مضبوط هٿيار جيان ۽ هر ان منڪر جو ويري، جيڪو هر عيسيٰ کي عورت جو اولاد تسليم ڪرڻ بدران فقط هڪ پاڪ روح رکندڙ پيءُ جو پُٽ چوندڙ آهي. پڇڙا! آءٌ صرف توکي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش پئي ڪريان، ته مرد ٿي پيدا ٿيڻ جو مقصد، ڪائي برتري ڪونهي، پر ان جو مطلب ته صرف انسان هجڻ هوندو آهي ۽ مون لاءِ تنهنجو انسان هجڻ ئي وڏي وقعت وارو آهي، ڇو ته انسان هڪ اهڙو اُتم لفظ آهي، جنهن ۾ عورت ۽ مرد هجڻ جو ڪوئي امتياز ڪونهي، جنهن ۾ برتري ۽ ڪمتري جي ڪائي سرحد ڪانهي. ها، عملي طور مرد ۽ عورت ۾، اهو هڪڙو ئي فرق هوندو آهي، ته مرد جي نسبت عورت پنهنجي بطن ۾ هڪ تخليق کي سرجڻ ۽ جنم ڏيڻ جي سگهه رکندڙ هوندي آهي، پر ڪڏهن به ڪردار دل ۽ دماغ جي ڪائي جدا جنس ڪونه ٿيندي آهي. تون جيڪڏهن دل ۽ دماغ وارو ٻار هوندين، ته يقين ڪر آءٌ ڪڏهن به توتي پنهنجون مرضيون ڪونه مڙهيندیس. آءٌ فقط توکي پنهنجي زندگي جي نعمتن مان پوري طور لاڀ حاصل ڪرڻ ۽ بزدلي کان هميشه بچڻ جي هدايت ڪنديس، ڇو ته بزدلي هڪ اهڙو خونخوار جانور آهي، جيڪو هميشه هر لمحي اسان جي شڪار جي تعاقب ۾ سرگردان رهندو آهي. شايد چند خوشنصيب ماڻهو ئي هوندا، جيڪي ان جي وحشت جي وَر نه چڙهيا هوندا. سچ ته اهو آهي، ته آدمي ازل کان وٽي ڪڏهن دوراندیشيءَ جي نالي ۾ ڪڏهن مصلحت جي مجبوري ۾، ته ڪڏهن وري سياڻپ جي فڪر ۾ بزدليءَ جو بَڪُ پئي بڌيو آهي.

اها انسان جي فطرت رهي آهي، ته جيستائين ڪيس ڪنهن خطري جو انديشو هوندو آهي، تيستائين خوف جو شڪار رهندو آهي، پر جيئن ئي خطري جا امڪان ختم ٿيڻ شروع ٿيندا آهن، تيئن ئي ڪن پَلَ ۾ هو بهادريءَ جو ڏيکاءُ ڪرڻ لڳندو آهي. تون ڪڏهن به آزمائشن کان نه گهبرائجان، ايتري تائين جو پَل سوين ڏپ تنهنجي راهه ۾ رڪاوٽون حائل ڪن، پر تڏهن به پير پٺتي نه ورائجان، ڇو ته هيءَ دنيا بذاتِ خود هڪ وڏي آزمائش آهي، جنهن ۾ تنهنجي جنم جي آزمائش ڪا ايڏي اوکي ڪونه هوندي، شايد تنهنجي ايتري ننڍڙي عُمر ۾، مون کي توسان اهڙن ڏکن، پيڙائن ۽ زندگي جي تلخين جون ڳالهيون ڪرڻ بدران جيون جي سُندرتائن ۽ حسناڪين جون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن، پر ٻڌ!! اهو ته توسان نسورو دوکو ٿيندو. مُنهنجو اهو عمل ته ايئن هوندو جيئن آءٌ توکي صرف يقين ڪرائڻ لاءِ چوندي هُجان، ته زندگي پٽريلي ۽ پير پٿرن ڪنڊڙ راهه نه آهي، پر اُها ته پشم جو اهڙو رنگين ۽ نرم قالين آهي، جنهن تي اگهاڙي پيرين پنڌ ڪري سگهجي ٿو.

سچ ته اهو آهي، ته زندگي اهڙو پٽريلو گُس آهي، جنهن تي سفر دوران انسان پاڻ کي ڪِرڻ کان ۽ پيرن کي پٿرن ٽيڻ کان بچائي ٿو ته ڪنهن جي هٿ ۾ سنبريل پٽر ان وچ ۾ مٽي کي رتو چاڻ ڪرڻ جو ڪمُ سرانجام ڏئي ٿو وڃي. خبر ناهي، آءٌ به الائي ڇا پئي ٻوليان؟ جيڪڏهن اُهو ڪنهن ٻُڌي ورتو ته يقيناً مون کي مٽي ڦريل يا سنگدل ضرور چوندو. مون تنهنجي ڇهن هفتن واري عُمر جي فوٽو کي چڱي طرح سان چتائي ڏٺو آهي. توڙي جو تون ايان اڃ انڇ جيترو مس ٿيو آهين، پر ان جي باوجود به تو ۾ ڪافي تبديليون رونما ٿي چڪيون آهن. تون پُراسرار جيت مان تبديل ٿي هينئر ڪنهن سُندر جيت يا پاٽيءَ ۾ آهستي آهستي پَر ڦهلائيندڙ ڪنهن ننڍڙي مڇي جيان پيو لڳين. ها، اُهي چار پَر جيڪي اڃَتي هلي تنهنجي جنگهن ۽ پانهن جو روپ اختيار ڪندا. تنهنجون اکيون هڪ دائري ۾ بند ٿِنَ ننڍڙن نقطن جيان ٿيون لڳن. تنهنجو بدن هڪ ليڪ جيان پورو نظر ايندڙ آهي. مضمون جي مواد مطابق تنهنجي عمر وارو هي عرصو ٻين ڪير ڏيندڙ جانورن جي ڀيڙ کان ڪافي مختلف ۽ نرالو آهي، پر ان جي باوجود به

تُنهنجي چهري ۾ دماغ جو ڪو ئي وجود واضح نظر ڪونہ پيو اچي. ٻچڙا! آءٌ تو سان مخاطب آهيان، پر تون تہ ايڏان اهو سُٹڻ جيترو بہ ڪونہ ٿيو آهين. چؤڏس پکڙيل اونداهيءَ ۾ ايڏان توکي پنهنجي وجود جي ڪَلَ ئي ڪونهي، انهيءَ ڪري آءٌ توکي ضايع بہ ڪري سگهان ٿي، جنهن جو تو کي پتو بہ ڪونہ پوندو ۽ توکي اها سُڌَ بہ ڪا نہ رهندي، تہ مون توسان ڀلائي ڪئي يا بُرائي.

5

• آءٌ ڪالھ ڏاڍي پريشانيءَ ۾ ھُيس. تنھن ڪري ئي تو کي ضايع ڪرڻ جي ڳالھ ڪئي ھيم. ٻڇڙا! مون کي معاف ڪجانءِ. اُھا صرف ڳالھ ئي ھُئي. جنھن ۾ ڪائي عملي صداقت ڪونھي. آءٌ اڄ ٻہ توکي جنم ڏيڻ واري ارادي تي اٽل ءِ قائم آھيان. توڙي جو ان فيصلي تي آءٌ خود ٻہ حيران آھيان. ڪالھ رات تنھنجي پيءُ سان ڳالھ ٻولھ ٿي. مون کيس تنھنجي باري ۾ ٻُڌايو. مون ھن کي اھا خبر ٽيليفون تي ٻُڌائي. چو تہ ھو ڪنھن ڏورانھين شھر ۾ پيو رھي. مون سندس ردِعمل مان اندازو لڳايو تہ ان سان کيس ڪا سرھائي ڪونہ ٿي. ھو چند پَلن لاءِ چُپ ٿي ويو. توڙي جو فون لائين ڪٽجي ٻہ ڪونہ وئي ھُئي. ٿوري دير کان پوءِ ٻُٽيل ءِ وڇڙندڙ آواز ۾ چيائين، "ان لاءِ ڪيترو درڪار آھي؟" مون سندس سوال جو مطلب سمجھڻ بنا ئي وراڻيو "اٺ مھينا يا مُنھنجي خيال ۾ وڌ ۾ وڌ نَو مھينا." ھن جي آواز مان گھبراھٽ غائب ٿي وئي ءِ ھو گجڻ لڳو "مان مھينن جو ڪو نہ ٿو پُڇان. مون کي پئسن جو ٻُڌاءِ!" مون کانئس پُڇيو "چا جا پئسا؟" ھُنَ وراڻيو "ان مان چوٽڪاري تي خرچ ايندڙ پئسا!" ھا، ھُن چوٽڪاري جو لفظ استعمال ڪيو. جڏ تہ تون ڪا گند جي ڪوٽري ھُئين، جنھن مان ھن ترت ئي جان ڇڏائڻ ٿي گھري. جڏھن مون کيس پوري سنجيدگي ءِ صبر سان ٻُڌايو تہ آءٌ توکي ڪنھن ٻہ صورت ۾ ضايع ڪرڻ نہ ٿي چاھيان، تڏھن ھن وري وري دليل بدلائي مون سان بحث شروع ڪري ڏنو. ڪڏھن صلاح واري انداز ۾، ڪڏھن ڌمڪي ڏيندي، تہ ڪڏھن وري خوشامد واري لھجي ۾ چوڻ لڳو "پنھنجي آئيندي لاءِ ٻہ ڪُجھ سوچ. پنھنجي ذميوارين ءِ مجبورين جو ٻہ تہ ڪو خيال ڪر. ماڻھو چا چوندا؟ ھڪ ڏينھن توکي پنھنجي ان ضد تي ضرور پڇتائڻو پوندو!"

هن ان ڏينهن جيترو وقت فون تي ڳالهايو ان مان اندازو ٿي ٿيو ته ڪالَ تي سندس ڪافي پئسا خرچ آيا هوندا. گهڙي گهڙي آپريٽر لائين تي اچي پريشاني مان ٿي پُڇيو "توهان جي ڳالهه ٻولهه ايجان تائين جاري آهي؟" مون مُرڪي ٿي ڏنو پر مُنهنجي چپن تان اُها مُرڪ، تڏهن اڏامي وئي، جڏهن هو مُنهنجي خاموشيءَ کي پنهنجي دليلن جي اثر جو نتيجو سمجهڻ لڳو. آخرڪار اهو طئي ٿيو ته ٿُنهنجي پرورش جو خرچ اسين ٻئي برداشت ڪنداسين، ڇو ته ان ۾ ٻئي ذميوار به ته هڪ جيترا هُئاسين. الائي ڇو ان لمحي مون کي شديد ڪوفت محسوس ٿي ۽ ان شخص لاءِ پاڻ کي شرمسار محسوس ڪيم، جنهن سان مون جنون جي حد تائين پيار ڪيو هو.

ڪنهن ڏينهن آءٌ توکي ان ڪاروبار بابت به تفصيلي ٻُڌائيندس، جنهن کي پيار چيو وڃي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ هن وقت تائين ته آءٌ ان گورک ڌنڌي کي پوريءَ طور پروڙي ڪونه سگهي آهيان! مُنهنجي خيال ۾، هي اهو طلسم آهي، جيڪو فقط آدم ذات جي غلامي ۽ خاص اسيري لاءِ ئي ايجاد ڪيو ويو آهي. پيار جي باري ۾ پادري ۽ اديب کان وٺي سياستدان، اشتهار- پرچارڪ ۽ هڪ عاشق تائين هر ماڻهو ايئن ٿو ڳالهائي، جڙ دنيا ۾ صرف اهو ئي سيني عذابن، مرضن ۽ المين جو علاج هُجي، پر حقيقت ۾ اُن پرچار سان هو اسان جي روحن کي رڄ ۾ رُلائي رهيا آهن. مون کي ڪراهت آهي اهڙي لفظ کان، جيڪو هر جاءِ تي ۽ هر ٻولي ۾ ايترو سستو ۽ سولو وڪامجي ٿو. "مون کي پنڌ سان پيار آهي. مُنهنجي پيئڻ سان پريت آهي. مون کي آزاديءَ سان عشق آهي. مون کي محبوب سان موهه آهي ۽ اولاد سان اُنس آهي."

آءٌ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي باقي جيون ۾، ڪڏهن اهڙن لفظن جو استعمال قطعاً ڪونه ٿي چاهيان، توڙي جو انهيءَ لاءِ مون کي ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجي دماغ ۽ دل تي آزمائش جو ٻاري پٽر به برداشت ڪرڻو پوندو. مان تولاءِ به محبت جي ڪائي هام ڪونه ٿي هڻان، ڇو ته محبت جي تعلق بدران مون توکي پنهنجي ڪُکِ ۾ زندگي جي صداقت ڪري ئي سانڍيو آهي. ٿُنهنجي پيءُ بابت ب، مون جيترو ويچاريو آهي، ته انهيءَ لاءِ به ايئن محسوس ٿيو اٿم، ته مون ان سان به

ڪڏهن پيار ڪونہ ڪيو هو. آءٌ يقيناً ڪائنس متاثر رهيس ۽ ها، ڪيس حاصل ڪرڻ جي حسرت ٻہ رهي، پر ڪڏهن ٻہ ساڻس پيار ڪونہ ڪيم. مُنهنجي جيون ۾ ان کان اڳ ٻہ جيڪي مرد آيا، مون کي انهن مان ٻہ ڪنهن سان عشق ڪونہ هو. اهي سيئي مُنهنجي جيون ۾ ڪنهن سياهہ پاڇي جيان رهيا، جن جي تلاش جو نتيجو هميشہ ناڪامي ئي نڪتو. اها ٿورڙي ناڪامي بهرحال مون لاءِ گهڻي سبق آموز رهي. ان ئي مون کي سمجهايو تہ اسان جي آزادي کي پائمال اُها پُراسرار سرمستي ڪندي آهي، جيڪا اسان ڪنهن آدميءَ جي عشق ۾ محسوس ڪندا آهيون. ان مدهوشي کان وڌيڪ دنيا ۾ ٻي ڪا زنجير ڪانهي، جيڪا توهان کي انڊي غلامي ۽ مجبوري ۾ مبتلا ڪري. ايترو بيوس ۽ لاچار بنائي سگهي. تنهنڪري اهڙي سرمستي جي نالي تي، ٻي ڪنهن کي پاڻ اڀي ڇڏڻ جو مقصد فقط پنهنجي خودیءَ تان هٿ کڻڻ، پنهنجي حقن تان دستبردار ٿيڻ، پنهنجي وقار ۽ آزادي کي داوَ تي لڳائي ڇڏڻ جي مترادف هوندو. اهو ايئن هوندو جيئن ڪو ئي ٻڏندڙ ٻي انت ساگر ۾ هٿ پير هڻي. اهڙي ڪناري تي پهچڻ جي جستجو ڪندو هجي. جنهن جو ڪو ئي وجود ئي ڪونهي، ۽ اهو ٻي وجود ڪنارو جنهن کي محبت ڪرڻ ۽ محبت ۾ سرمست هُجڻ سڏين ٿا، تنهن جو نتيجو توهان جي احساسِ محرومي، پيڙا ۽ پڇتاءُ ئي نڪرندو. ايتري تائين جو توهان کي گمان ٿيڻ لڳندو تہ ان گهري پاٽي ۾ خود توهان جي پيڙا، ڪنهن لاءِ حاصلات جي حسرت، تنهائي جي خوف، خاموشي جي خدشي يا وري اهڙي قوت جي ڪشش اڇي، توهان کي اڇلايو آهي، جنهن کي چند ماٺهو چاهہ. پيار ۽ محبت چون ٿا، پر مون کي ايجان ٻہ خدشو آهي، تہ اها ان کان ٻہ بدتر اهڙي بُکَ هُجي ٿي، جنهن جو جيڪڏهن هڪ پيرو پيٽ پري پورائو ڪجي ٿو تہ هڪ قسم جي ڏوَ ۽ ان مان اُڪتاهٽ ۽ اُلٽي جو احساس جنم وٺڻ لڳي ٿو. ان سڀ جي باوجود ٻہ ڪوئي اهڙو گس ضرور هوندو جيڪو ان ميري ٿي ويل لفظ جي حقيقي معنيٰ سمجهائڻ ۾ مُنهنجي رهنمائي ڪندو.

ٻچڙا! ايجان ٻہ ڪوئي نہ ڪوئي اهڙو ذريعو ضرور هوندو جيڪو مون تي اهو انڪشاف ڪندو تہ محبت ڇو ۽ ڇا لاءِ آهي؟ جنهن جي

ڇاڻڻ لاءِ آءٌ عرصي کان بي چين ۽ بي قرار رهي آهيان. ٽي سگهي ٿو. اهو ئي سچ هُجي، جنهن لاءِ هميشہ امڙ چوندي آئي آهي، تہ "محبت اهو احساس آهي، جيڪو هر ماءُ پنهنجي اولاد کي پنهنجي آغوش ۾ ڪڻڻ وقت محسوس ڪندي ۽ سوچيندي آهي، تہ هو ڪيترو نہ تنها، بيوس ۽ غير محفوظ آهي" پر گهڻي قدر اهو بہ. تيستائين برقرار رهندو آهي، جيستائين هن ۾ توهان جي انحرافي ۽ تذليل ڪرڻ جي طاقت ڪونہ هوندي آهي، پر جڏهن هو پنهنجن پيرن تي بيهڻ جهڙو ٿي ويندو آهي، تڏهن توهان جي ڪيس ڪائي پرواهہ ڪونہ رهندي آهي. ممڪن آهي، تون ئي اها هستي هُجين، جيڪا ان اوکي چار اکري لفظ "پيار" جي مڪمل معنيٰ مون تي واضح ڪري! ها، تون جيڪو مُنهنجي ئي خون جي خوراڪ تي پلجي ۽ مُنهنجي ئي ڏنل پساهن تي جي رهيو آهين.

مون کي خبر آهي، تہ اڪثر عاشق جدائي ۾ هڪ ٻئي جون تصويرون ڏسي روح کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ هر گهڙي مُنهنجي هٿ ۾ بہ ٽُنهنجي تصوير رهڻ لڳي آهي. اڇڪلهہ اها ئي جڙ تہ مُنهنجي وڏي وندر ٽي پئي آهي. جيئن ئي ٻاهران گهر ۾ اچان ٽي، تنهنجي تصوير واري ميگزين تي نيٺ جمي ٿا وڃن. آءٌ هر پل تنهنجي ڏينهن ۽ عُمر جي تاريخن ڳڻڻ ۽ توکي ڏسڻ جي اوسيئڙي ۾ رهڻ لڳي آهيان. اڄ توکي پورا ڇهہ هفتا ٿيا آهن. اُن ڏينهن مهيني جي عُمر ۾ ئي تون ڪيترو نہ سُندر ٻڌجي ويو آهين! هاڻي تون ڪنهن جيت ۽ ڪنهن مڇي يا ڪنهن بي نانءُ چيز نظر اچڻ بدران هڪ گول گلابي مٽي ۽ ڪنڊي جي واضح ٽي ويل هڏين سميت مڪمل ماڻهو پيو لڳين.

هاڻي تنهنجون ٻانهون، ڪنهن غير واضح اُڀار يا ڪنهن مڇي جي پَرن جيان محسوس ٿيڻ بدران خوبصورت ڪنيڙاڻين وانگر لڳڻ لڳيون آهن، جن کي ڇُهڻ ۽ توکي پائڻ لاءِ مُنهنجو من ڏاڍو بي چين ٿي رهيو آهي، پر هي ڇا، ننڍڙي آني وانگر نظر اچي رهيو آهي؟

تصوير موجب تون هڪ اهڙي شفاف آني نما دائري ۾ محفوظ آهين، جنهن جي مشابهت شيشي جي بيضوي گلدان سان ڪافي ملندڙ جُلندڙ آهي، جنهن ۾ عام طور گلاب جا گل سجائي رکيا آهن، پر

هتي ان گلدان نما آني ۾ گلاب جي گلن بدران تون آهين، آني مان رڳو تو هڪ مُڇو اُپري هڪ ٻال جهڙي اڇي گولائي تي ختم ٿئي ٿو جتي ڳاڙهي ۽ آساني رنگن جا ٻہ ننڍڙا ٽہڪا آهن، جيڪي ائين ٿا لڳن، جيئن هڪ ڏسندڙ کي هزارين ۽ لکين ميلن جي مفاصلي تان ڏرتي نظر ايندي آهي ۽ اهو سڀ ڪُجهہ هڪ ٻي انت تند ۽ طويل زندگي جي تصور جيان ٿو لڳي، جيڪو ڏرتيءَ کان اُپري زمان ۽ مڪان جون سيئي سيمائون پار ڪري، تو تائين هڪ منطقي ۽ بامعني طريقي سان پهتو آهي، تنهنڪري ڪو ئي ڪيئن ٿو چئي سگهي، تہ انسان صرف فطرت جو هڪ حادثو آهي؟

ڊاڪٽر مون کي ڇهن هفتن کان پوءِ اڇ لاءِ چيو هو آءٔ سياٽي وٽس ويندیس. تنهنڪري مُنهنجي جيءَ ۾ ڪيترين ئي چنتائن جون ڇُهنڊڙيون ڇُپي رهيون آهن، ليڪن هر ڇُهنڊڙي کان پوءِ من ۾ چين ۽ مسرت جي مُرڪ ٻہ جرڪڻ لڳي آهي.

6

• هن ڪاغذ جو ٽُڪرو هٿ ۾ ڪٽندي سنجيدگي ۽ سَرهائي سان چيو "مبارڪ هُجيوَ ميڈم". مون ٽُرت ئي سندس تصحيح ڪندي وراڻيو "ميڈم نہ مِسِ". مُنهنجي وضاحت ڇڙ سندس ڳل تي زوردار چمات جيان لڳي ۽ هن جي چهري تان سنجيدگي ۽ سرهائي اُڏامي وئي. عجيب نظرن سان هُن مون کي گهوريندي صرف ايترو چيو "اوهہ...؟" ۽ پوءِ پين کٽي ميڈم کي ڪَٽي ڪاغذ تي مِسِ لکيائين. توڙي جو هڪ آرامده ۽ اُجري ڪمري ۾ ويٺل اڇي لباس واري مرد جي اظهار سائنسي طور تنهنجي وجود جو اعلان ٻہ ڪيو تڏهن ٻہ انهيءَ جو مون تي ڪوئي اثر ڪونہ ٿيو ڇو تہ گهٽو عرصو پهريان ئي ان جي مون کي پڪ هُئي. پر مُنهنجي ازدواجي حيثيت کي ايتري اهميت ڏني ويندي ۽ هڪ ڪاغذ جي ٽُڪري تي ٻہ ان جي تصيح ضروري ٿي پوندي! تنهن گهٽ ۾ گهٽ مون کي حيران ضرور ڪيو. انهيءَ روش مان ئي مون کي پنهنجي آئيندي جي اوکائين ۽ خطرن جي اندازي جو چڱي طرح احساس ٿي پيو. مُنهنجو ننگو ٿي ٽيبل تي ليٽڻ ۽ ڊاڪٽر ۽ نرسن جو ٻي رُخي ۽ بيزاريءَ سان مُنهنجي جسم سان راندينڪي جهڙو ورتاءُ يقينن مون لاءِ پيڙائيندڙ ۽ عذاب ناڪ هو. هڪ پيري آءٌ ٽيبل تي ليٽيس تہ سهي، پر هڪ مخصوص لوهہ جي پليٽن تي پنهنجون ٽنگون ناهي رکڻ وسري ويم. جنهن تي نرس انتهائي جارحانہ انداز ۾ مُنهنجي ٽنگن کي ناهيندي غصي ۾ چيو هو "هتي رک، هتي....." مون کي اهو سڀ ڪُجهہ ڏاڍو بيهودو ۽ پيانڪ لڳو هو پر پوءِ ٻہ هن جڏهن مُنهنجي ننگي جسم مٿان ٽوال رکيو هو تڏهن مون کان سندس سڀ بي وڻائيون وسري ويون ۽ مون مُرڪي ان

جو شڪريو ادا ڪيو هو پر ان کان ٻه وڌيڪ بدتر حالت مون سان تڏهن ٿي، جڏهن ڊاڪٽر پنهنجن هٿن تي دستانا چاڑهي انتهائي بي دردي سان پنهنجون آڱريون مُنهنجي جسم ۾ داخل ڪيون ۽ هو انهن سان اندر بار بار گهُتون هڻندو رهيو جن نه صرف مون کي ايذايو ٿي، پر مون کي اهو ٻه ڀڀ ٿي ٿيو ته متان مُنهنجي شادي شده نه هجڻ جي گناهه ۾ هو توکي نه چيپائي ڇڏي!

نيٺ هن پنهنجون آڱريون ٻاهرڪڍيون ۽ ٻُڌايائين، ته سڀ ڪُجهه ٺيڪ ۽ پنهنجي معمول مطابق آهي. ان سان گڏ هن مون کي ڪُجهه صلاحون ٻه ڏنيون ۽ اهو پڻ ٻُڌايائين، ته حمل ڪائي بيماري ڪونهي، پر اهو هڪ فطري عمل آهي، تنهنڪري بنا ڪنهن ڀڀ جي مون کي اهو سڀ ڪم ڪار ڪرڻ گهرجي، جيڪو عام طور تي آڱ اڇ ٻه ڪندي رهي آهيان، پر مون کي وڌيڪ سگريٽ، زياده مشقت، گرم پاڻيءَ ۾ غسل ڪرڻ ۽ ڪنهن ٻه گناهه جي ارادي کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. "گناهه....؟" مون حيرت مان چيو. هن وراڻيو "ها گناهه. ياد رکجان! اهو خلافِ قانون آهي."

ساڳي ڏمڪيءَ تي زور ڏيڻ سان گڏوگڏ، هن مون کي ڪُجهه ٽڪيون ڏنيون، ۽ هر ٻي هفتي اچڻ جو تاڪيد ڪيو. هُن اهو سڀ ڪُجهه رُکائي مان چوندي، آخر ۾ ڪائونٽر تي بل جي ادائگي لاءِ اشارو ڏنو. جيتري تائين نرس جو تعلق آهي، ته ان ٻه چڱي الوداع بدران دروازو بند ڪرڻ وقت، مون کي ڏسي ٽوڪ واري انداز ۾ ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي واپس موٽ ڪاڏي هُئي. جنهن دنيا ۾ تون اچڻ وارو آهين، لڳي ٿو ته ان ۾ اسان ٻنهي کي انهن ڳالهين برداشت ڪرڻ جو عادي ٻڌجڻو پوندو. چو ته زماني بدلجي ويڙ واري سيني واعظن جي باوجود ٻه هڪ غير شادي شده ڳورهاري عورت کي اڄ ٻه گهڻي قدر غير ذميوار ۽ گناهگار سمجهيو ويڄي ٿو. ڪيس هميشه ٻُڇڙي، بدڪار ۽ پيشه ور جا لقب ته ڏنا ويڄن ٿا، پر ڪڏهن ٻه ٻين اڪثر عورتن جيان ماءُ ڪونه ٿو مڃيو ويڄي.

استور وارو جنهن کان مون دوائون خريد ڪيون، مون کي چڱي طرح سڃاڻيندو آهي ۽ اها ٻه ڪيس خبر آهي، ته مان غير شادي شده

آهيان. مون جڏهن ڪيس ڊاڪٽر جي لکيل دوائن جي پرچي ڏني، تہ ان کي پڙهڻ کان پوءِ سندس مُنهن جو رَنگ ئي لهي ويو ۽ هو مون کي ڏاڍي نفرت سان نهارڻ لڳو. استور واري کان پوءِ درڙيءَ وٽ ڪوٽ جي سلائي لاءِ ويس، ڇو تہ مٿان سياري جي موسم پئي اچي، جنهن ۾ آءٌ توکي سردي کان محفوظ ڪرڻ ٿي چاهيان. ڪپڙي کي لڳائڻ واري پٽُنِ سان درڙيءَ جو وات پريل هو ۽ هن ان ئي حالت ۾ ماپ وٺڻ شروع ڪئي. مون جڏهن ڪيس چيو تہ ڪوٽ ٿورو ويڪرو رکي، ڇو تہ آءٌ اُميد سان آهيان ۽ سياري اچڻ تائين مُنهنجو پيٽ ڪافي اُپري ايندو تہ هن جا ڳڻَ ئي ڳاڙهَا ٿي ويا ۽ سندس وات پٽجي ويو. مون کي سندس حالت ڏسي، اهو خوف ٿيڻ لڳو تہ ڪٽي اهي پنون نہ سندس ڳچيءَ ۾ لهي ويون هُجن، پر ايئن ڪونہ ٿيو هو. پِنونَ ۽ ماپ واري ڦيٽ ڪانئس هيٺ فرش تي ڪري پيا هُئا. ڪيس ايترو پريشان ڏسي مون کي افسوس ٿيو هو. مان پنهنجي صاحب وٽ ويس. ها، مُنهنجو صاحب، جيڪو ٻين ڪيترن ئي سرمائيدارن ۽ ڪامورن جيان اهو شخص آهي، جيڪو مُنهنجي محنت خريد ڪري، مون کي پيٽ گذاري جيترا پئسا ڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪيس اهو نہ ٻُڌايان ها، تہ مان ٿورن ئي ڏينهن ۾ اڳي جيان ڪم ڪرڻ جي قابل نہ هوندیس، تہ اها سراسر ساڻس بددیانتي ٿئي ها. تنهن ڪري مون سندس آفيس ۾ وڃي، ڪيس اهو سڀ ڪُجهہ ٻُڌايو. هو ٻُڌڻ سان ئي ٻُنجي ويو. ٿوري دير کان پوءِ جڏهن زبان سندس ساٿ ڏنو تڏهن مُنهنجي فيصلي جي تائيد جو اظهار ڪيائين يا کٽي ايئن چئجي، تہ مُنهنجي جرئت جي ڏاڍي تعريف ڪيائين ۽ اهو پڻ تاڪيد ڪيائين، تہ اها ڳالهہ هر ڪنهن سان ڪرڻ ۾ مُنهنجي ڪائي ڇڳائي ڪونهي. "اسين تہ خير زماني جا ماڻهو آهيون. ان تي پاڻ ۾ ڳالهائي ۽ ان کي سمجهي بہ سگهون ٿا، پر جيڪي ان مامرن جي سمجهڻ جي قابل ئي ڪونہ آهن، انهن سان توکي قطعاً هاڻ بہ هاڻورڻ نہ گهرجي. بهرحال توکي پنهنجي فيصلي تي ايجان بہ ويچارڻ لاءِ وڌو وقت ڏيو آهي. تن مهينن کان پوءِ بہ آساني سان هر شيءِ حل ٿي سگهي ٿي. توکي فقط ان لاءِ ذهني طور تيار ٿيڻ جي ضرورت آهي." هو بار بار مُنهنجي فيصلي جي تبديلي جي امڪانن جي باري ۾

ڳالهائيندو رهيو ۽ اهي پنهنجي جاءِ تي وزندار ٻه هُئا. "هڪ جذباتي مسئلي لاءِ تون پنهنجو پورو شاندار مستقبل داؤ تي ڇو پئي لڳائين؟ ان ۾ مهينن ۽ سال کن لاءِ ڪنهن کي جي رکجڻ جي ڳالهه ڪونهي، پر اهو ته تُنهنجي سڄي زندگي جي تبديلي جو سوال آهي ۽ توکي اهو ٻه نه وساريڻ گهرجي، ته تُنهنجي موجودگي کارڻ ئي ڪمپني توکي تُنهنجي ترقي جا موقعا فراهم ڪري ۽ توکي رعايتون ڏئي ٿي. آءٌ هن اداري ۾ هميشه ڪونه هوندس." هن وڏي ڏيرج سان چيو. "تو لاءِ مون وٽ ڪافي اهم ۽ ڪارائتا ڪم آهن. تون پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪري، جيڪو ٻه نتيجو ڪڍين، ان کان مون کي صرف آگاهه ڪجانءِ، مان تُنهنجي هر ممڪن مدد ڪرڻ لاءِ هر لمحي موجود آهيان."

تُنهنجي پيءُ ٻيو ٽيليفون تي ڳالهايو. گهڙي گهڙي لفظ سندس نڙي ۾ اٽڪي ٿي پيا. هن تنهنجي تصديق بابت پُڇيو ۽ مون ڪيس ها ۾ جواب ڏنو ته هن جون منٽون وري ٻه ٻيهر شروع ٿي ويون ۽ ليلائيندي پُڇيائين ٿي، ته آءٌ سندس چئي تي ڪڏهن ٿي عمل ڪريان؟

توڙي جو ٽيليفون جو رسيورَ مُنهنجي ڳَ تي هو، پر ان جي باوجود ٻه الائي ڇو هن جو ڪجهه ٻه وڌيڪ ٻُڌڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. مان ان تي حيران آهيان، ته صرف چند رواجي رسمن جي ادائگي کان پوءِ ڪنهن جي نالي ٽيل عورت ۾، جڏهن اُميد واري جا آثار واضح ٽيڻ لڳندا آهن، تڏهن هر عزيز ان تان اول گهول پيو ويندو آهي. ان کي ڪو بار ڪٽڻ ڪونه ڏيندو آهي. ڪيس کي تڪليف وارو ڪم ڪرڻ ڪونه سهندو آهي. هميشه آرام ۽ خوش رهڻ جون تلقينون پيو ڪندو آهي، پر مُنهنجي معاملي ۾، يا ته انهن تي حيرانگي ڇانئجي ٿي وڃي يا وري هو صرف حمل ضايع ڪرڻ جي شرط کان پوءِ ئي هر تعلق جي تند ڳنڍڻ تي آماده ٿا هُجن. مون کي ته اهو سڀ ڪُجهه ڊونگ ٿو لڳي. هڪ اهڙو فريب، جيڪو فقط اسان ٻنهي کي هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ لاءِ ئي جوڙيو ويو آهي. يقينن ڪيئي ٻيرا مون تي اهڙيون ڪيتريون گهڙيون آيون آهن، جن مون کي ان اُلجهن جو شڪار ٻڌايو آهي، ته ان آزمائش ۾ سوپ اسان جي ٽيندي يا هنن جي....؟ ٿي سگهي ٿو ان جو سبب هي ٽيليفون ڪال ئي هُجي، جنهن پراڻين يادن ۽ پراڻن زخمن

ڪي وري ڇڪائي وڏو آهي. مون سمجهو هو ته انهن يادن ۾ انهن زخمن ڪي مان وساري ڇڪي آهيان، جيڪي تنهنجي پيءُ ڪان اڳ، انهن مردن، انهن پيانڪ پاڇي جهڙي پُرشن مُنهنجي جسم تي پيوست ڪيا هُئا ۾ انهن ڪري ئي محبت، مون ڪي دوکو محسوس ٿي هُئي، پر مون ڪي اهو اندازو ڪونہ هو ته تُنهنجي پيءُ جي هڪڙي ٽيليفون ڪال مون لاءِ زخمن جو ايڏو وڏو جهنم بہ ڪٽي ايندي!؟

ها، هڪ ٽيليفون ڪال، جيڪا مُنهنجي پراڻي پڳل پاسراتين ڪي موسمن جي تبديلي سان، ايجان الائي ڪيترو وقت پئي ڇڪائيندي؟

7

• هينئر تائين تنهنجي ڪُلِ ڪائنات صرف هڪ آنو آهي، جنهن ۾ تون بنا ڪنهن ٻوجھ جي تري رهيو آهين. تون هن وقت ساڍن ڇهن هفتن جو ٿي ويو آهين، جنهن کي طبي ماهر امينيوٽڪ ساڪ سڏين ٿا. جنهن ۾ ڪيميائي پاڻيات توکي زميني ڇڪ ۽ منهنجي چرپر جي لوڻن لمن کان محفوظ رکي ٿو ۽ ان ذريعي ئي تنهنجي کاڌ خوراڪ ۽ ٽئي ٽي. چار ڏينهن اڳ تائين، تنهنجي کاڌ خوراڪ جو اهو ئي واحد ذريعو هو. ڏاڍي ڏکيائي ۽ اعتبار ۾ نه اچڻ واري طريقي سان. تو گذريل چئن ڏينهن کان پوءِ مُنهنجي وجود جي ان حصي مان خوراڪ پئي حاصل ڪئي آهي، جنهن ڪري تنهنجي ان پرورش وارين گھڙين تي، مون جنهن لمحي ۽ غور ڪيو آهي، تہ مون کي توتي ۽ پنهنجو پاڻ تي ڏاڍو فخر محسوس ٿيو آهي.

آنول ۾ ٽُنهنجي رَتُ جي قطرن جو انگ وڌي ويو آهي ۽ هر شئي تيزي سان ترتيب وٺي رهي آهي. هاڻي ٽُنهنجي رڳن جي صورت ۽ صاف پئي نظر اچي، ايتري تائين جو تنهنجو ناڙو جنهن ذريعي تون، مون مان آڪسيجن ۽ ٻيون جياپي جون ضرورتون حاصل ڪري رهيو آهين، سو ۽ واضح طور ڏسڻ ۾ پيو اچي ۽ ان سان گڏ ٽُنهنجو جيرو جنس ۽ ٻيا اندروني عضوا ۽ پنهنجي پوري صورت ۾ سرجڻ لڳا آهن. ٻچڙا! توکي تہ اڳي ئي اها سُڌ آهي، تہ تون مردن آهين يا عورت، پر مان تہ ٽُنهنجا ننڍڙا هٿ ۽ سُندر آڱريون ڏسي، خوشي ۾ ٻھڪڻ لڳي آهيان. ٽُنهنجو ننڍڙو وات، سنهڙا چپ ۽ انچ جي اڌ حصي جيترين ننڍڙين اکيون بلڪل نظر ٻيون اچن. تنهنجي زبان ۽ وات ۾ ڏندن جا ويھ نشان ۽ موجود آهن. اهو سڀ ڪُجھ چند هفتن جي عُمر جي ٻار ۾

واضح ٿي وڃڻ، مون لاءِ جهڙو ڪر ناقابل يقين ۽ افسانوي آهي، پر جيڪڏهن دنيا جي پهرين جنم ونڊڻ جاندار جي پيدائش جنم ونڊ، زنده رهڻ ۽ مرڻ کان پوءِ وري جيئري ٿيڻ جي اصول تي تخليق ڪئي وئي آهي، تہ پوءِ يقينن ان جو پورو عمل بہ ائين ئي سرجيو هوندو جيئن ٿُنهنجي بتدريج ترتيب ونڊڻ حياتي، هر لمحي اوڪي مرحلن مان گذري ڪڏهن سُلجهي تہ ڪڏهن اُلجهي پنهنجي هن مڪملتا تي پهتي آهي. ٻچڙا! تو ڪيڏا نہ مُشقت جا مرحلا طئ ڪيا آهن! ڪير ٿو چوي، تہ تون پيٽ جي پاڻياڻ ۾ بنا ڪنهن تحرڪ جي آرامي پيو آهين!

ڪير ٿو چوي، تہ تون پُرامن ۽ مڏر آوازن جي آ ائش ۾ پُرسڪون سُتل آهين؟ مون کي يقين آهي، تہ اهو مسلسل ساهن جو سهڪو ۽ بي سُري آوازن جو شور، توکي ڏاڍو تنگ ڪندو هوندو.

ڪير ٿو چوي، تہ تون پيٽ ۾ پيل ڪنهن جامد سبزيءَ جيان هڪ مادو آهين، جنهن کي هڪ چمچي جي نوڪ سان ئي ناس ڪري سگهجي ٿو؟ هنن جو خيال آهي تہ نو مان نجات جو مون لاءِ هيءُ مناسب وقت ۽ موقعو آهي. ان کان اڳ جو تون اکين، هٿن ۽ چهري وارو مڪمل انسان بڻجي وڃين، مون کي ٿُنهنجي هن نندڙي ۽ اسرڻ واري عُمر ۾ ئي تنهنجو انت آڻي ڇڏڻ گهرجي. هو تنهنجي معاملي ۾ ڪيڏا نہ جنوني ۽ وحشي بڻجي ويا آهن!

8

• مُنھنجي سنگتياڻي، جيڪا ھڪ شادي شده عورت آھي، مون کي چوي ٿي، تہ مُنھنجي ڳَلَ ٽڙي وئي آھي. ھوءَ ٽن سالن ۾ چئن ڀارن کي ڪيرائي چُڪي آھي. ڪيس اڳ ئي ٻہ ڀار آھن، تنھنڪري ھوءَ ٽيون ڀار نہ ٿي پيدا ڪرڻ چاھي، ڇو تہ سندس مڙس جي آمدني تمام ٿوري آھي. ھوءَ خود ٻہ نوڪري پيشا عورت آھي. سندس خيال موجب، ان ۾ ئي سندس جياپو آھي ۽ ان کان سواءِ ھوءَ زنده رھڻ جو تصور ٻہ نہ ٿي ڪري سگھي. ھُن جي ڀارن جي سار سنڀال سندس سَسُ لھندي آھي. ھوءَ چوندي آھي تہ، "محبت، محبت لاءِ ڪرڻ گھرجي، نہ ئي ڀار پيدا ڪرڻ لاءِ. ائين تہ ڪيترين ٻہ ھر آني مان چوزي کي جنم ڪونہ ڏيندين آھن. جيڪڏھن انھن جي ھر آني مان چوزو جنم وٺڻ لڳي، تہ جيڪر ھي جڳ تہ مرغي خانو بڻجي وڃي. ڇا تو کي اھا خبر ڪونھي، تہ ڪيترين ئي ڪڪڑين پنھنجا آنا خود پي ويندين آھن؟ ۽ ڪير نہ ٽوڙاڻي تہ اھي آري تي ٻہ سال ۾ ھڪ يا ٻہ پيرا ويھندين آھن؟

ڇا توکي اھا خبر ڪونھي، تہ سيھاڑين پنھنجي ڪمزور ٻچن کي انھيءَ ڪري کائي ويندين آھن، تہ جيئن ھو پنھنجن ٻين صحتمند ٻچن کي چڱي طرح پالي سگھن؟ ڇا انھن جو ابتدائي اَجل، ان کان بھتر ڪونھي، تہ اھي وڌا ٿي ڇڪي ڇڪي مَرن يا ماريا وڃن؟"

"مُنھنجي خيال ۾ انھن کي اھڙي عذابن ۽ اَجل لاءِ پيدا ڪرڻ بجاءِ جنم ئي نہ ڏجي تہ بھتر آھي." مان جڏھن ٻہ کيس اھو جواب ڏيندي آھيان، تہ ھوءَ آپي مان نڪري ويندي آھي ۽ چوندي آھي، "خبر اٿئي! مان گورين ٻہ ورتيون. توڙي جو انھن مون کي بيمار ٻہ ڪري وڌو ۽ ان جي باوجود ٻہ مان اھي لاڳيتو واپرائيندي رھيس. ھڪ رات اھي وٺڻ وسري ويم ۽ نتيجي ۾ پھريون ڀار ضايع ٿي ويو."

هن ٻڌايو ته اهي گوريون نازڪ عضوي واري جاءِ ۾ ڪنهن جراحي واري اوزار جي مدد سان رکيون ويندیون آهن ۽ اهو پورو عمل ايڏو ته پيڙائيندڙ هوندو آهي، جو ڪيترين عورتن جا ته ان جي مسلسل درد ۾ پساهه ئي پورا ٿي ويندا آهن. تون حيران هوندين، ته آءٌ اڃڪلهه توسان هي ڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪريان؟ سچ پچ ته اهو خود مان پاڻ به ڪونه پئي ڄاڻان؟ ٿي سگهي ٿو ماڻهو مون کي ان باري ۾ اميد ڏياريندا ۽ هراسيندا رهيا آهن. اهو به ممڪن آهي، ته مون ڪنهن موڙ تي بنا ڪنهن سُڌ جي ان باري ۾ غور ويچار به ڪيو هُجي. ٿي سگهي ٿو ته اهو گمان، جيڪو مُنهنجي جيءَ کي جهوري رهيو آهي، تو کان سواءِ ڪنهن ٻي سان اوري ئي نه سگهندي هجان!

هينئر توکي مارڻ جو خيال به ڇڻ ته مون کي ماري ٿو وڃي، پر ان جي باوجود به مُنهنجي ذهن ۾ عجيب خيال اچي رهيا آهن. مان هن وقت به ڪڙين جي پنهنجي آنن پيئڻ واري عمل تي پريشان آهيان. مون کي هينئر به سيهاڙين جو پنهنجا ٻچا کائي ويڙ وارو احساس ايذائي رهيو آهي. ان پريشاني واري عالم ۾ آءٌ جڏهن پنهنجي سنگتياڻيءَ کي ٿُنهنجي تصوير ڏيکاريان ٿي ۽ ان ۾ خاص ڪري ٿُنهنجي اکين ۽ هٿن جي نشانن واري جاءِ ڏانهن اشارو ٿي ڪريان، تڏهن هوءَ چوي ٿي، "انهن کي ڏسڻ لاءِ ته مائڪرو اسڪوپ کان به وڌيڪ مؤثر ڪنهن مشين جي ضرورت آهي." هوءَ ڇڙ مان چوي ٿي، ته مان وهمي ٻڌجي وئي آهيان. تنهنڪري ئي ڏينهن ۾ تارن ڏسڻ جي ڪوشش پئي ڪريان. هوءَ وڌيڪ ڪاوڙ ۾ چوي ٿي، "تنهنجو ان ڏيڏر جي ٻچن جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟ جن کي تون پنهنجي باغ واري تلاءَ مان فقط انهيءَ ڪري ڪيڙائي ٻاهر ڦٽو ڪرائيندي آهين، ته متان اهي وڏا ٿي تنهنجي راتين جي ننڊ ۽ آرام نه ڦٽائي ڇڏين"!

مون کي اهو پورو پورو احساس آهي، ته آءٌ بنهه ئي بي رحمي سان، ان دنيا جا عيب ثواب تنهنجي اڳيان کوليندي رهي آهيان، جنهن ۾ تون جلد ئي اچڻ وارو آهين. اسان جي ڪوتاهين جو ڪارو ڇڻو ۽ مُنهنجون سيئي اهي ڳالهيون، جيڪي مان وقت بوقت توسان ڪندي آئي آهيان، تولاءِ يقينن منجهيل سُٽ مترادف هوندیون. پر مون کي

يقين آهي، ته تون آهستي آهستي هڪ ڏينهن انهن سيني کي پروڙي ويندين، ۽ تو ته تون اڳ ئي هرڇيز بابت گهٽو ڪُجهه ڄاڻندڙ آهين ۽ تنهنجي ان ڄاڻ جي شروعات ان ڏينهن کان ٿي هُئي، جنهن ڏينهن مون توکي اهو پُڌايو هو ته ڏرتي به آني جيان گول ۽ بيضوي آهي ۽ سمنڊ ان پيٽ جي پاڻياڻ وانگر آهي، جنهن ۾ تون تري رهيو آهين، پر سچ پُڇين ته مون جيڪو ڪُجهه توکي سمجهائڻ چاهيو هو اهو سمجهائي ڪونہ سگهي هيس ۽ اوچتو ئي مون کي محسوس ٿيو هو ته اهو سڀ ڪُجهه مون کان اڳ ئي تون چگي طرح ڄاڻين ٿو. تنهنکري ئي هاڻي مون کي پنهنجي اندازن جي سچ ثابت ٿي وڃڻ جو هميشہ گمان رهڻ لڳو آهي.

جيڪڏهن ٿُنهنجي آني ۾ هڪ ڪائنات موجود آهي، ته پوءِ ان ۾ شعور ڇو نہ ٿو ٿي سگهي؟ ڇا اهو سچ ناهي، ته تحت الشعور وجود جي سَمرتيءَ جو اهو نقش آهي، جيڪو دنيا ۾ اچڻ کان اڳ به موجود هو؟

جي ائين آهي، ته پوءِ مون کي پُڌاءِ، ته ڇا تون اهو ئي ناهين، جو هر چيز کان آڻنا آهي؟ مان توکي وينتي ٿي ڪريان، مون کي پُڌاءِ ته تنهنجي زندگي جي ابتدا ڪڏهن ٿي؟ ڇا تنهنجي زندگي جي شروعات ٿي چُڪي آهي؟ ۽ جيڪڏهن ان جي ابتدا ٿي چُڪي آهي، ته پوءِ ان کي ڪيترو عرصو ٿيو آهي؟ اها "ڪُن فيڪون" واري لمحي سرجي يا ان گهڙي، جڏهن تنهنجي دل جُڙڻ ۽ رت دوڙو ڪرڻ لڳي؟ يا ان پَل جڏهن تنهنجي دماغ جي تشڪيل ٿي ۽ تو انساني روپ اختيار ڪرڻ شروع ڪيو؟ يا اُها ڪا ٻي گهڙي آهي، جيڪا اڃٽي آهي؟

ڇا تون صرف هڪ زيرِ تڪميل مشين جيان آهين؟ ٻڌڙا! تون ئي پُڌاءِ، ته ٿُنهنجي خاموشي ٽوڙڻ لاءِ آءٌ ڇا ڪريان؟ پنهنجي ۽ تنهنجي درميان حائل ديوار کي ٽوڙي، توکي ڏسڻ، توکي پُڌڻ ۽ ٿُنهنجي ورندي ونڻ لاءِ مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟ ان لاءِ تون ئي مُنهنجي مدد ڪري سگهين ٿو. ڇو ته تون ۽ مان هڪ اهڙو عجيب جوڙو آهيون، جن جي هر شئي جو هڪٻئي تي انوکو انحصار آهي. تون جيڪڏهن بيمار ٿي پوندين، ته مان به توسان گڏ پنهنجي تندرستي وڃائي ويهنديس ۽ مُنهنجو موت، ساڳي طرح تولاءِ به اجل ثابت ٿيندو. پر

ايتري گهري سُٻنڌ جي باوجود ٻ. آءٌ توسان زباني طور رابطو ڪري ڪونہ ٿي سگهان ۽ نہ ئي وري تون مون سان ڳالهائي سگهين ٿو.

تون پنهنجي بي انت فهم جي باوجود ٻ مُنهنجي ڇهري، مُنهنجي عُمر ۽ مُنهنجي ڇاڻ کان بي خبر آهين. توکي اها خبر ٻ ڪونهي، تہ مان ڪٿان آئي آهيان، ڪٿي پئي رهان ۽ جيون ۾ ڇا ڇا پئي ڪريان؟ تون جيڪڏهن ان لاءِ تصور جوڙڻ جي ڪوشش ٻ ڪندين، تڏهن ٻ توکي اهو پتو پئجي ڪونہ سگهندو تہ مان سانوري آهيان يا پُوري، جوان آهيان يا پوڙهي، ڏگهي آهيان يا بندري ۽ خود مان ٻ اڃان تائين ان حيرت ۾ آهيان، تہ توکي آدمي ڇوان يا ڪُجهہ ٻيو...؟

ٻچڙا! اسين ٻئي هڪ ئي منزل جا ٻ اهڙا اجنبي وجود آهيون، جيڪي هڪ ئي جسم ۾ هڪٻئي کان ناآشنا ۽ نظر کان اوجهل هوندي ٻ هڪ ئي جيون جي تند سان لاڳاپي تحت ساڳي زندگي جِي رهيا آهيون.

9

• مون کي سڄي رات پيٽ جي هيٺئين حصي ۾ سخت سور هُئڻ سبب ننڊ ڪونہ آئي آهي. ممڪن آهي، اها تڪليف تنهنجي ڪري ئي ٿي هُجي. مان بستري تي ننڊ ۾ لُڇندي ڏاڍا خوفناڪ خواب ڏٺا آهن ۽ انهن پيانڪ خوابن مان هڪڙو خواب ٿُنهنجي پيءُ بابت بہ هو جنهن ۾ هن ڏاڍيون ڪيهون ٿي ڪيون. مون اڳ ڪڏهن بہ ڪيس دانهون ڪندي ۽ لڙڪ لاڙيندي ڪونہ ڏٺو آهي ۽ مُنهنجي خيال ۾ هو انهن جي قابل بہ ڪونهي! هن جا لڙڪ لارون ڪري مُنهنجي باغ جي تلاءَ ۾ پئجي رهيا هُئا، جيڪو بي انت ڇيبلي سان پريل هو. ڇيبلي جي اندرئين پاسي قطار ۾ ڏيڏرين جي ڪاري رنگ جا آنا ڪنهن پڇ جيان لڙڪيل هُئا. مُنهنجو تنهنجي پيءُ ڏانهن ايترو توجهہ ڪونہ هو. مُنهنجو سڄو ڌيان ڏيڏرين جي آنن ڪي ناس ڪرڻ ڏانهن هو. ڇو تہ مون نہ ٿي چاهيو تہ انهن مان ڪو ئي بچي جنم وٺي ۽ پنهنجي اڻ وٽندڙ آوازن سان مُنهنجي راتين جون ننڊون حرام ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجي. انهن مان نجات جو طريقو ڏاڍو سولو هو. مون صرف لَڪُڻ سان ڇيبلو ٻاهر ڪڍي، ڪناري تي پکيڙي ٿي ڇڏيو تہ جيئن سج جا ساڙيندڙ ڪِرڻا نڪرڻ سان ئي ڪين سُڪائي بي جان بنائي ڇڏين. پر ڇيبلو هر هر تِرڪي وڃي پاڻي ۾ ٿي ڪريو جتي ٿُرت ئي گپ سان گڏجي ٿي ويو. جنهن ڪري لَڪُڻ سان اها گپ ٻاهر ڪڍڻ مون لاءِ ناممڪن بڻجي ٿي وئي. ان وچ ۾ تنهنجو پيءُ رڙيون بند ڪري مُنهنجي مدد ۾ مصروف ٿي وڃي ٿو ۽ هو بنا ڪنهن تڪليف ۽ گَهَل جي، وڻ جي ٽاري سان پاڻيءَ ۾ ڇيبلو اهڙي طرح ٻاهر ڪڍڻ شروع ڪري ٿو جو ان مان ڪو بہ ذرو ترڪي هيٺ ڪونہ ٿو ڪري. هو پوري

اطمينان سان. انهن کي پاڻي مان ڪڍي ڇهر تي ترتيب سان پٽارينڊو ٿي ويو پر سندس انهيءَ عمل مون کي تڪليف ٿي ڏني، ڇو ته اهو منظر مون کي ايئن ٿي لڳو ته جڙ سڄ جي گرمي ۾ اهي سوين سڙندڙ ۽ مرندڙ ڏيڏرين جا ٻچڙا نہ. پر ڪنهن انسان جا ٻچڙا هُجن.

مون ڪاوڙ ۾ سَٽَ ڏئي سندس هٿن مان ٽاري ڦُري ورتي ۽ دانهون ڪندي چيم. "ڪڏهن تو به ته جنم ورتو هوندو؟ چڏي ڏي انهن کي، چڏي ڏي... چڏين چونہ ٿو انهن کي؟"

مون هڪ ٻي خوفناڪ خواب ۾ هڪ ڪينگرو ڏٺي، جنهن هڪ نرم ۽ جاندار جيوَ کي جنم ٿي ڏنو جنهن جي مشابهت هڪ ننڍڙي ڪنئين سان ڏاڍي ملندڙ جلندڙ هُئي ۽ جنهن جنم سان ئي چوڌاري جڙ اُهو ڄاڻڙ لاءِ حيرت مان هٿوراڙيون ٿي ڏنيون. ته هو ڪهڙي دنيا ۾ اچي ويو آهي؟

ٿوري دير کان پوءِ هن ڪينگرو جي وارن واري جسم تي مٽي رڙهڻ شروع ڪيو. هو ڏاڍو سُست رفتاري ۽ جستجو سان ڪِرندو ۽ چڙهندو آخرڪار ان ڳوڙي تائين پهتو. جنهن ۾ پنهنجي آخري بي مثال ڪوشش سان پنهنجو پاڻ کي ڳاڻي ير اڇلائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتائين. مون محسوس ڪيو ته اهو تون ڪونہ هُئين. پر اهو ڪينگرو جو ڪچو ٻچڙو هو جنهن انهيءَ ڪري جنم ورتو هو. ڇو ته پيٽ جي اسيري مان وقت کان پهريان ئي ڪيس نجات ملڻ جو ڪارڻ اهو هوندو آهي. ته هن کي ماءُ جي ڪُک کان ٻاهر پنهنجي تڪميل جا مرحلا خود ئي طئي ڪرڻا هوندا آهن. پر انهيءَ سان مون ائين ٿي ڳالهايو جڙ اهو تون هُجين. انساني صورت ۾ جهلڪ پسائڻ لاءِ مون سندس شڪريو ادا ڪيو. مون ڪيس اهو به ٻُڌايو ته هينئر پاڻ ٻنهي ۾ ڪائي اجنبيت ۽ ناآشنائي ڪونہ رهي آهي، جنهن تي اسان ٻنهي کي ڏاڍي سَرهائي ٿي. ايتري تائين جو مون کان ٿهڪ نڪرڻ وارو هو جو اوچتو ناني اچي وئي. هوءَ ڏاڍي ڪمزور ۽ غمگين ٿي نظر آئي ۽ ايئن ٿي لڳي، جڙ پوري دنيا جي بوجھ جي پهاڙن سندس ڪلهن کي ويتر جهُڪائي ڇڏيو هُجي.

هن جي پوڙهي هٿن ۾ ٻوتيل نيٽن ۽ وڏي مٽي واري ننڍڙي گُڏي

هُئي. هن چيو ٿي. "مان ڏاڍي پڇي ٿُڻي پئي آهيان. مسلسل آڻن ٻارن ضايع ٿيڻ ڪري، وجود ۾ ڪابہ وِٽُ ڪونہ رهي اٿم. جيڪڏهن دولت هُجيم ها، تہ هينئر اڻن ٻارن بدران سورهن ٻارن جي ماءُ هُجان ها ۽ ڪو بہ حمل ضايع نہ ٿئي ها. اهو سمورو ڪوڙ ٿو هُجي. تہ هڪ حمل ضايع ٿيڻ کان پوءِ عورت ان جي عادي ٻُجي ويندي آهي، پر حقيقت ۾ هر حمل هڪ نئين ۽ پهرين تجربي جيان هوندو آهي، جيڪو مَٽِ جي موڙهل پادرين کي الائي ڇو سمجهہ ۾ ڪونہ ايندو آهي؟"

نانيءَ مسيح جي مصلوب تصوير جيان ننڍڙي گُڏي کي ڪنيو چرچ ۾ داخل ٿي ۽ چائنٽ ٽپندي ئي گوڏن پر جهُڪي آزين ۽ نيازين سان پنهنجي مجبورين جو اعتراف ڪرڻ لڳي. اوچتو پويان پادريءَ جو ڪڙڪيدار آواز اُپريو "تون وڏي گناهگار آهين. تو اڻن انسانن جا قتل ڪيا آهن ۽ انسانن جو قاتل قطعاً معافي جو حقدار ڪونہ هوندو آهي!" نانيءَ ڏپ ۾ ڏڪڻ لڳي. ڇو تہ ٻيا ماڻهو بہ اهو سڀ ڪجهہ ٻُڌي رهيا هُئا. هوءَ پادريءَ کي ايلاز ڪندي رهي. "فادر! ڏاڍيان نہ ٻگالهاءِ ماڻهو ٿا ٻُڌن. مان توکي وينتي ٿي ڪريان. مُنهنجا عيب نہ اُگهاڙ. ڏٽي واسطي ڏيرج ڪر. ٽُنهنجو گوڙمون کي ڪنهن مصيبت ۾ نہ اُڃاڻي وجهي!"

نانيءَ جي ايلازن جي باوجود بہ پادري جو اوچو آواز نہ گهٽيو ۽ هوءَ اتان کسڪي نڪتي. هوءَ گهٽين ۾ ڊوڙندي رهي ۽ پويان پوليس سنڊس پيچو ڪندي رهي، پر پوڙهي هُئڻ جي باوجود بہ نانيءَ جو ايترو ثابت قدمي سان ڊوڙڻ، مون لاءِ ڏاڍو حيران ڪندڙ ۽ اُتساهيندڙ هو. مون کي اهو خوف کائي رهيو هو تہ جاڻ هن جي دل ٽُڻي ۽ هوءَ مري ويندي. پوليس گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي ڪيس دروازي ٻاهران اچي پڪڙيو. هُن کان گُڏي ڦُري سنڊس ٻانهون پويان ٻڌي ڇڏيائون. هن کين چيو "مون کي افسوس آهي، پر ڇا ڪريان؟ ان ڪانسواءِ مون وٽ ٻي ڪا واهہ ئي ڪونہ هُئي! آءٌ مجبور هُيس. ڇو تہ ايترن ٻارن جي پرورش ۽ پالنا لاءِ مون وٽ وِٽُ ۽ دولت ئي ڪونہ هُئي."

مان پيٽ جي هينئين حصي ۾ شديد سور جي سَٽَ اُپرڻ سبب جاڳي پيس. سوچان ٿي، مون کي پنهنجي سنگتياڻي سان گهٽو ملڻ جلڻ بند ڪرڻ گهرجي. اهو شايد سنڊس تقريرن جو اثر ئي آهي، جو

آءٔ اهڙا ٻيانڪ خواب ٿي ڏسان. ڪالهه شام هن مون کي رات جي ماني جي ڪُوٺ ڏني هُئي. سندس وَرُ ڪيڏانهن ٻاهر ويل هو ۽ هن جي خيال ۾ تو بابت ويچار وندڻ جو اهو ئي سندس لاءِ سونهري موقعو هو. پر مون لاءِ اهو هر لمحو ڏاڍو اذيتناڪ ۽ پيڙائيندڙ هو. هن اتي ايڇ. بي مَنسن نالي هڪ ڊاڪٽر کي به گهرايو هو جنهن گفتگو دوران مون تي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ته، "پيٽ ۾ ڪچو ٻار دراصل هڪ نباتاتي وجود کان ٿورو ننڍڙو ۽ ان جيان ساڪن شيءِ هوندو آهي، جنهن کي هڪ چمچي جي مدد ذريعي به آساني سان ٻاهر ڪڍي سگهجي ٿو. چو ته گهڻي قدر اهو محدود امڪاني صلاحيتن جو هڪ سرشتو ئي هوندو آهي." پر ڪيس مون چيو ته ڪُجهه حياتياتي ماهرن جو اهو خيال آهي ته "انساني زندگي جي ابتدا حمل ٿي وڃڻ واري لمحي کان ئي شروع ٿي وڃي ٿي، چو ته فرٽلائيزڈ ايگ، ڊي-اين-اي تي مشتمل هوندو آهي ۽ ڊي آڪسي ريبونيوڪلڪ ائسڊ ۾ اهي سڀئي پروٽين موجود هوندا آهن، جيڪي هڪ فرد جي حياتياتي طور جوڙجڪ ۽ تشڪيل ڪندا آهن" ڊاڪٽر مَنسن جي، راءِ موجب اسپرمٽرزوئا ۽ فرٽلائيزڈ ايگ به ڊين-اين-اي تي مشتمل هوندا آهن، ته ڇا اسين اسپرم ۽ آني کي پنهنجي طور تي انساني زندگي چئي سگهون ٿا؟

ڪُجهه ڊاڪٽرن جي خيال مطابق، "ماءُ جي ڪُک ۾ اناويهه هفتن کان پوءِ ئي ٻار ۾ انساني نشانيون اُسرڻ لڳنديون آهن". انهيءَ جو مطلب ته گرڀ جي مُدت پوري ٿيڻ کان پهريان ئي جنم وٺندڙ ٻار به زنده رهي سگهي ٿو؟

ان کان علاوه اينٽرو پالاجيءَ جي ڪُجهه اڪابرن جو اهو چوڻ آهي، ته "ڪنهن به جمندڙ ٻار کي قطعاً انسان چئي نه ٿو سگهجي، چو ته انسان اُهو هوندو آهي، جيڪو مخصوص سماجي ۽ ثقافتي اثرن جي سانچي مان جُڙي نڪرندو آهي." آخر ڪار اسان جي بحث جي انتها هڪڙئي سان جڙي وڃڻ تي ٿي. منهنجي سنگتياٽي اينٽرو پالاجيءَ جي ماهرن جي راءِ جي حمايت ٿي ڪئي ۽ مون حياتيات جي ڄاڻن جي خيال کي صحيح قرار ٿي ڏنو. هن غصي ۾ مون تي پادرين جي پيروڪاري جا الزام هنيا ۽ وڏي واڪ چيو "تون صرف ڪٽر

ڪيٿولڪ ۽ عيسائي آهين، صرف عيسائي...."! سندس اهي الزام مون لاءِ ڏاڍا ڏُکوئيندڙ هُئا ڇو تہ اها ڪيس بہ خبر آهي، تہ مان ڪيٿولڪ ڪو نہ آهيان ۽ اهڙن معاملن ۾ مون کي پادرين جي پرواهہ بہ ڪونہ هوندي آهي. هوءَ اهو بہ چڱي طرح ڄاڻي ٿي، تہ ڊاڪٽر منسن جي اجائي هٿيلي هوڏ اڇيان مان قطعاً جهُڪڻ واري بہ ڪونہ آهيان.

مون کي اهي ماڻهو بنهہ ئي زهر لڳندا آهن، جيڪي پنهنجي انائن جي تسڪين لاءِ ٻين جي خيالن ۽ جذبن جو خون ڪري، سُرخُرو ٿيڻ گهرندا آهن، پر مون کي ڪنهن جي بہ پرواهہ ڪونهي. مان پنهنجي قول تي هر حال ۾ قائم آهيان. جڏهن مون کي پنهنجو پاڻ تي پختو يقين آهي ۽ مان پنهنجي وٿمن، ڏکن ۽ وسوسن کي بہ ذري گهٽ وساري چُڪي آهيان، تہ پوءِ هي مٽي جا چکر ۽ ٻيٽ ۾ چُيندڙ ٽوريون سور جون سَٽون مُنهنجو ڪُجهہ بہ بگاڙي ڪونہ سگهنديون.

ڇڙڳا! مون کي توتيٰ ۽ پنهنجو پاڻ تي پورو اعتماد آهي، انهيءَ ڪري مان هر مشڪلات کي مُنهن ڏئي بہ توسان توڙ نيائيندیس، تہ جيئن تون وڏو ٿي هڪ پادري (جنهن جون خوفناڪ رڙيون، اڄ بہ مون کي ننڊ ۾ ٻُڌڻ ۾ اينديون آهن) هڪ پوليس واري (جنهن ناني جون ٻانهون ٻَڌيون هيون) هڪ ڊاڪٽر منسن ۽ مُنهنجي سنگتياڻي جهڙو بنجڻ بدران هڪ نرالو انسان بڻجين، ڇو تہ پادري جي روپ ۾ تون خدا ۽ پوليس واري جي صورت ۾ تون رياست جي ملڪيت بڻجي ويندين. تون نہ خدا جي ملڪيت آهين، نہ رياست جي ۽ نہ ئي وري مُنهنجي، ڇو تہ تون ڪنهن ٻي جي ملڪيت بجاءِ فقط خود پنهنجو ڏٺي پاڻ آهين، ڇو تہ اهو تون ئي تہ آهين، جنهن هن پوري سلسلي جي شروعات ڪئي آهي. توتي پنهنجي خواهشن ۽ حڪمن مسلط ڪرڻ وارو مُنهنجو خيال محض مُنهنجي خام خيالي هو.

توڪي ڪُڪِ ۾ سانديءِ مون تہ صرف ان اَمرُ جي تعميل ڪئي آهي، جيڪو تو مون کي جيون قطري جي عمل وقت ڪيو هو. مُنهنجي ڪابہ چونڊ ڪونهي. مون تہ فقط تعميل ڪئي آهي ۽ ان عمل جا سيئي نتيجا توکي نہ، پر مون کي ئي پوڳٽا آهن. ڇا اهو انهيءَ جو نتيجو ڪونهي، تہ تون مُنهنجي جسم سان چُهٽي، مُنهنجي ئي خون تي پلجي

رهيو آهين؟ ڇا مُنهنجون اُلڪيون ۽ آت انهيءَ جو ثبوت ڪونهن؟ پورو هفتو محنت طلب ڪمن ۾ مصروف هُئڻ ڪري، مان بيمار ٿي پئي آهيان. هڪ جنگهه ۾ ٽوٽرجي وئي اٿم. پر طئي ٿيل پروگرام کي ملتوي ڪرڻ ۾ مون لاءِ ڏاڍو اوکو آهي. ڇو ته آءٌ پنهنجي صاحب کي چڱي طرح سڃاڻان. هن اڄ ئي سخت لهجي ۾ پڇيو ٿي، ته مان ان سفر تي ويڄي سگهنديس يا.....؟ ۽ پاڻ ئي وراڻيو هُئائين ته، "يقيناً تون ڪنهن به صورت ۾ پنهنجو وَڃڻ پاڻيندينءَ."

اهو هڪ اهڙو ڪم آهي، جيڪو مُنهنجي ڏانوَ وڻان آهي، جنهن جي پورائي جو هو ڏاڍو منتظر آهي ۽ مان به اُن کي ٽُرت ئي پورو ڪرڻ ٿي گهران، پر جيڪڏهن نه وڃي سگهيس ته....؟ آءٌ ضرور ويندیس. ها، ڊاڪٽر ڇيو ڪونه هو ته، "حمل بيماري نه. پر هڪ فطري عمل ۽ عام رواجي حالت آهي، جنهن ۾ مون کي اڳ جيان هر ڪم بنا ڪنهن اُلڪي جي ڪرڻ گهرجي." مون کي يقين آهي، ته تون ان حوالي سان مُنهنجو سهڪاري رهندين.

10

• جيڪو ڪُجھ مون سان اچانڪ پيش آيو ان کان پوءِ ڊاڪٽر مون کي بستري تائين محدود رهڻ جي سخت هدايت ڪئي آهي. مان بنا ڪنهن چرپر جي پُٹيءَ ۾ ايان تائين بستري تي آهيان. تون سمجهي سگهين ٿو تہ اهو سڀ ڪُجھ مون جهڙي اڪيلي عورت لاءِ ڪيترو نہ مشڪل هوندو. جيڪڏهن دروازي تي گهنٽي وڄندي تہ مون کي ئي اُٿي دروازو کولڻو پوندو ۽ ان کان علاوه رڌ پچاءَ، کائڻ، صفائي ڪرڻ ۽ وهنجڻ کان وٺي ننڍ مان جاڳڻ تائين سڀ ڪم خود مون کي ئي ڪرڻا پوندا آهن. پر اها ٻي ڳالهہ آهي، تہ اڃڪلهہ ان معاملي ۾ مُنهنجي سنگتياڻي، مون سان ڪافي هٿ ونڊرائي رهي آهي. مون کيس پنهنجي فليٽ جون چابيون ڏئي ڇڏيون آهن، ۽ هوءَ ڏينهن ۾ ٻہ ڀيرا مُنهنجي گهر جو چڪر ڏئي، ماني وغيره پچائي ويندي آهي. مان ڪڏهن ڪڏهن کيس چوندي آهيان، "تون بہ عجيب عورت آهين. ٽين ٻار کي جنم ڏئي پالڻ ڪونہ ٿي چاهيئي ۽ هينئر مون جهڙي بالغ کي پالي رهي آهين." هوءَ وراڻيندي آهي، "نابالغ جي نسبت بالغ پالڻ وڌيڪ سولو هوندو آهي. ڇو تہ ان جي سار سنيال ايترو سِرُ ڪائيندڙ ڪونہ هوندي آهي."

يقين ڪر، جڏهن آءٌ چوان ٿي، تہ مُنهنجي سنگتياڻي ڏاڍي سٺي عورت آ ي، تہ سچ پچ هوءَ آهي بہ، ۽ اهو فقط مان انهيءَ کري ڪونہ پئي چوان، ڇاڪاڻ تہ هوءَ اڃڪلهہ مُنهنجي خدمت کري رهي آهي، پر انهيءَ کري بہ تہ هُن ڊاڪٽر مَنسَن ۽ سماجياتي اُڪابرن جي راين جي حمايت ڪرڻ واري ڳالهين تان بہ هٿ کڻي ڇڏيو آهي ۽ کيس اهو اونو ٿي پيو آهي، تہ ڪٽي مان توکي وڃائي نہ ويهان.

پر تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر، اهڙي ڪائي ڳالهہ ڪونهي. ڊاڪٽر

ٻيهر چڪاس کان پوءِ ٻُڌايو آهي، ته تون بلڪل ٺيڪ آهين. هن وڌيڪ آرام جو مشورو به صرف انهيءَ تڪليف جي اديشي ڪري ڏنو هو جنهن جا هن ڪيترائي ڪارڻ ٿي ٻُڌايا. تون هينئر ٻن مهينن جو ٿي ويو آهين ۽ تو ۾ ان عرصي دوران ڪيترين ئي نفيس تبديلين رونما ٿي چُڪيون آهن. جنهن ۾ هڪ ڪچي ٻار مان، تون هينئر پُختي صورت وٺي رهيو آهين. تنهنجي ڪچي ڳنڍي واري جاءِ تي مضبوط هڏيون جُڙي رهيون آهن ۽ تُنهنجون جنگهون ايئن اُسري رهيون آهن، جيئن وڻ پنهنجون ٽاريون پکيڙيندا آهن. تنهنجي ننڍڙي پيرن تي هاٿي سنهڙيون آڱريون ۽ سرجڻ لڳيون آهن. اسان کي ٽن مهينن تائين وڏي احتياط جي ضرورت آهي ۽ انهيءَ کان پوءِ ساڳي معمول جي ڪمن کي لڳي وڃڻ ۾ ڪا ايڏي ڏُکيائي درپيش ڪونہ ايندي. هيءُ پُڻيءَ ۾ بيڊ تي پيو رهڻ واري تڪليف به وڏ ۾ وڏ ٻن هفتن لاءِ برداشت ڪرڻي پوندي. مون پنهنجي صاحب کي به پنهنجي لاچاري جو سبب صرف شديد ڪنگهه جي تڪليف جو هُجڻ ٻُڌايو آهي ۽ هن مون تي يقين ڪري، چند ڏينهن لاءِ سفر ملتوي ڪري چڏڻ جي اجازت ڏني آهي. اهو به شڪر آهي، ته اصل صداقت جي ڪيس کا ڪُڙڪ ڪونہ پئي، نہ ته هو يقينن اهو ڪم ڪنهن ٻي کي سونپي چڏي ها ۽ اهو به ممڪن هو ته، هو نوڪري مان ئي نيڪالي ڏئي چڏيم ها، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ اسان ٻنهي لاءِ ڇڪو ڪونہ هُجي ها. جيڪڏهن مُنهنجي نوڪري هلي وڃي ها ته پوءِ اسان ٻنهي کي پالي ڪير ها؟

گهٽ ۾ گهٽ مون کي تنهنجي پيءُ ۾ ته ڪو ئي آسرو ڪونهي. مُنهنجي خيال ۾، هو ان خفي ۾ پوڻ جي تڪليف قطعي ڪرڻ به ڪونہ چاهيندو. ڇا توکي انهيءَ تي ڪو افسوس آهي؟ مون کي ته هرگز ڪونهي. مون کي جيڪڏهن منجهس ڪائي اميد هُئي، ته به اها ساڻس ٻه پيرا فون تي گفتگو کان پوءِ ختم ٿي چُڪي آهي. هو فون بجاءِ مون سان سامهون به ته ملي پئي سگهيو. هن کي اها به چڱي طرح خبر آهي، ته آءٌ ڪڏهن به ڪيس شادي لاءِ ڪونہ چوان ها. مون نہ اڳ ڪڏهن ڪيس اصرار ڪيو آهي، نہ ئي هاٿي ڪيس ان لاءِ مجبور ڪريان ها، ته پوءِ اُهو ڪهڙي ڳالهہ جي ڊپ ڪري مون سان ڪونہ ٿي مليو؟

ڇا تون سمجهين ٿو ته، هو مون سان محبت واري عمل تي ندامت جو شڪار آهي؟ هڪ ڏينهن جڏهن ناني گرجا گهر ۾ مسيح اڳيان قبوليت جو ڪنڌ جهڪايو هو تڏهن پادري ڪيس تنبيهه ڪندي چيو هو ته "مسيح کان معافي ونڊ بدران پنهنجي مڙس سان هم بستري ڪرڻ ڇڏي ڏي.. ڇو ته انهيءَ سان ئي ته تون گناهن جي گند ۾ وڃي ڪرين آهين."

توکي ته خبر آهي، ته ڪُجهه ماڻهن جي خيال ۾ عورت ۽ مرد جو عظيم گناهه هم بستري ئي هوندو آهي، سندن چوڻ موجب، ان گناهه مان نجات لاءِ پاڪدامني جي وات اختيار ڪرڻ ئي آخري حل هُجي ٿو ۽ پاڪدامن ڪير هُئڻ گهرجي؟ عورت يا مرد؟ فرض ڪريو جيڪڏهن سندن خيال موجب، اسان سيئي ان عظيم گناهه جو ارتڪاب ڪرڻ ڇڏي ڏيون، ته پوءِ هي ڏرتي ته اهڙي لکين ۽ ڪروڙين پوڙهن سان ڀرجي ويندي، جيڪي انساني نسل کي جنم ڏيڻ جي قابل ئي ڪونه هوندا. نتيجي ۾ انساني نسل، سائنس فِڪشن جي ڪنهن ڪٿا جيان مريخ تي ڪنهن عظيم الشان اُجڙيل ۽ عجيب شهر جو نقش بڻجي ويندو جيڪو صرف اهڙن جنن ۽ پوتن جي رهائش گاهه وڃي رهندو جيڪي هُئڻ جي باوجود به جڻ ته ڪو نه هوندا آهن. يا وري اسان سيني کي هم جنس پرست بڻجڻو پوندو تڏهن ئي ٻار جي پيدائش جي گناهه مان نجات حاصل ٿي سگهندي. هي ته ڪائي اهڙي صورت ڪانهي، جيڪا پادرين جا گهربل نتيجا پيش ڪري سگهي؟ ۽ جيڪڏهن اسين پوڙهن کي ڪارآمد بنائڻ چاهيون، ته انهيءَ لاءِ هڪ اڪسير نسخو آهي، جيڪو تازو ئي مون ڪٿي پڙهيو آهي. جنهن ۾ چيل هو ته، "جديد حياتياتي سائنس جي ڪرشماتي قوت تحت ڪچي ٻار کي هڪ ڪُکِ مان ٻي ڪُکِ ۾ آساني سان منتقل ڪري سگهجي ٿو."

ان موجب هڪ فرٽلائيزڊ اِيگ کي ڪنهن ماءُ جي ڪُکِ مان ڪڍي، ٻي ڪنهن اهڙي عورت جي پيٽ ۾ رکي سگهجي ٿو جيڪا ان جي پرورش ۽ پالنا لاءِ آماده هُجي ۽ اها ئي ڪيس جنم ۽ ڏئي سگهي ٿي. هڪ پوڙهي عورت، جنهن کي بي تحرڪ بيڊ تي پيو رهڻ ۾ ڪا به

ڏکيائي ۽ بيزاري نہ ٿيندي هُجي. تو جيڪڏهن مون بدران ان جي ڪُکِ مان جنم ورتو تہ انهيءَ تي مون کي ڪو غم ڪونہ ٿيندو. ڇو تہ هونءَ بہ ٻار پالڻ پوڙهين عورتن جو ڪم هوندو آهي. هو ڏاڍيون صابرين ۽ سهپ واريون هونديون آهن. تون مُنهنجي ڪُکِ مان ڪنهن بي ڪُکِ ۾ منتقل ٿيڻ تي ناراض تہ ڪونہ ٿيندين؟

آءٌ توکي زندگي کان محروم تہ ڪونہ پئي ڪريان. مان تہ صرف تنهنجي پرورش ۽ جنم جي جاءِ جي تبديلي ٿي چاهيان. ٻچڙا! معاف ڪجانءِ، مسلسل بستري تي بي تحرڪ پيو رهڻ، مون ۾ جنهن بيزاري، بي همتي ۽ بي ترتيبي کي جنم ڏنو آهي، تنهن جي ڪارڻ ئي مان تولاءِ اهڙا اُگرا لفظ استعمال ڪري وئي آهيان.

11

• اڄ مون سان دلچسپ ۽ هڪ حيران ڪندڙ واقعو پيش آيو. گهنٽي وڳي ۽ آءٌ ڪُنجهندي ڪُرکندي بستري تان اُٿي دروازي تي ويس، جتي پارسل هٿ ۾ ڪنيو هڪ پوسٽ مين بيٺو هو. اُهو پارسل مُنهنجي والدين هڪ خط سان گڏ موڪليو هو. جنهن تي امڙ ۽ بابا ٻنهي جون گڏ صحيون ٽيل هيون. ڪُجهه ڏينهن پهريان مون کين تنهنجي باري ۾ ٻُڌايو هو. مُنهنجي خيال ۾ کين آگاهه ڪرڻ مُنهنجو فرض هو. آءٌ هر صبح سندن جواب جي اوسيئڙي ۾ راهون نهاريندي هُيس، پر سندن ندامت پري موٽ جو احساس ٽيندي ئي ڪنبڻي وڃي ويندي هُيم. توکي ته خبر آهي، ته هو ڪيتري نہ پراڻي خيالن جا ماڻهو آهن، پر ندامت جي لفظن بدران خط ۾ لکيل هو ته، "توڙي جو اها اوچتي خبر اسان لاءِ صدمي ۽ پريشاني جو سبب بڻي آهي، پر اسان کي معصوم ٻار جي آمد جي ڏاڍي خوشي ٻه ٿي آهي." هنن وڌيڪ لکيو هو ته، "اسين هينئر ان جهوني ۽ سُڪل وڻ جي مترادف آهيون، جنهن ۾ ثمر ڏيڻ جي سگهه ۽ صلاحيت ڪونہ رهي آهي ۽ بي ثمر وڻ پلا ڪنهن کي ڇا ڏئي سگهندا؟ هاڻي ته تون ئي اهو سائو درخت آهين، جنهن مان اسين ڪُجهه سِکي سگهون ٿا. تو جيڪڏهن فيصلو ڪيو آهي، ته اهو يقينن درست ئي هوندو. اسان توکي صرف اهو ٻُڌائڻ لاءِ هي خط لکي رهيا آهيون، ته اسان تُنهنجو سبق دل سان قبول ڪري ورتو آهي."

خط پڙهي پورو ڪرڻ کان پوءِ مون پيڪيٽ کوليو. ان ۾ پلاسٽڪ جو هڪ ننڍڙو ڊبو هو جنهن جي اندر اڇي رنگ جي بوتن جو هڪ ننڍڙو جوڙو پيل هو. ها، اهو چمڪندڙ ۽ تولاءِ ملندڙ پيار جو پهريون

تحفو ايترو ته ننڍڙو ۽ نفيس آهي، جو آءٌ جيڪڏهن ان کي پنهنجي هڪ هٿ جي تريءَ تي رکان، تڏهن به اُتي ايان جڏهي جاءِ بچي پوندي مان جڏهن ان سُندر تحفي کي ڇُهان ٿي، تڏهن مُنهنجو هيانءُ پُري ٿو پوي ۽ نڙي ۾ ڪُجهه اٽڪڻ ٿو لڳيم. مُنهنجي امڙ ڏاڍي مهربان آهي ۽ جيڪڏهن تون به ڪيس ڏسندين، ته هوءَ مون جيان توکي به پنهنجي ماءُ محسوس ٿيندي. جيڪا يقينن تُنهنجي خوش نصيبي آهي. تون ڪيس انهيءَ ڪري به پسند ڪندين، ڇو ته هن جو اهو پختو ويساهه آهي ته، "ٻار جي وجود کان سواءِ هي دنيا بي بقا ۽ بي معنيٰ آهي". تو کي هوءَ انهيءَ ڪري به پياري لڳندي، ڇو ته هوءَ هڪ اهڙي قداور ۽ پُروقار عورت آهي، جنهن جي هنج هندوري جيان ۽ جنهن جون ٻانهون تولاءِ هميشه پناهه وانگر هوندیون. مان اڄ تائين انهيءَ تي حيران آهيان، ته هوءَ ايترا پُرمسرت ٿهڪ ڪيئن ڏئي سگهندي آهي؟ پر مُنهنجي خيال ۾ جيڪي ماڻهو لڙکن جي واهڙ مان لُڙهي نڪرندا آهن، اهي دل کولي ڪِلي سگهندا آهن ۽ اهي ئي زندگي جي حُسناڪين کي سيني سُندرتائن سان ماڻي ۽ ملهائي به سگهندا آهن، ڇو ته روئڻ، ڪِلڻ جي نسبت ڏاڍو اوکو هوندو آهي. يقينن جلد ئي توکي ان سچائي جي پروڙ پئجي ويندي، ڇو ته دنيا سان تُنهنجو پهريون واهپو ئي دانهن ۽ درد جي رشتي سان جُڙندو. روشني کان وٺي بُکَ ۽ تنگي تائين هر شيءِ توکي روئڻ ۽ رڙڻ تي مجبور ڪندي، پر جڏهن توکي ٿهڪ ۽ مُرڪون ملي ويون، تڏهن اهي مون سان ضرور ورهائجانءِ، ته جيئن مان سمجهي سگهان، ته جديد حياتياتي سائنس کي استعمال نه ڪرڻ ۽ توکي ڪنهن ٻي پُرخلوص ۽ صابرين ڪُراڙي عورت جي ڪُک حوالي ڪرڻ بدران پنهنجي بطن ۾ سانڍڻ وارو مُنهنجو فيصلو سُچيت ۽ صحيح آهي.

12

• ماءَ جي پيٽ ۾ ٻن مهينن جي عُمر واري تنهنجي تصوير، جنهن ۾ تنهنجو ڇهرو ڏاڍو ڇٽو ڏيکاريل آهي، مون رسالي مان ڳڻي ڪمري جي ٻِت تي لڳائي ڇڏي آهي ۽ جڏهن بستري تي آهلي، تنهنجي نيٽن ۾ نهارينديِ آهيان، تہ تنهنجي اکين جا الماس موهي وجهندا اٿم.

ان تصوير ۾ ٽُنهنجي جسم جي ٻين حصن جي پيٽ ۾ ٽُنهنجون اکيون ڏاڍيون بيدار ۽ اوجاڳيل لڳنديون آهن، جن ڇا ڏٺو آهي؟ فقط اَجهاڳ پاڻي، صرف اسيري جا ڪوٺ يا مون جيان انهن گهٽو ڪُجهه ٻيو به ڏٺو هوندو؟

مون کي خوشي آهي، تہ ٽُنهنجن نيٽن ۾ نظر جي نُدرت مُنهنجي ڪري ئي آهي، پر اهو غم گهائي ٿو وجهيم، تہ تون ترت ئي انهن کي پوٽي ڇڏيندين، ڇو تہ ٽُنهنجي اکين جي ڪناري تي اُپرندڙ ڇپرن جي سخت کَلَ انهن کي ٿورن ڏينهن لاءِ لِنبي ڇڏيندي، تہ جيئن انهن جي حفاظت ۾ ماڻڪيون مڪملتا حاصل ڪري سگهن، تون ڇهن مهينن تائين وري ڇپر به ڪونہ ڇنيي سگهندين ۽ ويهن هفتن تائين توکي پيٽ جي تاريڪيءَ ۾ تنها جيئڻو پوندو. اهو سڀ ڪُجهه ڪيڏو نہ اوکو هوندو؟ ها، توڙي جو تون ڪُجهه به ڏسي ڪونہ سگهندين، پر توکي هر آواز صاف ٻُڌڻ ۾ ايندو. مون کي تو سان انيڪ ڳالهيون ڪرڻيون آهن. اڃڪلهه مون کي فرصت ئي فرصت آهي. ٽي- وي ڏسڻ ۽ ڪُجهه ڪتابن پڙهڻ کانسواءِ ٻيو ڪو ڪم ئي ڪونہ اٿم. تنهنڪري توکي دنيا جي ڪُجهه بي رحم صداقتن سمجهائڻ لاءِ مُنهنجا هي بي تحرڪي وارا ڏينهن ڏاڍا ملهائتا ۽ مفيد آهن. مان نہ ٽي سمجهان، تہ تون سچ پچ هر شئي جي باري ۾ سڀ ڪُجهه اڳواٽ ئي

ڇاڻندو هوندين ۽ اها ب حقيقت آهي ت. آءُ جيڪو ڪُجهه ڇاڻان ٿي، تنهن کي تو اڳيان بيان ڪرڻ ب مون لاءِ ڏاڍو مشڪل آهي، ڇو ت تنهنجو ذهن، جيڪو جيڪڏهن موجود ب آهي ت. اهو هتان جي مامرن کان بنهه ئي ناآشنا ۽ نرالو هوندو ڇو ت تون پيٽ جي محدود سيمائن ۾ بلڪل ئي اڪيلو ۽ تنها آهين ۽ تُنهنجو تجربو خود تُنهنجي ذات آهي، پر اسين هتي لکن ۽ ڪروڙين جي تعداد ۾ آهيون. اسان جو هر تجربو اسان جي هر خوشي ۽ غم جو دارومدار ٻين تي انحصار رکندڙ آهي، تنهنڪري ئي آءُ توکي اهو ٻُڌائڻ ٿي چاهيان، ت تون جنم وٺڻ کان پوءِ گهڻي عرصي تائين تنها ۽ خودمختيار رهي ڪونه سگهندين ۽ جيڪڏهن تون ٻين جي ساڻ کان نجات ب چاهيندين، تڏهن ب انهيءَ ۾ ڪاميابي ماڻي ڪونه سگهندين، ڇو ت تون جيئن اُتي پيٽ ۾ بي پرواهيءَ سان جِي رهيو آهين، تيئن هن ٻاهرين دنيا ۾ ايئن تُنهنجو آزاد جياپو هڪ مجنونءَ جي خواب جيان هوندو. ڪيترن ئي قسمَ ڪائي، هن هجومن جي دنيا کي تياڳي، هيڪلائي جي حاصلات لاءِ ويرانيون ووڑيون آهن، پر ٿوري ئي عرصي جي مسافت کان پوءِ اهي مايوس ٿي ۽ شڪست کائي، اُن ناممڪن اُميد تي انساني دنيا ۾ موٽي آيا آهن، ت کين هتي ئي آزادي ۽ آنند ملي ويندو.

هن دنيا ۾ آزادي جي باري ۾ تون گهڻن کي گفتگو ڪندو ٻُڌندين. محبت جيان آزادي ب هڪ اهڙو لفظ آهي، جنهن جو ايترو ت غير ضروري ورجاءُ ٿيو آهي، جو اهو پنهنجي وقعت ئي وڃائي ويٺو آهي، پر ان جي باوجود ب توکي هتي اهڙا ماڻهو ب ملندا، جن آزادي لاءِ وڏا عذاب پوڳيا آهن، جن ان جي حاصلات لاءِ ڏاڍيون ڳريون قربانيون ڏنيون آهن. ايتري تائين جو انهن مان ڪيترن موت کي ب مُرڪندي قبول ڪيو آهي ۽ مون کي يقين آهي، ت تون ب انهن جيان ئي هوندين، پر جڏهن تون آزادي لاءِ عذاب برداشت ڪندين، تڏهن ان لمحي ئي توکي معلوم ٿي ويندو ت آزادي جو وجود ڪٿي ب ڪونهي يا وڌ ۾ وڌ ايتري تائين آهي، جيتري تائين تو ان جي تلاش ڪئي. اها هڪ خواب ۽ خيال جيان، هن دنيا ۾ تنهنجي جنم کان اڳ، تُنهنجي تنها ۽ آزاد ڏينهن جي صرف سُندر يادگيري ئي هُئي ۽ بس! ها، توڙي جو تون

هينئر قيد نما پيٽ جي ڪوٺي ۾ باندي بٽيل آهين، جتي مان ٿُنھنجي محدوديت ۾ اونداهي جو ڪو اندازو نہ ڪري ڪو نہ پئي سگھان، پر پوءِ نہ تون اُن ڪُک جي اونداهي ۾ هن اجگر جھان ۾ ملندڙ آزادي کان وڌيڪ خودمختيار ۽ آزاد آهين. اتي توکي ڪنھن جي محتاجي ۽ مدد جي ضرورت ڪونہ ٿي هُجي. اتي توسان ڪنھن ٻي آدم جو سات ڪونھي، تنھنڪري ئي تون غلامي جي هر زنجير کان ناآشنا ۽ آزاد آهين، پر هتي هن دنيا ۾ توتي ڪيئي حڪم هلائڻ وارا هوندا. انھن مان سرفهرست تہ خود مان ئي هوندیس، جيڪا توتي نہ چاهيندي يا چاڻندي نہ اهو ڪُجھ مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندیس، جيڪو تنھنجي مرضي بدران مُنھنجي خواهشن سان مطابقت رکندڙ هوندو. مثال طور اهي خوبصورت ۽ ننڍڙا بوٽ، جيڪي مون لاءِ تہ ڏاڍا موهيندڙ آهن، پر تولاءِ پتوناهي ڪيئن هوندا؟

توڙي جو مون کي اهو احساس آهي، تہ جڏهن اهي ننڍڙا بوٽ آءٌ ٿُنھنجي پيرن ۾ پارائيندیس، تہ تون يقينن درد ۽ تڪليف کان دانھون ڪندين، تڙپندين ۽ انھن جي تنگي توکي پريشان نہ ڪندين رهندي، پر پوءِ نہ سردي جو عذر ڏئي، آءٌ توکي اهي بوٽ ٿُنھنجي پيرن ۾ رهڻ تي مجبور ڪندي رهنديس ۽ تون آهستي آهستي روئڻ رڙڻ ۽ پيڙا برداشت ڪرڻ کان پوءِ انھن جو ايترو عادي ٿجي ويندين، جو جڏهن اهي ٿُنھنجي پيرن ۾ نہ هوندا، تڏهن تون ڏاڍي بي آرامي ۽ ڏُکيائي محسوس ڪرڻ لڳندين ۽ اها طويل غلامي جي زنجير جي تولاءِ ابتدا هوندي، جنھن جي پھرين ڪڙي تنھنجي پيرن ۾ پارائڻ جو عمل آءٌ خود ادا ڪندیس، ڇو تہ ٿُنھنجي پھرين آقا، مان ئي هوندیس. مان ئي توکي کارائيندیس، پياريندیس، مان ئي تو کي وهنجاريندیس ۽ پھرائيندیس ۽ مُنھنجون ٻانھون ئي ٿُنھنجي پناھ گاھ هونديون، پر جڏهن تون خود کائڻ، خود گھمڻ ۽ خود پنھنجي چوند جا فيصلا ڪرڻ جي قابل ٿي ويندين، تڏهن بہ محڪومي پاڇي جيان ٿُنھنجي سات ۾ رهندي، مُنھنجون خواهشون، مُنھنجا فرمان هميشہ تنھنجي هنئين ۾ هڪ خوف جو ڪندو ٿجي هُرندا رهندا ۽ ايئن الاهي عرصو ٿُنھنجي ڪُليل اکين اڳيان گذري ويندو. جيئن پکي پنھنجن ٻچن کي هڪ

ڏينهن آکيرن مان آزاد فضائن ۾ اڏامڻ لاءِ اجازت ڏيندا آهن. تيئن هڪ ڏينهن اهڙو به ايندو جڏهن مان به توکي اجازت ڏينديس. آءٌ توکي اکيلو ئي گهٽيون، رود ۽ رستا پار ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏينديس، پر ان سان ٿُنهنجي آزادي ۽ خودمختياري ۾ ڪو ئي اضافو ڪونہ ايندو ڇو تہ تون ڪنهن نہ ڪنهن جذباتي ۽ احساساتي تعلق جي زنجير تحت مون سان لاڳاپيل هوندين، جنهن کي اکثر ماڻهو خانداني تعلق جو نالو ڏيندا آهن، پر خاندانن ۽ ڪٽنبن ۾ مُنهنجو ڪو ئي اعتبار ڪونهي، ڇو تہ خاندان هڪ اهڙو فريب هُجي ٿو جيڪو خاص انساني محڪومي لاءِ ئي جوڙيو ويو آهي ۽ دنيا ۾ جنهن به ان کي منظم ڪيو آهي، تہ فقط انهي مقصد لاءِ تہ جيئن هو روايتن ۽ اصولن جي آڙ ۾ انسانن جو آسانيءَ سان استحصال ڪري سگهي.

اسين اڪيلا ٿي آساني سان بغاوت ڪري سگهندا آهيون، پر جڏهن ٻين جي ساڻ جو احساس ساڻ هوندو آهي، تڏهن ترت ئي مصلحتن تي مجبور ٿي ويندا آهيون. تنهن ڪري خاندان ان نظام جي زبان آهي، جيڪا صرف اطاعت ۽ غلامي جي جياپي جيئڻ جو درس ڏئي ٿي ۽ جنهن جي تقدس جو وجود ڏونگ ڪانسواءِ ٻيو ڪُجهہ به ڪونہ آهي. اڪثر ڪيترائي مرد، عورتون ۽ ٻار هڪ ڪٽنب جي نالي جي مصلحت ۾ هڪ ئي گهر اندر هڪٻئي سان شديد نفرت ۽ نااتفاقي جي باوجود به زندگي گذارڻ تي مجبور هُجن ٿا، پر سندن پڇتاءُ ۽ رشتا پوءِ به ان وڻ جي پاڙن جيان قائم رهن ٿا، جن کي حالتن جا وڏا اوٽر به پنهنجي هَڻ جي پيرن تان هٽائي ڪونہ سگهندا آهن ۽ اهو بُکَ ۽ اڇ جيان اهڙو سچ آهي، جنهن کان ڪنهن به صورت ۾ انڪاري ٿي نہ ٿو سگهجي. تون پنهنجي حڪمت ۽ حرفت جا پلي ڪيترا به حيلا هلائيندين، پر تولاءِ ان خانداني فريب مان نجات ڏاڍي اوکي هوندي.

ڪڏهن ڪڏهن توکي ايئن به محسوس ٿيندو تہ تون ان کي بلڪل ئي فراموش ڪري چُڪو آهين، پر هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو اهو ڪنهن بي رحم جلاد جي اچلايل سُرڪڻ ڦاهيءَ جيان ٿُنهنجي ڳچيءَ ۾ اهڙي سوڙهي طرح اچي پوندو جو تنهنجو ساهہ هوساتجڻ لڳندو. ان خانداني غلامين سان گڏوگڏ ريتن ۽ رسمن جي

نالي تي ٻين هزارين جيامڙي ماڻهن طرفان توتي اهڙيون پابنديون ۽ مڙهيون ويندیون، جن جو احترام ۽ بجا آوري تو لاءِ ڏاڍي مشڪل هوندي انهن جا "هي ڪر ۽ هو نه ڪر" وارا نادري حڪم تنهنجون وايون ئي بتال ڪري ڇڏيندا. اهو سڀ ڪُجهه پوءِ ۽ انهن مُهذب ماڻهن سان رهي ڪري تولاءِ برداشت ڪرڻ جهڙو هوندو جن کي آزادي جي مفهوم سان ٿوري گهٽي آشنائي آهي، پر مغرور ماڻهن سان گڏجي رهڻ، تولاءِ دوزخ جي عذاب کان بدتر هوندو. ڇو ته اهي ماڻهو ٿُنهنجي آزادي جي خواب مان ئي لطف وٺڻ جا انڪاري هوندا ۽ توکي تصور ۾ ۽ ان کي حاصل ڪندي ڏسي، برداشت ڪري ڪونه سگهندا. ظالم ۽ فاخر ماڻهن جي اندي قانونن جي هڪ ئي تقاضا هوندي آهي، ته انهن جي اڻيان پهاڙ ٻڌجي وڃو يا وري آجل کي قبول ڪري وٺو. مُهذب ماڻهن جي اصولن کان فرار جي ڪائي ضرورت ڪونه هوندي آهي، ڇو ته انهن کي تسليم ڪرڻ يا رد ڪرڻ لاءِ دليل جي آزادي موجود هوندي آهي. تون چاهي ڪهڙي نظام ۾ ۽ رهندين، پر ان جي قانونن ۽ نظامن کان فرار ڪنهن ۽ صورت ۾ تولاءِ ممڪن ڪونه هوندو. ها، اهو قانون، جيڪو زوراور ۽ ظالم آهي، جنهن جي نصيب ۾ هميشه سوب ۽ سرسي لکيل هوندي آهي. پلا تون ان قانون ۽ نظام کان بچي ۽ ڪيئن ٿو سگهين؟ جنهن ۾ تو کي ڪُجهه ڪائڻ لاءِ ڏوڪڻ جي ضرورت پوندي جنهن ۾ ڪُجهه پهرڻ لاءِ ۽ پُرسڪون جيون گذارڻ لاءِ ۽ توکي پئسي جي گهرج پوندي ۽ پئسو هٿ ڪرڻ لاءِ توکي خوب لوڙڻو پوندو.

ڪيترائي ماڻهو توکي پورهئي جي عظمت جون ڪيئي ڪهاڻيون ٻُڌائيندا. ان جي فائدن ۽ ان مان ملندڙ مسرتن جي ڪٿائن جا ڪيئي باب تو اڻيان ورجائيندا، پر ڪڏهن ۽ انهن تي اعتبار نه ڪجانءِ، ڇو ته اهو ۽ ڪيترن ئي فريبن مان هڪ وڏو فريب آهي، جيڪو سماجي نيڪيدارن پنهنجي نظامن ۽ قاعدن کي برقرار رکڻ جي سهولت لاءِ گهڙيو ۽ ناهيو آهي.

مزدور جي عظمت جو ڏنڊورو هڪ اهڙو ڏونگ آهي، جيڪو مراعات يافته طبقي جي طرفداري ۽ پورهيت جي تذليل ۽ استحصال ڪندڙ هُجي ٿو. مزدوري، پورهيت کي ڏي چا ٿي؟

پورهيو مزدور کي ڪٽي ڇو نہ ڪيترو بہ پيارو لڳي، پر هو هميشہ اهو پنهنجي بجاءِ ڪنهن ٻي لاءِ ئي ڪرڻ تي مجبور هوندو آهي، تنهنڪري ان ۾ مسرت بدران سندس پگهر ۾ جفاڪشي جو گهٽو عمل دخل هوندو آهي. بظاهر توڙي جو ٻُنهنجو ڪنهن ٻي تي انحصار نہ بہ هُجي ۾ تون ڪو زمين جو ٽُڪرو آباد ڪري، ان تي گذارو ڪرڻ گهرندين، تڏهن بہ توکي موسمن، برساتن ۾ سج جي روشني جي رحم ۾ ڪرم تي رهڻو پوندو. جيڪڏهن تون ڪنهن جي حڪمن جي بجاآوريءَ بجاءِ پنهنجو ڪو ئي ذاتي ڪاروبار ڪرڻ چاهيندين، تڏهن بہ توکي ٻين جي ضرورتن، خواهشن ۾ پسند ۾ ناپسند جي ڪاٽ ڪيڏڻي پوندي.

ڪو دؤر هو (جنهن جي يادن جا نقش بہ هينئر شايد حافظي جي پَٽي تان مِٽجي ڇُڪا آهن) جڏهن پورهئي جو مفهوم اڄ کان گهٽو مختلف هو. پورهيو خوشي ۾ عيد جي ڏينهن جهڙو ڏيڪ ڏينڊڙ هو. پر تڏهن انساني آبادي محدود هُئي، جنهن ڪري هر ڪنهن انفرادي عمل مان آساني سان مسرت ٿي ماڻي، پر تون هن دنيا ۾ هڪ اهڙي هستي کان 1975ع ورهيہ پوءِ اچڻ وارو آهين، جنهن کي سارو سنسار يسوع مسيح جي نالي سان سڃاڻي ٿو ۾ مسيح خود بہ ان پهرين شخص کان لکين ورهيہ پوءِ هن دنيا ۾ قدم رکيو هو جيڪو اڄ تائين بي نانءُ آهي ۾ جنهن کي هن وقت تائين ڪو بہ هڪ نانءُ ڏئي ڪونہ سگهيو آهي. ان ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين دنيا ۾ جيڪو ڪُجهہ وهيو ۾ واپريو آهي، مان توکي اهو ايئن ئي هن وقت تائين ٻُڌائيندي آئي آهيان، پر تون خود ترت ئي انساني هجومن جي هن دنيا ۾ داخل ٿيڻ وارو آهين.

ٻچڙا! پر هن دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ توکي پيٽ ۾ گذاريل پنهنجو تنها ۾ آزاد جيا پو يقيناً ڏاڍو ياد ايندو.

13

• مون تولاءِ ٿي سُندر ڪهاڻيون سرجيون آهن، جن کي اصل ۾ هينئر تائين لکي ڪونہ سگهي آهيان. چو تہ بستري تي پُٹيءَ پر پئي رهڻ ڪري، آءٌ اهي پني تي لکي ڪونہ ٿي سگهان، تنهنجي ڪري في الحال اُهي توکي زباني طور ئي پئي ٻُڌايان. هڪ چوڪري هُئي، جنهن کي ميگنوليا (Magnolia) جي وڻ سان محبت ٿي وئي، جيڪو باغ جي وچ ۾ بيٺل هو. ننڍڙي نينگر اُن وڻ کي پنهنجي گهر جي آخري ماڙ جي دريءَ (جيڪا باغ طرف کُلندي هُئي) مان تڪيندي رهندي هُئي. نينگر ننڍڙي هُئي، جنهن ڪري ميگنوليا جي وڻ کي دريءَ مان ڏسڻ لاءِ ڪيس ڪُرسي تي چڙهي بيهڻو پوندو هو ۽ جڏهن سندس ماءُ ڪيس اُن حالت ۾ ڏسندي هُئي، تڏهن تمجهڻ مچائي ڏيندي هُئي، "يا خدايا! خير، هوءَ دردِيءَ مان ڪري نہ پوي!"

ميگنوليا جو وڻ تمام وڏو هو جنهن جي پکڙيل ٽارين ۽ پنن سان گڏ گُلَ ڪنهن شفاف رومال جيان ٽڙيل لڳندا هُئا، جن کي ڪو بہ مٿي هُئڻ سبب پٽي ڪونہ سگهندو هو. نينگر هر روز اُنهن گلن کي پوري جوبن ۽ سندرتا سان جهومندي، کوماڻجندي ۽ هوا جي هلڪي ڦوڪ سان ٽاريءَ مان ٽُڙي پَٽَ تي ڪرندي ڏسندي هُئي. هر روز نينگر جي نيٽن ۾ اهو خواب نئين سِر اُپرڻ لڳندو هو تہ ڪو نہ ڪو جوان اچي اُنهن ٽڙيل ۽ خوبصورت سفيد گلن مان هڪ گُل ضرور پٽيندو. ان هڪ اُميد جي آسري تي، هوءَ دريءَ جي چانئٽ تي پنهنجون ٻانهون رکي ۽ ٻانهن تي پنهنجي کاڏي ٽيکي پهرن جا پهر پئي دريءَ کان ٻاهر ڏسندي هُئي. هن جي گهر جي آس پاس ٻيو ڪو بہ گهر ڪونہ هو سواءِ هڪ پت جي، جيڪا باغ طرف کتهڙي جيان اُپريل هُئي، جيڪا اڪثر لَٽن سُڪائڻ لاءِ استعمال ٽيندي هُئي. خبر اٿئي! جڏهن گهٽو

ڪري ڪپڙا سُڪي ويندا هُئا. تہ تيز هوا جي گُهلڻ ڪري اُهي پت تان کِسڪڻ لڳندا هُئا. تڏهن هڪ عورت تکڙي تکڙي اچي، اُنهن کي گڏ ڪري پت تان لاهي ويندي هُئي.

هڪ ڏينهن عورت آئي. پِتِ تان سُڪل ڪپڙا لاهڻ بدران ميگنوليا جي وڻ کي ڏسڻ ۾ مگن ٿي وئي. سندس اشتياق مان ايئن ٿي محسوس ٿيو تہ جڏ هوءَ وڻ مان گُل پٽڻ جا پُور پچائي رهي هُئي. هوءَ ڪِڇ وقت تائين وڻ ۾ نيٺ اٽڪايو ٻيئي رهي ۽ سُڪل ڪپڙا هوا ۾ ڦڙڪندا رهيا. پوءِ هڪ شخص آيو جنهن عورت کي ٻانهن ۾ ٻڪي ورتو ۽ عورت پڻ ان کي پنهنجي ٻاڪرن ۾ ڀري ڇڏيو. چند لمحن کان پوءِ هو ٻئي چبوتري تي ليٽي پيا ۽ ڪِڇ عرصي تائين هڪٻئي ۾ سمايل رهيا. نينگر کي اهو ڏسي ڏاڍي حيرانگي ٿي ۽ کيس اهو سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو. تہ هو ٻئي ميگنوليا کي نهارڻ ۽ سندر گُل چوندڙ بجاءِ چبوتري تي چو ليٽي پيا آهن؟ هوءَ معصوميت ۽ صبر سان اُنهن ٻنهي جي مٿي اُٽڻ جو انتظار ڪري ئي رهي هُئي، جو اُتي هڪ ٽيون ماڻهو ٻہ ظاهر ٿيو جيڪو ڏاڍو ڪاوڙيل ٿي لڳو. هو بنا ڪُجهہ ڪيڙ پُڇڙ جي، اُنهن ٻنهي جي مٿان چڙهي ويو. پهريان مرد تي ڪاهہ ڪيائين. جيڪو ٽپو ڏئي پڇي ويو. پوءِ عورت تي ميڙجي پيو. جيڪا پاڙ بچائڻ لاءِ ڪپڙن سُڪائڻ واري ڪٺهڙي تي چڙهڻ جي ڪوشش ۾ ڊوڙندي رهي. پر ڊوڙي ڊوڙي آخر مرد کيس سوگهو ڪري ورتو ۽ ايئن مٿي ڪٽي کيس اُپو ڪيائين. جڏ منجهس ڪو وزن ئي ڪونہ هجي ۽ ڪٺهڙي کان ٽورو مٿي ڪري کيس هيٺ اُڇلايائين ۽ هوءَ جڏهن اچي ميگنوليا جي وڻ تي ڪِري، تڏهن وڻ مان ايئن ٽڙڪاٽ نڪتا، جڏ اُن جي ڪا ٽاري ٽُٽي پئي هُجي. ڪِرڻ مهل ئي عورت جو هٿ هڪ گُل تي پيو. جنهن کي هن پٽي ورتو. هوءَ ٽاريءَ تي دير تائين ٽنگي رهي ۽ سندس هٿ ۾ پٽيل گل ٻہ پيو رهيو. ننڍڙي نينگر ماءُ کي رڙ ڪري چيو "امي! هن هڪ عورت کي ميگنوليا جي وڻ تي اڇلائي ڇڏيو آهي، جنهن هڪ گل ٻہ پٽي ورتو آهي" نينگر جي ماءُ ڊوڙندي آئي ۽ ڏسڻ سان ئي کانئس دانهن نڪري وئي. چو تہ اُها عورت مري چُڪي هُئي ۽ اُن ڏينهن کان اُها ننڍڙي نينگر دل ۾ اهو خيال کٽي پلي ۽ نپني آهي. تہ جيڪڏهن

ڪا ئي عورت گل ڀتيندي، ته موت ۾ ڪيس موت جو مُنهن ڏسڻو پوندو.

ڇڙا! آءٌ ئي اُها ننڍڙي نينگر هُيس ۽ مون ئي جيون ۾ اهو پهريون درس پرايو هو ته دُنيا ۾ طاقتور ظالم ۽ ڪُند ذهن ئي هميشہ ڪمزورن تي ڪاميابي ماڻي آهي. مُنهنجي دُعا آهي، ته شال خالق توکي مون وانگر ننڍڙي عُمر ۾ ان ڳالهہ جي ادراڪ کان بچائي، ته اها عورت ئي هجي ٿي، جنهن کي هر سچائيءَ لاءِ ڏاڍي ڳري قيمت ادا ڪرڻي هوندي آهي، پر مُنهنجي هيءَ آس ته اجائي خام خيالي تي مبني آهي، ان بدران مون لاءِ اُها اُميد بهتر هوندي، ته شال تون ترت ئي ان پُورڙائيءَ مان نجات حاصل ڪري وٺين، جنهن کي ٻالڪپڻو ڪوٺيو وڃي ٿو. جيڪو نسورو اپاهجيءَ جي مترادف هُجي ٿو تنهن ڪري توکي بيوس هُئڻ بدران هينئر کان ئي طاقتور قوّت ۽ پنهنجو تحفظ پاڻ ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن تون عورت آهين، ته توکي ايتري مضبوط ٿيڻ جي مشق ڪرڻ گهرجي، جو خود ڪنهن ٻئي جي هٿان ڪٽهڙي کان اُڇلائجڻ بدران خود ڪنهن کي اُڇلائي سگهڻ جي قابل بڻجي سگهين. هي به هڪ قانون آهي. ها، جنهن کي توڙي جو غير تحريري حيثيت حاصل آهي، پر پوءِ به پنهنجي وجود ۾ سراپا سچ آهي. اهو تون هُجي يا مان. مان خود کي بچايان يا تون پنهنجي تحفظ لاءِ پاڻ پتوڙين، پر جياپو ۽ آزادي اسان جي هن قانون جو اول نقطو آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ توکي فراموش ڪرڻ نہ گهرجي.

ڇڙا! جياپي جي هِن جنگ ۾ هر ڪو ٻئي کي مات ڏيڻ جي جستجو ۾ آهي، پر جيڪڏهن ڪو ئي ايئن نہ ٿو ڪري ته بي سبب مصلوب ٿي وڃڻ سندس مقدر بڻجي وڃي ٿو ۽ اُنهن جي ڇڻي تي ڪڏهن به نہ لڳجانءِ، جيڪي چون ٿا ته مرڻ مارڻ کان بهتر آهي، جنهن جي آءٌ ڪنهن به طور تي حامي ڪو نہ آهيان. آءٌ قطعاً اهو ڪو نہ ٿي چوان ته عورت، مرد کان وڌيڪ معتبر ۽ بهتر آهي، پر مرد جي معتبري کي به بنهہ اهو حق حاصل ڪونهي، ته هو ڪنهن تي موت مسلط ڪري، چو ته زندگي پنهنجي جوهر ۾ بُري ۽ بهتر جي قدرن کان نرالي هُجي ٿي، جنهن جو بنياد سڀ ۽ خراب جي معيارن بدران طاقت ۽ وڌيڪ توانائي جي قوت تي هُجي ٿو چو ته جياپو بذاتِ خود ڏاڍائي جي مظاهري جو نالو

آهي. تون جيڪو چمڙي جو بوٽ پائيندين، سو به ڪنهن زوراور ڪنهن ڏور کي ذبح ڪري اُن جي کل لاهي، ڪنهن موچيءَ لاءِ ان مان بوٽ ٺاهڻ جو موقعو فراهم ڪيو هوندو. تون سرديءَ کان بچڻ لاءِ جيڪو اوني ڪوٽ اوڍيندين، سو به ڪنهن جانور جي ڪوس کان پوءِ جُڙيو هوندو. توکي چوڻي جو جيرو کائڻ لاءِ تڏهن ملي سگهندو جڏهن ڪوئي اُن کي گُهندو. توڙي جو اُن چوڻي، گُهندڙ جو گُجهه به ڪونہ بگاڙيو هوندو آهي، پر تڏهن به سندس ڪنڌ تي اُن طرفان ڪاتي ايندي آهي، جو تہ هتي هر ڪو پنهنجي بقا لاءِ ٻئي جي نڙيءَ تي نَهن ڏيڻ جو قائل هجي ٿو. ايتري تائين جو مڇيون به هڪٻئي کي هڙپ ڪري وڃن ٿيون. ساڳي طرح اها روايت پکين، جيتن ۽ جانورن ۾ به عام هُجي ٿي، پر مُنهنجي خيال ۾ اُهي صرف وڻ ۽ ٻوٽا ئي هُجن ٿا، جن جو گذارو ٻئي جي گوشت بدران فقط پاڻي، هوا ۽ سج جي روشني تي هوندو آهي ۽ ڪڏهن اُنهن کان محروميءَ سبب هو ڪومائجي متيءَ ۾ ملي ويندا آهن، پر ڇا هي تولاءِ اُنهن دهشتناڪ سچائين کي سمجهڻ جو وقت آهي؟ ها تون جيڪو بغير ڪنهن کي ايذائڻ ۽ قتل ڪرڻ جي خود پُر آسائش پرورش حاصل ڪري رهيو آهين!"

14

• هينئر ہي دلچسپ ڪهاڻي ٻڌ. هڪ ننڍڙي ڇوڪري هُئي، جنهن کي چاڪليٽ ڏاڍا پسند هُئا، پر هوءَ جيترا ٻ وڌيڪ چاڪليٽ چاهيندي هُئي، اوترا ڪيس گهٽ ملندا هُئا. ڪو دؤر ۽ جڏهن هوءَ جيترا چاڪليٽ طلبيندي هُئي، ڪيس ملي ويندا هُئا، تڏهن هوءَ هڪ اهڙي روشن ۽ پُروقار گهر ۾ رهندي هُئي، جنهن جي درين مان روشنيءَ جا ڪرڻا رقص ڪندي داخل ٿيندا هُئا، پر هڪ ڏينهن جڏهن هن اک پٽي، تڏهن ڪُليل آسمان ۽ روشن گهر بدران پاڻ کي هڪ ڪُولي نما گهر ۾ ڏٺائين، جنهن جي درين جي لوهي جهنگلي کان هيٺ هن کي چند پيرن جي چُرپر ئي مشڪل سان ڏسڻ ۾ ٿي آئي. ڪڏهن ڪڏهن جي ڪوئي ڪُتو نظر ايندو هو تڏهن ان کي پَسي ڪيس ڏاڍي سرهائي ٿيندي هئي، پر سيخن واري جهنگلي تي جڏهن ڪُتا ڇنگهه ڪٽي پيشاب ڪرڻ لڳندا هُئا، تڏهن اهو ڏسي نينگر جي ماءُ جي نيٽن مان لُڙڪ لڙي پوندا هُئا ۽ هوءَ رڙ ڪري چوندي هُئي "او خدايا! هي ڇا ٿي ويو"؟ هوءَ اڪثر جهجي پوندي هُئي، جڏهن سندس نظر پنهنجي وڏيل پيٽ تي پوندي هُئي ۽ هوءَ پنهنجي پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار سان مخاطب ٿي ڪيس چوندي هُئي، "توکي ٻ هن بدحاليءَ واريں حالتن ۾ جنم جي ڪهڙي ضرورت هُئي؟" ۽ اهي لفظ جڏهن بستري تي پيل، بيمار ننڍڙي نينگر جي پيءُ جي ڪنن تي پوندا هُئا، تڏهن ڪنگهه ۾ ٻتجي ويندو هو ۽ ان ڏينهن کان پوءِ ئي نينگر جي پيءُ جي طبيعت ويتر بگڙي وئي ۽ هن جو چهرو هيبو ٿيندو ۽ اکيون ڏرا ڏيندیون ويون ۽ هو ڏينهون ڏينهن دل شڪستا ۽ مايوس ٿيندو ويو. ننڍڙي نينگر جي خيال موجب، سندس والد جي بيماري، چاڪليٽن جي محرومي ۽ مفلسي سبب ان

نئين گهر ۾ منتقل ٿيڻ سبب ئي پيدا ٿيا هُئا، جتي ڪُليل آڪاش ۽ خوشين بدران صرف اونداهي ئي اونداهي هُئي.

ننڍڙي نينگر جي ماءُ گهر جي گڏاري لاءِ هڪ مائٽ امير زادي جي گهر ۾ نوڪرياڻين جيان ڪم ڪندي هُئي. اُن امير زادي لاءِ مشهور هو ته هوءَ هر روز نئون وڳو مٽائيندي هُئي، جنهن سان گڏ ميچنگ طور ڪيس ايترائي هينڊ بيگ ۽ بوٽ هوندا هُئا. هن جو شاندار بنگلو درياءَ جي ڪناري تي هو جنهن جي درين جي شيشن مان شهر جي سيني سندرتائن جو نظارو نظر ايندو هو پر اُن جي باوجود به اها خوبصورت امير عورت پُرمسرت ۽ پُرسُڪون نظر ڪونہ ايندي هُئي. هميشہ ڊريس سٽي نہ بيهڻ، بلي کي زُڪام ٿيڻ ۽ نوڪرياڻي جو ڏينهن جي موڪل وٺي مهينن تائين غائب ٿي وڃڻ جون ڪيس شڪايتون رهنديون هيون. تنهن ڪري ننڍڙي نينگر جي ماءُ هڪ غير ذميوار نوڪرياڻيءَ جي جاءِ تي پوري ذميداريءَ سان ڪم ڪرڻ لڳي. هوءَ هر روز صبح جو نوين بجي بيمار وَر کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي، امير عورت جي چاڪريءَ لاءِ نڪرندي هُئي. هوءَ نينگر کي گهر ۾ پنهنجي بيمار ڦڦڙن جي مريض مڙس سان ڇڏڻ بدران هڪ بجي تائين پاڙ سان تازي هوا ۾ گڏ رهڻ کي ترجيح ڏيندي هئي. هو ٻئي روز پيادل ڪيترين ئي گهٽين لتاڙڻ کان پوءِ شاهوڪار عورت جي بنگلي تي پهچندين هيون. روز رستي ۾ نينگر جي ماءُ اهي پور پچائيندي ويندي هُئي، ته خبر ناهي اڄ امير زادي جي ڪهڙي ناراضگي سان ڪيس مُنهن مقابل ٽيٽو پوندو. هوءَ همت ساري گهنٽيءَ جي بٽڻ تي هٿ رکندي هُئي ۽ موٽ ۾ آهستي آواز ۽ سُست قدمن جي گسِڪي کان پوءِ جيئن دروازو کلندو هو تيئن ئي امير عورت پيرن تائين لڙڪندڙ گائون ۾ سامهون نظر ايندي هُئي، جيڪو ڪڏهن اڇي رنگ جو هوندو هو ته ڪڏهن وري گلابي ۽ آسماني رنگ جو. هو اندر داخل ٿيڻ سان ئي کالين تي آهستي قدم رکندين هيون. ننڍڙي نينگر جي ماءُ کيس ٻانهن ۾ ڪٽي استول تي ايئن ويهاريندي هُئي، جيئن انسان بدران هوءَ ڪا سامان جي ڳٽڙي هُجي. هوءَ کيس خاموش رهڻ ۽ ڪائي حرڪت نہ ڪرڻ جي هدايت ڪري، بورچيخاني ۾ ٽانون جي صفائي لاءِ هلي ويندي هُئي ۽ امير

عورت آرام ڪرسيءَ تي ليٽي سگريٽ پيئڻ ۾ اخبار پڙهڻ ڪي لڳي ويندي هُئي. ان مان ظاهر ٿي ٿيو ته ان کان سواءِ ڪيس ٻيو ڪو ڪم ئي ڪونهي. ننڍڙي نينگر کي اهو سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته واندي هُئڻ جي باوجود به هوءَ پنهنجي گهر جو ڪم هڪ ڪُورهاري عورت کان ڇو ٿي ڪرائي؟

ان صبح اميرزادي جي شڪايتن جو دفتر دولت جي متعلق هو جنهن جي اميرزادي جڏهن شروعات ڪئي، ان وقت نينگر جي ماءُ ٽانوَ ٿي ڏوتا. پر ڊرائنگ روم جي صفائي اُڪلائڻ کان پوءِ به اميرزاديءَ جي داستان دنگ ڪونه ڪيو هو. اميرزادي وري وري ورجائيندي ٿي چيو. "ڏسو ته سهي. هو بس ايترن ئي ڏوڪڻن تي مون کي راضي رکڻ ٿو چاهي"! جڏهن ننڍڙي نينگر جي ماءُ وراڻيندي چيو. "آءٌ ايتري دولت سان ته پنهنجو پاڻ کي شهزادي پائنڊ لڳندیس" ته اميرزادي اُن تي چڙي پئي. "اهو ته مُنهنجي گاڏين جي خرچ جي پورائي جيترو به ڪونه ٿيندو ۾ تون آهين ڪهڙي چيز جو مون سان پنهنجي پيٽ ڪرڻ جي جرائت ٿي ڪرين؟" نينگر جي ماءُ شرم ۾ ٻُڏي وئي ۾ پنهنجي چادر سان فرش صاف ڪرڻ جو بهانو ڪري نٽائڻ لڳي. نينگر جي نڙيءَ ۾ جڙ ڪا شئي اٽڪي پئي. هن جي اکين مان لُڙڪ ٽِمڪڻ وارا ئي هئا. جو اوچتو سج جي ڪرڻن تي چمڪندڙ شيشي جي برنيءَ تي سندس نظر پئي. جيڪا چاڪليٽن سان ڀريل هُئي. اُهي چاڪليٽ ڪي عام رواجي ڪونه هُئا. پر اُنهن چاڪليٽن کان ڪيئي ڀيرا وڌا ۾ موهيندڙ هُئا. جيڪي هوءَ سُکين ڏينهن ۾ پنهنجي گهر ۾ کائڻ جي عادي هُئي. اوچتو ئي اوچتو سندس نڙيءَ ۾ ڪُجهه اٽڪيل هجڻ واري جاءِ تي کيس چاڪليٽ جي ذائقي جو احساس محسوس ٿيڻ لڳو. سندس ماءُ اهو سڀ ڪُجهه ڄاڻيو ورتو ۾ کيس اکين ئي اکين ۾ اها تنبيهه ڪيائين، ته جيڪڏهن هوءَ انهن جي طلب ڪندي ته موٽ ۾ يقينن کيس شرمساري ئي ٿيندي. ننڍڙي نينگر ماءُ جي اشاري مان سڀ ڪُجهه سمجهي ورتو ۾ چت ۾ بي نيازيءَ سان گهوريڻ لڳي. نينگر جا نيٽ اڃا چت ۾ ئي اٽڪيل هُئا. جو اوچتو اميرزادي اُٿي، خود ڪلامي ڪندي ۾ پنهنجي ڪرائي مهٽيندي بالڪوني ڏانهن مُڙي وئي. جنهن

جي سامهون واري گهر جي ڪُشادي بالڪوني ۾ ٻه امير ٻارڙا بيٺا هُئا. جن کي اڃي ئي ننڍڙي نينگر ڏسڻ سان سمجهي ورتو هو ته اُهي اميرزادي جيان ايترا خوبصورت محض ان ڪري آهن، جو ته هو ٻه امير آهن. اميرزادي مُسڪرائيندي بالڪوني جي ڪُنڊ تي وڃي بيٺي، جتان ٻارڻن کي ڏاڍي ناز ۽ موهه سان مخاطب ٿي چوڻ لڳي، "اڇو اڇو مُنهنجا پيارا، ٿورو ويجهو سُرڪي اچو. اڇو ڇو نه ٿا؟ اڇو ته توهان کي خوبصورت ۽ لذيذ چاڪليٽ کارايان." هوءَ گهر مان چاڪليٽن سان پريل برني ڪٽي وري بالڪونيءَ ۾ موٽي آئي ۽ اُن جو ڏِکڻ لاهي اڌ کان وڌيڪ چاڪليٽ کڌي ٻارڻن کي ڏاڍي پيار سان اُڇلائي ڏنائين. پوءِ ٿهڪ ڏيندي موٽي اچي چاڪليٽن جي برني واپس ٽيبل تي رکيائين ۽ اُن مان هڪ چاڪليٽ کڌي اُن جو سُنهري ڪَورَ لاهي، ٿوري دير ڪُجهه ويچارڻ کان پوءِ پنهنجي وات ۾ وجهي ان کي کائڻ لڳي. ايتري تائين ننڍڙي نينگر کيس عجيب حسرت پرين نظرن سان ڏسندي ئي رهي.

اُن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين آءٌ چاڪليٽ کائي نه سگهندي آهيان. جيڪڏهن ڪڏهن کائڻ جي ڪوشش ڪئي به اٿم، تڏهن به وات ۾ وجهڻ سان اوڪارا ڏئي باهر اُڇلائڻ تي مجبور ٿي پوندي آهيان. ٻچڙا! پر مون کي يقين آهي، ته چاڪليٽ تو کي گهڻو پسند هوندا، ڇو ته آءٌ توکي لاتعداد چاڪليٽ وٺي ڏينديس. تُنهنجي چوڌاري چاڪليٽن جا انبار لڳائي ڇڏينديس، ته جيئن کائي کائي تُنهنجو اُنهن مان ايترو جيءُ پرجي وڃي، جو انهن کان مُنهنجي محرومي جي احساس جو مُنهنجي ذهن تان بوجهه لهي وڃي.

توکي ترت ئي ظلم ۽ زيادتيءَ سان مُنهن مقابل ٽيڙو پوندو. اها الڳ ڳالهه آهي، ته تون ان لاءِ اڳواٽ ئي ذهني طور تيار ٿي ڇُڪو هوندين. ظلم ۽ ناانصافي فقط اها نه ٿي هُجي، جنهن تحت کائڻ لاءِ ڪڪڑ کي ذبح ڪيو ٿو وڃي، ڏور جي چمڙيءَ لاءِ اُن کي ڪُنو ٿو وڃي ۽ هڪ عورت کي سيکٽ ڏيڻ لاءِ کيس قتل ڪيو ٿو وڃي، پر ناانصافيءَ مان مُنهنجو مقصد اهو طبقاتي تضاد آهي، جنهن ۾ ڪنهن کي ڏؤ ته ڪنهن کي فاقه ڪشيءَ تي گذارو ڪرڻو پوي ٿو. اها

ناانصافي، جنهن ۾ هڪ ڳوٺاري عورت، هڪ نڪمڻي اميرزادي، جي گهر جا فرش صاف ڪرڻ تي مجبور هُجي ٿي، تنهن جو انت ڪيئن ايندو؟ ان بابت تہ مون کي ڪا ئي سُڌ ڪونهي، پر جن بہ ان جي انت لاءِ ڪوشش ڪئي آهي، اهي صرف هڪ فرش صاف ڪندڙ جي جاءِ تي ڪنهن ٻي ڇوري ۽ هٿن جي تبديلي تائين سوچيارا ٿي سگهيا آهن. تون چاهي ڪهڙي بہ نظام ۾ جنم وٺين، تنهنجو نظريہ حيات ڪهڙو بہ هُجي، پر توکي هتي هميشہ هڪڙو فرد ٻئي جو فرش صاف ڪندي ضرور نظر ايندو. توکي هميشہ ڪا نہ ڪا ننڍڙي نينگر چاڪليٽن جي خواهش ۾ تذليل برداشت ڪندي ملندي. توکي ڪوبہ اهڙو فڪر ۽ قانون قطعاً نظر ڪونہ ايندو جيڪو انهن ڪُندُ ماڻهن جي قلبن ۽ سندن نابرابريءَ کي تبديل ڪري سگهي!

تو سان جيڪڏهن ڪوئي ان دعويداريءَ جي هام هڻي، تہ وٽن ڪو مختلف نظام قائم آهي، تہ اهو وڏو ڪوڙو هوندو. ڇو تہ ڪائنس پڇجانءِ تہ ڇا اُنهن وٽ غريب جي ماني غريباڻي ۽ امير جو طعام اميراڻو ڪونہ آهي؟

ڇا انهن وٽ غريبن جا ڪچا گهر ۽ اميرن جا بنگلا ڪونہ آهن؟

ڇا انهن وٽ غريباڻيون ۽ اميراڻيون موسمون ڪونہ آهن؟

سيارو شاهوڪارن جي موسم آهي، تون جيڪڏهن شاهوڪار هوندين، تہ سيارو تولاءِ وندر ۽ تفريح جي موسم هوندي، ڇو تہ تو وٽ ڪمري لاءِ هيٽر ۽ باهر برفباري ۾ نڪرڻ لاءِ اوني ڪوٽ جام هوندا. پر جيڪڏهن تون غريب هوندين، تہ سيارو تولاءِ رحمت بجاءِ زحمت بڻيل هوندو. ايتري تائين جو توکي برف ۾ ڏيکيل خوبصورت نظارن کان بہ نفرت ٿيڻ لڳندي. آزادي وانگر مساوات بہ مُنهنجا ٻچڙا صرف اُتي موجود آهي، جتي هينئر تون موجود آهن. ڇو تہ اسين سڀ فقط هڪ آني ۽ ماءُ جي ڪُک ۾ ئي آزاد ۽ برابر هوندا آهيون. ۽ تولاءِ يقينن انهن ناانصافين کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جو هي ئي مناسب وقت آهي، ڇو تہ تون هينئر مڪمل آزاد ۽ ڪنهن جو بہ غلام ڪونہ آهين.

15

• مون کي هن ڪهاڻي جي طلسمي يا حقيقي هجڻ جي ته ڪا ئي سُڌ ڪونهي، پر پوءِ به آءٌ اها توکي ٻُڌايان ٿي، هڪ چوڪري هُئي، جنهن کي آئيندي تي ڏاڍو اعتبار هو. هر ماڻهو سندس آئيندي روشن هجڻ جو آڻت ڏئي ڪيس سياڻي ۾ ايمان رکڻ جو درس ڏينندو هو. چرچ ۾ پادري ڪيس جنت ملڻ جي بشارت ڏئي، آئيندي جي حسين هجڻ تي يقين جو تاڪيد ڪندو هو.

اسڪول ۾ ڪيس اُستاد ٻُڌائيندا هُئا، ته انسان ڪڏهن اونداهين غارن ۾ رهندو هو تنهن کان پوءِ هن اونداهين غارن مان نڪري ڪُليل آسمان هيٺ رهڻ شروع ڪيو ۽ هينئر اهو انسان آرامده ۽ پُرسڪون گهرن ۾ رهائش پذير آهي، ان ڪري انسان جو مستقبل ڏينهن بہ ڏينهن وڌيڪ روشني طرف گامزن آهي، پر جڏهن سندس پيءُ انساني اتهاس مان منطقي دليلن سان مٽائيس اهو واضح ڪيو هو ته دُنيا ۾ هميشہ هر غاصب ۽ زردار جي هر دور ۾ پرپور مزاحمت ڪئي وئي آهي، تڏهن اُن لمحي ئي نينگر جو پادريءَ جي سياڻي واري جنت تان اعتماد کڄي ويو هو ڇو ته پادريءَ جو سياڻو موت کان پوءِ حاصل ٿيندڙ اُن بهشت جي تصور تي مبني هو جنهن جي سلطنت جو نقشو نينگر کي ڪنهن اُن آرامده هوٽل وانگر پاسيو هو جنهن ۾ رهڻ لاءِ هن زندگيءَ کي موت تي ترجيح ڏيڻ قطعاً ڪونہ چاهي. ترت ئي هڪ سياري جي رات، هن جو اسڪولي استادن جي ليڪچرن تان بہ اُن وقت يقين ختم ٿي ويو هو جڏهن ٽڏ جي شدت ڪري هن جا هٿ ۽ پير ڏڪڻ لڳا هُئا ۽ هن سوچيو هو ته "اهو ڪيئن قبول ڪجي ته انسان غارن مان ترقي ڪري اجتماعي طور تي گرم ۽ پُرسڪون گهرن ۾ رهڻ لڳو آهي، جڏهن ته

خود هوءَ ۽ سندس گهر، اُن روشنيءَ کان محروم هو." پر ان سڀ جي باوجود به نينگر جو پنهنجي پيءُ جي ڳالهين ۾ يقين برقرار رهيو. هن جو پيءُ اُهو حوصلا مند ۽ ارڏو انسان هو جنهن مسلسل 21 ورهين تائين وردين وارن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ هُن هر ڀيري تشدد برداشت ڪرڻ کان پوءِ به ثابت قدمي ۽ پُراعتمادي سان کين چيو "سياڻو ٿيندو ۽ سوجهرو ضرور ايندو."

انهن ڏينهن ۾ ملڪ ۾ عوام ۽ حڪومت درميان، جيڪا حقن جي معاملي تي جنگ جاري هُئي، تنهن ۾ سوپ هميشہ وردي وارن جي ٿي ٿي. پر هيسيل هجوم مان هڪ ڏينهن نينگر جي پيءُ هٿياربندن اڳيان سينو تاڻي چيو هو "ڪاري رات کان پوءِ صبح ضرور اُپرٽو آهي." هڪ جولاءِ جي رات اوچتو وردي وارن جي تخت پلٽو ڪاڏو ۽ سندن اقتدار جي ڏينهن جو انت اچي ويو. ائين لڳوڀڳ ڏول جا ڏينهن پورا ٿي ويا هُجن ۽ سُتت ئي صبح ٽيڙ وارو هُجي. پر سيپٽمبر اچڻ سان ئي وردين وارن جا ڪارا قهري ڏينهن هڪ جرمن جابر جي ماتحتي ۾ وري موٽي آيا. ظلم جي راج رڙ ۾ اري ڏنو. نينگر کي پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي "روشن صبح" ٽيڙ واري خواب جي وشواس لاءِ وسوسا پيدا ٽيڙ لڳا. پر سندس پيءُ يقين ڏيارينديِ کيس چيو "تون غم نہ ڪر ڀچڑي صبح ضرور ٽيندو." نينگر جي پيءُ وڏيڪ کيس حوصلو ڏيارڙ لاءِ پڙ ٻڌايو تہ "هاڻي هو ان ظلم خلاف اڪيلا نہ. پر اڪيچار آهن". ۽ي ڏينهن نينگر جي شهر تي سندس پيءُ جي حمايتن هٿان ئي بمباري ٿي ۽ سندس گهر جي اڳيان ئي هڪ بم به ڦاٽو. نينگر حيران هُئي، تہ جيڪڏهن اهي سندس والد جا رفيق ئي هُئا، تہ پوءِ انهن سندس ئي گهر تي بمباري چو ڪئي؟ سندس والد وضاحت ڪندي ٻڌايو هو تہ "انهن کي اهو سڀ ڪُجهہ ڏاڍو مجبوري واري حالت ۾ ڪرٽو پئجي ويو هو تنهنڪري ساڻن دوستي واري رشتي ۾ ڪو به ڏار نہ پوندو" ۽ هو انهن بمباري ڪندڙن مان نينگر جي اطمينان لاءِ ۽ن کي پنهنجي گهر به وٺي آيو هو جيڪي هٿياربند وردي وارن هٿان پڪڙجي پيا هُئا. پر انهن کان پڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هُئا. نينگر کي سندس والد وڏيڪ ٻڌايو هو تہ "انهن جي مدد ان ڪري به

ضروري آهي، چو تہ اسان سان گڏ انهن سيني جو نصب العين صبح ۽ امن جو خواب ئي آهي." نينگر مطمئن ٿي وئي هُئي ۽ ان ارڏي والد سان گڏجي، سندن ميزباني ڪئي هئائين، جنهن هميشہ هنن کي تحفظ ڏنو. سندن خدمت ڪئي ۽ محفوظ ڳوٺن ڏانهن نڪري وڃڻ لاءِ رستن جي نشاندهي پڻ ڪئي. نينگر ڏينهن ۽ مهينن تائين انهن ساٿين جي فوج جو انتظار ڪندي رهي، جن صبح آڻڻ جو عهد ڪيو هو. بم ڦاٽي رهيا هُئا، گوليون وسي رهيون هيون، ماڻهن تي تشدد ڪري کين ماريو ٿي ويو. پر انهن صبح آڻڻ وارن دعويدار هجومن مان ڪو بہ هڪ ڪونہ ٿيو. صبح ٿيڻ وارو خواب صرف خواب ئي رهجي ويو. نينگر جي پيءُ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ مٽس ايترو تشدد ڪيو ويو جو هوءَ جڏهن ساٿس جيل ۾ ملاقات لاءِ وئي، تہ تشدد ڪري کيس پنهنجو والد سڃاڻڻ ۾ ئي ڪونہ ٿي آيو. پر اُن تشدد ۽ عذابن جي باوجود بہ هن نينگر کي ڏسي مُرڪي ڇڏيو. "صبح ضرور ايندو. ها، صبح جيڪو سيني ذلتن ۽ زيادتين کان آجو ۽ آزاد هوندو."

آخرڪار هڪ ڏينهن اُهو صبح آيو. آگسٽ جو مهينو هو. ساري رات شهر بمن جي دهشتناڪ ڌماڪن سان گونجندو رهيو ۽ رُڌُ جي واهڙن وهڻ کان پوءِ اهو سياڻو صبح اُپريو. بمن سان پُليون ۽ گهر تباهہ ڪيا ويا ۽ انيڪ بيگناهہ ماڻهن جي لاشن جي ڍير ٿيڻ کان پوءِ اهو اوپر کان حسين اُميدن جو سج نمودار ٿيو. جنهن سان گڏ اهي ڀهڪندڙ ۽ سوڀ جي خوشيءَ سان سرشار سُندر ڪامريڊ نوجوانن جا جٿا بہ ظاهر ٿيا، جيڪي وردين ۾ نجات جي فرشتن جيان ٿي لڳا ۽ جن طرف ماڻهو گل ۽ مرحبائون ڪٽي وڌي رهيا هُئا. چوڪريءَ جي پيءُ کي اسيريءَ مان آزاد ڪيو ويو. جنهن جي هر ماڻهوءَ ڏاڍي گرمجوشيءَ ۽ اُڪير سان آجيان ڪئي ۽ هن جا نيٺ يقين ۽ مُسرت مان مُرڪي رهيا هُئا. نينگر جي پيءُ کي ڪنهن ماڻهوءَ آهستي اچي ٻڌايو تہ "ڪمانڊنگ ڪيمپ تي ڪوئي مسئلو ٿي پيو آهي، جنهن ڪري توهان کي ڪمانڊر سڏي رهيو آهي." نينگر جو والد ڊوڙندو جڏهن ڪمانڊنگ ڪيمپ تي پهتو تڏهن اُتي زمين تي ڪريل هڪ ماڻهوءَ کي ڏنائين، جنهن جي عُمر تقريبن ٽيهہ ورهين جي لڳ ڀڳ هُئي ۽

کيس بلُو رنگ جي وٽندڙ ڊريس پاتل هُئي، جيڪا ڇڻ هن ڪامريڊن جي سوپ جي خوشيءَ جي موقعي تي خاص طور پائڻ جي چونڊ ڪئي هُجي، هن جي قميص جي کيسي تي ڪاغذ جو گلاب لڳل هو. اُن ماڻهو جي ڪُلهي جي مٿان هڪ وردي پوش ڪامريڊ رائفل تاڻيو بيٺو هو. نينگر جي پيءُ نِوڙي اُن شخص کان پُڇيو. "تو ڇا ڪيو آهي ۽ روئين ٿو تو"؟ اُهو ماڻهو ڪا ورندي ڏيڻ بدران ويتر روئڻ ۾ صرف "امڙ او امڙ! او مُنهنجي امڙ" ..... ئي پڪاريڙ لڳو. نينگر جو پيءُ جيئن فوج جي ڪمانڊر وت پهتو تيئن ئي ڪمانڊر ڪڪڙي رنگ جي ٿهندڙ شهپرن وارو رعبدار چهرو متي ڪري ڪانئس پُڇيو. "ڇا تون ئي هن شهر جي ماڻهن جو نام نهاد نمائندو آهين؟"

نينگر جي پيءُ وراڻيو "ها. آءٌ ئي هن شهر جو نمائندو آهيان." "تہ پوءِ ٻُڌي ڇڏ، تہ ٿُنهنجي شهر جي ماڻهن اسان جو استقبال ئي اسان جون چوريون ڪرڻ ۾ اسان کي لُٽڻ ڦرڻ سان ڪيو آهي. انهيءَ جو ثبوت تنهنجي سامهون هي پڪڑيل چور ويٺو اٿئي." نينگر جي پيءُ کانئس پُڇيو "هن ڇا چورايو آهي"؟ ڪمانڊر وراڻيو "هڪ اناج جي پريل ٻوري ۾ هڪ آفيسر جي موڪل جا ضروري ڪاغذات. خير ڪاغذ تہ هن کان وصول ڪيا ويا آهن، جيڪي هن چيهاڙيون ڪري ڇڏيا آهن، پر اناج جي ٻوريءَ جي چوري ۾ هن ماڻهوءَ جي خود اسان سان ارهہ زورائي معاف ڪرڻ جهڙي قطعاً ڪونہ آهي."

نينگر جي پيءُ ڪمانڊر کي يقين ڏيارينديِ چيو تہ هو شهر جي نمائندي جي حيثيت ۾ هن چور کي آفيسر جي موڪل جي ڪاغذن ڦاڙڻ جي سزا ۾ اَنَ جي ٻوري جو معاوضو بہ ڪين ضرور پرائي ڏيندو پر ڪمانڊر نينگر جي پيءُ کي ترت ئي اُتان نڪري وڃڻ جي حڪم ڏيڻ سان گڏوگڏ اهو پڻ ٻُڌايو تہ. "چور لاءِ وٽن معافي نہ. پر موت هوندو آهي."

زمين تي ڪِريل ماڻهو گاهہ ۾ مُنهن لِڪايو "امڙ مُنهنجي امڙ او امڙ" پُڪاري رهيو هو. وردي پوش ڪامريڊ متانئس مشين گن تاڻيو بيٺو هو. جڏهن اتان نينگر جو گذر ٿيو تڏهن هن کي هڪ گولي جي فائر جو آواز بہ پُڌڻ ۾ آيو هو. توڙي جو نينگر کي اها پروڙ پئجي ڪونہ سگهي، تہ اها گولي اَنَ چورائيندڙ ان چور شخص جي موت جو پروانو

بٹي يا نہ. پر ان ڏينهن کان وٺي نينگر جو سياٽي تي ويساهہ وارو وشواس ختم ٿي وڃڻ سان گڏوگڏ هميشہ لاءِ دوستي تان پروسو بہ ختم ٿي ويو.

برطانوي فوجين کان پوءِ آمريڪي فوجون آيون. هر ماڻهوءَ جي آس هُئي، تہ آمريڪي وڏيڪ مهربان ۽ مخلص هوندا. نينگر بہ پُراُميد هُئي، تہ هو انسانيت ۽ مسرتن جون ڳالهيون ڪندڙ يقيناً امن ۽ محبتن کي قائم ڪندا، پر ٿوري ئي عرصي ۾ هُن ڏٺو تہ اهي انسانيت، مُسرتن ۽ امن جا دعويدار خود ئي عورتن جون زوري عصمتون لُٽي ۽ ماڻهن تي حاڪماڻا حڪم هلائي. سندن تذليل ڪري رهيا هُئا. هڪ پيرو ٻيهر پُرامن ۽ پُرمسرت سياٽي جو خواب سندس لاءِ پيانڪ خواب بڻجي ويو. بُڪَ ۽ مفلسي جو ساڻيو جهان قائم رهيو. ڪي عورتون پيٽ جو دوزخ پرڻ لاءِ جسم فروشي تي مجبور ٿي پيون. تہ ڪن وري حاڪم طبقي جي هجومن جا ڪپڙا ڏوئڻ جو ڏنڊو اپنايو.

هر جڳهہ جي ڪٿڙي ۽ ديوار تي ٽنگيل فوجي وردين جي نمائش نظر اچڻ لڳي. جنهن آفيسر جا گهٽا ڪپڙا ڏوپي ديوارن تي لڙڪندي نظر ايندا هُئا، اهو پاڻ کي وڏيڪ معتبر محسوس ڪندو هو. ڇهہ جورابن جاجوڙا ڏوئڻ جي عيوض ۾ آمريڪي ڊبل روٽي، ٽن گنجين جي صفائي جي بدلي ۾ چند مٽرن جي ڦرين ۽ گوشت جو ٽڪرو ۽ هڪ وردي جي ڏوئڻ جي اُجرت ۾ گوشت جا ٽڪرا ڏنا ويندا هُئا. پر نينگر جو والد پنهنجي نياٽي ۽ ونيءَ کي انهن وردي وارن جي گندي ڪپڙن کي ڇُهڻ بہ ڪونہ ڏيندو هو. هو چوندو هو "بُري يا بهتر سياٽي جو آغاز تہ ٿي ڇُڪو آهي، پر ان جو مقابلو ۽ مزاحمت ثابت قدمي سان ڪرڻ ضروري آهي." انهيءَ ڪري هُن پنهنجي چند ڪامريڊن کي ماني جي دعوت ڏئي گهر گهرايو هو ۽ لذيذ ڪاڏي پيش ڪرڻ سان گڏ، پنهنجي قيد تنهائي جي ساروٽين تي مبني هڪ پُرسوز تقرير بہ ڪئي، جنهن ۾ هن پوري يقين سان ورجايو تہ "اڄ بہ بهتر سياٽي لاءِ جدوجهد اسان سڀني جو اجتماعي نصب العين آهي."

هن ويندي پنهنجي ڪامريڊن کي پنهنجي قيمتي واڇ بہ تحفي طور ڏئي ڇڏي، جيڪا هُنن سرهائي سان قبول ڪري، مرڻ ۾

فراخدلي سان سندس ونيءَ نياڻيءَ لاءِ ٻه سندن ڪپڙن ڏوئڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا نينگر کي ڏاڍي اُگري لڳي، پر سڄ ڇيو اٽن تہ "ٻُڪ بچڑو ٽول هوندي آهي."

چند ڏينهن کان پوءِ نينگر والد کي ٻُڌائڻ کان بغير ئي، ڪپڙن ڏوئڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هڪ ڏينهن وٽس ٻہ ڳڻڙيون آيون، جن مان هڪ ۾ ميرا ڪپڑا ۽ هڪ ۾ ڪاڏي جون شيون پيل هيون. نينگر پهريائين ڪاڏي واري ٽيلهيءَ کي کوليو جنهن ۾ گوشت ۽ مٽر جي ڦرين جا ٽي ڏٻا، ٻہ ڊبل روٽيون،مڱڻ جي ڦرين جو هڪ پيڪٽ ۽ جيليءَ جي هڪ پريل شيشي پيل هُئا. بعد ۾ جڏهن ميرن ڪپڑن جي ڳڻڙي کولي، اُنهن کي ٽَبَ ۾ وڌائين. تڏهن ڪِراهت ۽ ڪاوڙ ۾ سندس چهرو ئي ڳاڙهو ٿي ويو ڇو تہ اُهي سيئي بدبودار ۽ ميرا ڪپڑا ۽ ڇڏيا هُئا.

اُن وقت جڏهن آءٌ غير مردن جا ميرا ڪپڑا ڏوئي رهي هيس، تڏهن ئي پروڙي ورتو هُيم، تہ هي اسان جي اميدن وارو سياڻو ڪونہ هو ۽ شايد اُهو ڪڏهن اچڻو ٻہ ڪونہ آهي. اسان کي هميشہ واعدن جي فريب تي ڦُريو ويو آهي ۽ خاموش رکڻ لاءِ ڪڏهن اسان کي قرض حسنا تہ ڪڏهن وري ڪوڙي امن ۽ سُکون جا دلاسا ڏئي راضي رکيو ويو آهي. ڇا مُنهنجي سپنن جو سياڻو ڪڏهن تو لاءِ نويد بڻبو؟ گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ انهيءَ جي پڪ ڪونهي، ڇو تہ سالن ۽ صدين کان وٺي دُنيا ۾ انسان پنهنجي اولاد کي ان اُميد تي جنم ڏيندو آيو آهي، تہ سياڻي انهن جا ٻار ڪائنڪ بهتر آرام ۽ امن سان زندگي گذاري سگهندا. پر انهن جي پُرآسائشيءَ جو ڇيهہ صرف وڃي منحوس گرميءَ جي حاصلات تي ئي ٽڪي ٽو. ٽڏ ۾ گرمي ڏاڍي پلي لڳندي آهي، پر اها ڪڏهن ٻہ هميشہ لاءِ توهان جي مُسرتن کي برقرار رکي ۽ توهان جي وقار کي تحفظ فراهم ڪري ڪونہ ٿي سگهي، پر اُن بدران توهان ۾ غرور، هلڪڑائپ ۽ موقعي پرستيءَ کي پيدا ڪري، توهان جي لاءِ آئيندي جي سڄ کي نسورو ڪوڙ بنائي ٿي ڇڏي.

آءٌ توکي شروع ۾ ئي ٻُڌائي آئي آهيان، تہ دُنيا ۾ ناموجود کان وڌيڪ ڪا ٻہ بي شيءِ بدترين ڪونہ آهي، جنهن ڪري نيستي کي نہ جياپي جو فڪر ۽ نہ ئي وري ڪو موت جو ڊپ هوندو آهي، ڇو تہ جيڪو

جمندو آهي، اُهو ئي مرندو آهي ۽ مُنهنجي خيال ۾ انيڪ عذابن جي باوجود ٻہ جنم نيستي کان هزارين ڀيرا وڌيڪ بهتر آهي، پر ٻچڙا! ڇا تُنهنجي زندگي صرف ڪنهن سپاهيءَ جي گوليءَ جو نشانو بنجڻ لاءِ هوندي؟ تون جيئن وڌي رهيو آهين، تيئن ئي مُنهنجا خوف ۽ خدشا ٻہ وڌي رهيا آهن. تولاءِ پهريان مون کي جيڪو اتساهہ ۽ اشتياق هو اُهو هينئر بنهہ ئي نہ جي برابر وڃي بچيو آهي. مُنهنجو گهڻو ڪري جيون جي سڃائي تان وشواس ئي کڄي ويو آهي ۽ خدشا مُنهنجي پوري وجود کي وڻ ويڑهيءَ جيان وکوڙي ويا آهن. ها، اهي خدشا ۽ خوف، جن جون لهرون تنهنجي وجود جي ڪنارن کي ڇُهي واپس مُنهنجي جيءَ کي مضطرب ڪري رهيون آهن، پر يقين ڪر ٻچڙا! آءٌ نہ تہ توکي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان ۽ نہ ئي وري جنم وٺڻ کان توکي روڪڻ ٿي چاهيان، پر مان تہ صرف توکي دنيا سازي جي دلدل کان آگاهہ ڪري، تنهنجي فرض جي قرض جو پورائو ڪرڻ لاءِ اهو سڀ ڪُجهہ ڪري رهي آهيان. تو وٽ ان تي غور ۽ ويچار ڪرڻ لاءِ ٻہ ڪافي وقت آهي. تون مُنهنجي خوفن ۽ خدشن کي ڇڏي ڏي. آءٌ انهن سان خود ئي مُنهن ڏئي ويندس، پر تون فقط مون کي اهو ٻُڌاءِ، تہ ڇا هڪ بلبنگ تان اڇلايل عورت کي ميگنوليا وڻ جي تارين ۾ لڙڪندي ۽ هڪ اميرزادي کي چاڪليٽن جي انهن ٻارن تي بارش ڪندي ڏسي سگهندين، جن کي انهن جي ضرورت ئي ڪونہ هوندي آهي؟

ڇا توکي ٻين جون ميريون ۽ گنديون چڀيون ڏوئڻ منظور هوندیون؟ ڇا جڏهن تو تي اهو انڪشاف ٿيندو تہ تون جنهن سياڻي لاءِ جهيڙي رهيو هُئين، اهو ماضيءَ جو حصو بڻجي چُڪو آهي يا وري ان جو وجود ئي ڪونهي، تڏهن تون ان صدمي کي سهي سگهندين؟ تون، جنهن ايڏا دُنيا جي سڃائين جي تلخين جو ذائقو چکيو ئي ڪونہ آهي؟ ها، اها دُنيا جيڪا مسلسل تبديلين جي باوجود اڄ ٻہ ساڳي ئي آهي.

❖

16

• ڏهن هفتن جي عرصي ۾ تون ڪيتري نہ حيرت ناڪ تيزيءَ سان وڌي ويو آهين! ۽ هفتا پهريان تون مَس سوا انچ ۾ تنهنجو وزن هڪ اونس جي ڏهين حصي جي برابر هو پر هينئر تنهنجي قد ۾ ڏيڍوٽي واڌ ۾ اونس ۾ ٽي پاگي ڏهه جو اضافو ٿي چُڪو آهي، پر پوءِ ۽ تو ۾ ۽ جيتامڙي مڇيءَ ۾ ڪو ايڏو وڏو فرق ڪونہ ٿو محسوس ٿئي!. ها، باقي اها حقيقت آهي، تہ تون پيٽ جي تلاءَ ۾ هوندي، ۽ پنهنجي ڦڦڙن سان ساهہ کڻي رهيو آهين. تنهنجا انساني وصف واضح ٿي چُڪا آهن. تنهنجي وجود ۾ تنهنجي هڏين جا نشان اُپري رهيا آهن. تنهنجي جسم ۾ تنهنجي پاسرين جا مُنڊيا هڪجهڙ سَان ايئن ملي رهيا آهن، جيئن ڪنهن ڪوٺ جا بٽڻ بند ٿيندا هُجن ۽ تنهنجو وجود جيئن وڌي رهيو آهي، تيئن ئي اهو پنهنجو پاڻ ۾ ڳُجهہ حدبندين کي ۽ جنم ڏئي رهيو آهي، جيڪي جلد ئي توکي محسوس ٿيڻ ۽ اوکيون لڳڻ لڳنديون. تون ترت ئي چُرڻ پُرڻ لڳندين ۽ سڀ کان پهريان تنهنجون ٻانهون ۽ پير تحرڪ ونڻ لڳندا ۽ تون پنهنجون ٽوٽنيون ۽ گوڏا ڪولڻ جي جستجو ڪرڻ لڳندين. آءٌ تنهنجا اهي ڏينهن ڏسڻ لاءِ ڏاڍي منتظر آهيان، ڇو تہ اهي ئي تنهنجي آمادگي ۽ راضپي جا اهجاڻ هوندا. مون ۽ امڙ جي ڪُک ۾ ائين ئي ڪيو هو تڏهن ئي هن مون کي جنم ڏيڻ جو فيصلو ڪري دوائن مليل پاڻي جو گلاس پيئڻ بدران پَٽَ تي هاري ڇڏيو هو پر تون جيئن جيئن تيز رفتاريءَ سان وڌي رهيو آهين، تيئن تيئن تنهنجي پرورش ۽ حفاظت جو اُلڪو مُنهنجي هنئين ۾ وَڏُ وجهي رهيو آهي ۽ بستري تي بي تحرڪي ۽ بيوسيءَ سان ليٽيل هنن ڏينهن ۾ مون کي هٿياربند سپاهين جي ڪاهہ جو اُلڪو ۽ الائي ڇو ڪُتڪي رهيو آهي! مسلسل ۽ هفتا بستري تي پٽيءَ ۾ پيو

رهڻ واري پيڙا مون کي تہ بيزار ڪري وڌو آهي. پر اُهي عورتون الائي ڪيئن ڪنديون هونديون، جن کي ستَ، آٺ مهينا لاڳيتو ايئن بستري تي ٻي سُڌ ٿي رهڻو پوندو هوندو؟ اهي الائجي عورتون هونديون يا ڪائي ٻي مخلوق؟ ها باقي مون کي انهن ٻن هفتن جي بستري تي رهڻ مان اهو فائدو ضرور پيو آهي، جو مُنهنجي پيٺ جي هيٺين حصي وارو سور ۽ ڇنگهہ جي سوڄ بلڪل ختم ٿي وئي آهي، پر اُن جي جاءِ تي هڪ ڪربناڪ ٻي چيني ۽ شديد ٽڪاوٽ پيدا ٿي پئي آهي، جيڪا خبر ناهي واندڪائي جو نتيجو آهي يا بوريت جو جنهن جو گهٽ ۾ گهٽ مون سان اڳ ڪڏهن پالو ڪونہ پيو آهي. سچ پُچين، تہ مُنهنجا پويان هي ٻہ ڏينهن ڏاڍا ڏُکيا گذريا، مُنهنجي جاءِ تي جيڪڏهن تون هُجين ها، تہ اُهي توکي ٻن ڏينهن بدران ٻہ سال لڳن ها. مان اڄ صبح تو تي ڏاڍي ميڙجي پئي هُيس، ڇا تون مون سان ايجا ناراض آهين؟

ٻچڙا! مان ڇا ڪريان؟ اُن وقت مان ڏاڍي ڪاوڙ ۾ هيس. مان توکي اڳ ئي ٻُڌائي چُڪي آهيان، تہ مُنهنجا ٻہ ڪُجهہ حق آهن، جيڪي آءٌ ڪنهن کي ٻہ فراموش ڪرڻ جي اجازت ڪونہ ڏينديس، ايتري تائين جو توکي ٻہ نہ.

مان ڪڙڪو انهيءَ ڪري ٿي ڪيو ڇو تہ مون کي تو تي ڏاڍي ڪاوڙ هُئي. تون ٻُڌين پيو نہ؟ مون جڏهن کان پانيو آهي، تہ تو پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن، تڏهن کان وئي، شدت سان محسوس ٿيڻ لڳو اٿم، تہ تون مُنهنجي ڳالهين طرف ڌيان ڏيڻ بدران بي خبري جي پينگهي ۾ لُڏڻ کي ترجيح ڏئي رهيو آهين. جاڳ! ڪُجهہ ڏس وائس، چگو تون جيڪڏهن في الحال نيٺ کولڻ نہ ٿو چاهين، تہ ٿُنهنجي مرضي، پر اڄ، اچي مُنهنجي پاسي ۾ هِن ويهاڻي تي پنهنجو متورک، اڄ کان پوءِ اسين ٻئي گڏ سمهنداسين.

تون مُنهنجي پاڪرن ۾ هوندين ۽ آءٌ تنهنجي ٻانهن ۾ هونديس. صرف مان ۽ تون گڏ هونداسين ۽ اسان کان سواءِ اسان جي بستري ۾ ٻيو ڪو ڪڏهن ٻہ داخل ٿي ڪونہ سگهندو.

❖

17

• هو اڄ آيو آهي، جنهن جي اچڻ جو مون کي ڪو گمان ئي ڪونہ هو. شام جي پهر دروازي جي تالي ۾ چابي ڦرڻ جو آواز ڳنَ تي پيم. مون سمجهو شايد مُنهنجي سنگتياڻي هوندي، ڇو تہ هوءَ ئي اڪثر ايئن شام جي پهر ۾ مون سان ملڻ ايندي هُئي. يقينن آءٌ ڪيس پنهنجي سنگتياڻي سمجهي ڪيڪارڻ واري هيس، جو هن چيو "معاف ڪجانءِ، مان ڏاڍو تڪڙو آهيان، تولاءِ ڪُجهہ ميوا ۽ گوشت آندو اٿم. هينئر ڪٽي ويٺو اٿم. سياڻي موٽي ايندس." مون مُنهن ورائي ڏٺو مُنهنجي سنگتياڻي بدران "هو" سامهون بيٺو هو ۽ سندس هٿن ۾ گلدستو هو. هُن کي ڏسندي ئي مون کي جهٽڪو لڳو ۽ مُنهنجي ڪُکِ ۾ ڪا شئي ڪانَ جيان چُبڻ لڳي. ايئن پانيم چڙ تون بہ. هُن کي ڏسي هراسجي ويو هُجين ۽ پيٽ ۾ پريشان ٿي ڪائنس لڪڻ جي ڪوشش ڪندو هُجين. مُنهنجي وجود ۾ شديد سور جي سَتَ اپري، ڇا ان وقت تو بہ اهڙي سَتَ محسوس ڪئي هُئي، جنهن توکي تڪليف ڏني هُجي.

مون درد سهسائي جيئن ئي پاڻ سنياليو اک پٽي، تہ هو اڃان بہ اتي ئي مون کي هٿن ۾ گلدستو ڪنيو پٽر بٽيو بينل نظر آيو. مون کي هُن جي آندل گلدستي کان ڪِراهت ٿيڻ لڳي. مون سوچيو "هن اَويلي وقت، هُن کي چورن جيان هتي اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هُئي؟ ڇا ڪيس اها خبر ڪونهي، تہ ڪُورهاري عورتن لاءِ اهڙي قسم جا ڏهني دڀاءَ وارا واقعا هاجيڪار هوندا آهن."

"آخر تون چاهين ڇا ٿو؟" مون ڪائنس ڪڙڪيدار آواز ۾ پُڇيو. هن خاموشي سان گل بستري تي رکي ڇڏيا ۽ مون کيس اهو چوندي، بستري تان سَتَ ڏئي، اهي گل کٽي ورتا تہ. "بستري تي گل بدنصيبي

جي نشاني هوندا آهن. ڇو ته اهي صرف مَيتَ جي ڪتولي تي ئي رکيا ويندا آهن." مون گل ميز تي رکي ڇڏيا. اهي ڦڪي رنگ جا گل هُئا، جيڪي بي احتياطي ۽ عدم دلچسپي سان ڪٽي اڇڻ ڪري، گهٽي قدر ڪومائجي ويا هُئا. هو اڃان تائين بُت بڻيو بيٺو هو ۽ اڇي ديوار تي ٽنگيل تنهنجي ان ٻن مهينن واري تصوير ۾ گهوري رهيو هو. جنهن ۾ تون ٻن مهينن جي عمر جي پيٽ ۾ ان ڪان چالیهه پيرا وڌيڪ ڄمار جو نظر ٿي آئين. هن جي نظر تو تان هَٽي ئي ڪونه ٿي. هو جيترو وڌيڪ توکي چتائي ڏسي رهيو هو اوترو وڌيڪ سندس ڪنڌ ڳُلهن تي ڏُرکي مٽانئس بار بڻجي رهيو هو.

نيٺ هو پنهنجو مُنهن هٿن ۾ لِڪائي روئڻ شروع ٿي ويو. پهريان بنا ڪنهن آواز جي، پوءِ ڏُنيڪرون ڏئي روئيندو بستري تي ڪِري پيو. هُن جي هر سُڏڪي سان بيڊ لڏي ٿي ويو جنهن ڪري مون کي ڊپ ٿي ٿيو ته اهي لوڏا متان توکي نه نقصان ڏئي وجهن. مون کيس چيو "سجو بيڊ ٽو لڏي ۽ اهي لوڏا ٻار لاءِ ڇڳا ڪونه هوندا آهن."

هو رومال سان اکيون اُگهي، بيڊ تان اُٿي وڃي ان ڪرسيءَ تي ويٺو جنهن ڪرسي جي پرسان ديوار تي تنهنجو فوٽو لڳل هو. اهو ڪيترو نه عجيب هو جو تون ۽ هو هڪ ئي وقت اکيون ملائي هڪٻئي کي ڏسي رهيا هيُو. تون هُن کي پنهنجي ننڍاڪڙي ۽ ساحرانا نيٽن سان بنا اک ڇنيڙ جي ۽ هو بنا ڪُجهه پروڙڻ جي گهڙي گهڙي اک ڇنيي توکي ڏسي رهيو هو ۽ تنهنجي فوٽوءَ تان نظر هٽائي مون کي چيائين، "تو سان گڏ هي مُنهنجو اولاد به ته آهي"؟ هن جي لفظن مون کي چوچڑي ڏئي ڇڏي ۽ مان ڪاوڙ ۾ بستري تي اُٿي ويهي رهيس ۽ کيس رڙيون ڪري چيم ته "هي نه تنهنجو آهي نه مُنهنجو. هي تنهنجي ۽ مُنهنجي ملڪيت هجڻ کان آزاد، بس هڪ انسان ئي آهي،، مون کي هن جي مڪاري ايترو ته چيڙائي وڏو جو ڊاڪٽرن جي منع جي باوجود به آءٌ آپي مان نڪري ويس. هو هتي آيو ڇو هو؟ مون کي عذاب ڏيڻ يا حمل ڪيرائڻ تي پئسي خرچ ڪرڻ بنا ئي توکي مارڻ؟

مون ڪاوڙ ۾ تي چار پيرا ايتري زور سان گلدستي کي ڦيرائي ٽيبل تي هنيو جو گل پتي پتي ٿي پَٽَ تي پکڙجي ويا. مون جڏهن کيرو

ٽي وهاٽي تي پاڻ ڦِٽو ڪيو تڏھن مان پگھر ۾ شَلُ ٽي چُڪي ھُيس ۽ مُنھنجا ڪپڑا جسم سان چنبڙي پيا ھُئا ۽ ڪُڪِ ۾ شديد درد محسوس ٽي رھيو ھو. ھو اڃان تائين بي حس ٽيو بيٺو ھو ۽ مُنھنجي تڪليف تي ڪو جھُبو محسوس ڪرڻ بدران ھن چپن ۾ پُڻ پُڻ ڪري چيو ٽي، "تون ايتري بي رُخي چو ٽي وئي آھين؟ اڳ تہ اھڙي ڪنور ڪونہ ھئينءَ" پوءِ ھن پنھنجو پاڻ ڪي بي قصور ۽ مون ڪي بي مروت ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ڏيڻ شروع ڪيا تہ، تون ۽ مان ڪيس ڏاڍا عزيز آھيون ۽ اسان ٻنھي جو ايترو تہ فڪر آھي، جو ھن ٻن مھينن تائين مسلسل عذاب ۾ گذاريو آھي. ھن مون سان متفق ٽيندي ايترو بہ چيو تہ، مون جيڪو توکي جنم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آھي، سو تحسين لائق آھي، چو تہ تون ڪا اھڙي شيءِ تہ ڪونہ ھُئين، جنھن ڪي بي فڪر ٽي ڦٽو ڪري ڇڏجي ھا، پر تون ھڪ زنده انسان ھُئين.

ان تي ڪيس ٽوڪيندي مون چيو "تو ڪھڙا عذاب پوڳيا آھن؟ ہار ٽُنھنجي پيٽ ۾ تہ ڪونہ ھو ۽ نہ ئي وري توکي 9 مھينن تائين ان کي پيٽ ۾ سانڍڻ جو ڪو اُلڪو ھو"؟

ھن حيرت مان وات ڦاڙي وراڻيو "مون تہ سمجھيو ھو تہ تون سڀ ڪُجھ پنھنجي مرضي سان ڪري رھي آھين ۽ ہار جي خواھش بہ خود تنھنجي چوند آھي"؟ مون پنھنجو پاڻ تي ڏاڍو ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوءِ بہ بي اختيار رڙيون ڪري روئي پيس. مان اڳ ڪڏھن بہ ايئن رڙيون ڪري ڪونہ رُني آھيان، چو تہ روئڻ ۽ رڙڻ وقت مان پنھنجو پاڻ کي ٽِڇُ ۽ بدصورت محسوس ڪندي آھيان، پر مون جيئن جيئن لڙڪن ۽ سڏڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ٽي ڪئي، تيئن ٽي انھن جا بند ٽُٽي ٽي پيا ۽ ايئن ٽي محسوس ٽيم جڙ مُنھنجي اندر ۾ ڪا شيشي جھڙي شئي ٽُٽي پئي ھُجي. مون سگريٽ ڏُکائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اھو بہ مُنھنجي لڙڪن سان آلو ٽي اُجھامي ويو. تنھنجو پيءُ ڪرسي تان اُٽي اچي منھنجي پر ۾ ويٺو ۽ مُنھنجي وارن کي ناھڻ ۽ انھن ۾ آگريون ڦيرائڻ لڳو. گھڙي رکي، "مان تولاءِ ڪافي ناھي ٿو اچان"، چپن ۾ چوندي، ھو بورچيخاني ۾ ھليو ويو. جيستائين ھو موٽي آيو تيستائين مون پنھنجو پاڻ تي قابو پائي ورتو ھو. پر ھو

اڃان تائين بہ وانڙو ٿي لڳو. هن مون اڳيان ڪافيءَ جي ڪوپ جو نماءُ ائين ڪيو جڙ اها ڪا املهہ چيز هُجي. مان ڪافي پي هن جي وڃڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. پر هُن وڃڻ جي ڪا واڻي ئي ڪونہ ٿي ڪئي. جڏهن هن مون کان ماني جي باري ۾ پُڇيو. تڏهن مون کي يقين ٿي ويو تہ هُن کي مُنهنجي سنگتياڻي ئي موڪليو هو. جيڪا اڄ هتي يقينن ڪونہ ايندي. ان وقت مون کي پنهنجي سنگتياڻي سان گڏ انهن سيني ماڻهن تي ڏاڍيون خارون اڇڻ لڳيون. جيڪي پنهنجي طرفان مقرر ڪيل غلط ۽ صحيح معيارن مطابق ٻين جي مدد ڪرڻ گهرندا آهن. حضرت عيسيٰ ۽ مريم ٻئي ماءُ ۽ پُٽَ هڪٻئي جي جياپي لاءِ، ڏيءِ آڻت ٿي پيا سگهن. مريم ئي پنهنجي لَختِ جگر جي پالنا ۽ پرورش لاءِ ڪافي هُئي. تہ پوءِ انهن سان جوڙ جو نانءُ ڳنڍڻ جي آخر ضرورت ڪهڙي هُئي؟

سڄي من گهڙت ڪٿا صرف مرد جي ميلاپ سان عورت جي حاملا بنجڻ واري تڪساڻ کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ گهڙي وئي آهي؟ يا هڪ غير شادي شده حاملا ٻڌجي ويندڙ عورت کي بدنامي کان بچائڻ لاءِ ان طلسمي ڪهاڻي جو تاجي پيتو اُٽيو ويو آهي؟ يا وري اهو سڀ ڪُجهہ انهيءَ لاءِ ڪيو ويو آهي. تہ هڪ مرد پنهنجي عياشي ۽ اوباشي کان پوءِ هڪ ڳورهاري ٻڌجي ويندڙ عورت کي حمل ضايع ڪرڻ لاءِ منٿون ڪري راضي ڪرڻ کان پوءِ ٻيهر پنهنجي ٻُڪَ جو بَڪُ ٻڌائيندو رهي؟ ان کان علاوه گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ ڪنهن مريم لاءِ ڪنهن جوزف جي ضرورت هُجڻ جو ٻيو ڪو بہ سبب ڪونہ ٿو سُجهي؟

مون ڏٺو تہ هو گوڏا کوڙي پَٽَ تي وکريل گلن جون پتيون ميڙي رهيو هو پر ان جي باوجود بہ مُنهنجي دل سندس لاءِ، ڪا سَٽَ محسوس ڪونہ ڪئي. چو تہ هن جڏهن تنهنجي ۽ مُنهنجي درميان خوبصورت سُٻندَ جي تند کي توڙڻ جو اصرار ڪيو هو تڏهن ئي مُنهنجي من ۾ سندس لاءِ موجود محبت ۽ مرتبو ختم ٿي ويو هو. هينئر هو اسان ٻنهي لاءِ ڪنهن اوپري ماڻهوءَ يا ڪنهن اهڙي غير ضروري فرنيچر جيان ٻڌجي ويو هو جنهن جي ڪمري ۾ ڪا بہ گنجائش ۽ ضرورت ڪونہ هُئي ۽ جنهن جي زوري اڇڻ سان هلڻ گهمڻ جا رستا بہ محدود ۽ تنگ

بڊجي ويا هُئا، پر هو جيڪڏهن شروع کان وٺي ئي اسان سان گڏ هُجي ها، تہ هن وقت تائين سندس موجود گي رواجي ۽ ضروري بڊجي وڃي ها ۽ اسين تنهنجي آمد لاءِ بہ هن کان وڌيڪ کنهن ٻي نرالي انداز ۾ منتظر ۽ مشتاق هجون ها. پوءِ هُن جي موجودگي اسان لاءِ ايتري بيزار ڪندڙ ۽ اوپري نہ رهي ها ۽ نہ ئي وري اسان کي هُن جو ڪاڏي جي ميز تي ويهڻ بي دعوت مهمان جي ٻوجهہ جيان محسوس ٿئي ها.

مون کيس چوڻ ٿي چاهيو تہ هو مهرباني ڪري هتان هليو وڃي، مون کي سندس ڪائي ضرورت ڪونهي. مون کي نہ کنهن جوزف جي ضرورت آهي، نہ ئي وري کنهن ديوتا جي گهرج، مون کي، کنهن وَرَ ۽ نہ ئي وري کنهن واهروءَ جي واهر جي ضرورت آهي. مون لاءِ پنهنجو هي ٻارڙو ئي وڏي وٽ جيان آهي، پر آءٌ کيس اهو سڀ ڪجهہ چئي ڪونہ سگهيس. ٿي سگهي ٿو آءٌ اهو سڀ ڪجهہ ڪائنر هُجڻ ڪري نہ ڪري سگهي هجان. يا اهو بہ ممڪن آهي، تہ مون مٿانئس ترس کائي خاموشي اختيار ڪئي هُجي، جيڪا پوءِ آهستي آهستي مون لاءِ پڇتاءَ ۽ پيڙا جو روڳ بڊجي وئي. هُن جي بزدلي ۽ واڙائپ کي ڏسي کنهن کي يقين ايندو، تہ هُن بہ ڪو پوڳيو هوندو! ڪير چوندو، تہ هن کي ضمير جي ڇُهندڙي ئي هتي اهو ڪوماڙل گلدستو ڪٽي اڇڻ لاءِ مجبور ڪيو هوندو؟

ڪا بہ تخليق کنهن بہ هڪ جُزي مان جنم ڪونہ ونندي آهي. هڪ روشني جي قطري، جنهن آنول ۾ داخل ٿي، تنهنجي وجود کي ممڪن بنايو آهي، سو يقينن هُن جو ئي هوندو، پر ان جي پاري قيمت هن کان وڌيڪ مون کي ادا ڪرڻي پئي آهي، ڇو تہ محبت مرد لاءِ نہ، پر عورت لاءِ وڏو مامرو هوندي آهي. جڏهن هڪ عورت، مرد سان ملي ٿي، اهي ٻئي هڪ ٻئي کي پسند ڪرڻ، پسڻ ۽ پائڻ گهرن ٿا ۽ پائڻ کان پوءِ هڪٻئي کي ڏڪارڻ، پري ٽيڻ ۽ ايتري تائين جو هڪٻئي کي ڏسڻ بہ گوارا نہ ٿا ڪن. اهو سڀ ڪُجهہ عورت جي حيثيت ۾ هُن سان پيار ڪرڻ کان پوءِ آءٌ عملي طور ڏسي ۽ پوڳي چُڪي آهيان.

ٻچڙا! عورت ۽ مرد جي جنهن لاڳاپي کي ماڻهو محبت چون ٿا، اهو حقيقت ۾ موسمي ۽ وقتي ٿئي ٿو. جيڪڏهن اهو ابتدائي ۽ نِڙڻ وارن

مرحلن ۾ هوندو آهي. تہ هر طرف رونق ئي رونق جي موسم هوندي آهي. پر جنهن هڪ ڏينهن ان جو زوال ايندو آهي. تڏهن اهي رونقون ۽ رنگينيون خزان جو ٻَکُ ٻڌجي ويندیون آهن. هُن پنهنجي ليلڙاتين سان مون کي کاڌي کائڻ لاءِ راضي ڪري ورتو ۽ پنهنجي اها شيمپين جي بوتل ۽ کولیائين. جيڪا هو هتي اچڻ وقت وَرَ ۾ لِڪائي ڪٽي آيو هو. هو خوشي خوشي ۾ وهنجي آيو ۽ مون کيس پنهنجي بستري ۾ سمهڻ جي اجازت ۽ ڏني. پر هو صبح تي جيئن ئي هتان هليو ويو تيئن ئي مون کي ڏاڍي شرمساري ۽ پچتاءُ محسوس ٿيو ۽ ايئن پانيم چڙ تہ مون پنهنجي ڪنهن فرض ۾ ڪوتاهي ڪري. توکي ۽ دوکو ڏنو هُجي. هاڻي مون کي الائي ڇو يقين ٿيڻ لڳو آهي. تہ هو ٻيهر وري هتي ڪونہ ايندو.

18

• ايترا ڏينهن بيد تي پيو رهڻ کان پوءِ رستي تي پهريون پيرو پيادل هلڻ، اکين سان سج ڏسڻ، ڳلن تي تازي هوا جو ڇهاءُ محسوس ڪرڻ ۽ گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهن جو مشاهدو ڪرڻ، مون لاءِ هڪ شاندار ۽ اُتساهيندڙ تجربو هو. جيڪڏهن ڈاڪٽر جي ڪلينڪ ٿوري پنڌ تي هُجي ها، تہ مان ائين ئي پيادل ڪوئي گيت جهونگاريندي هلي وڃان ها. پر تمام گهڻي مفاصلي ڪري، مون کي مجبوراً ٽيڪسي ڪرڻي پئي. ٽيڪسي ڊرائيور ڏاڍو شودو هو. هن هڪ ٽلهي سگار مان ڪش هڻي، اهڙو دونهون ٽي ڪڍيو. جنهن مُنهنجو دم ٽي گُهٽيو ۽ ويتر هن غير ضروري بريڪون هڻي، مون کي اڌ مُئو ڪري ڇڏيو. ايان ٿورو سفر ئي مس ڪيو هو، جو مون کي ڳڙڀون پوڻ ۽ مٿي کي چڪر اچڻ لڳا ۽ مُنهنجون سيئي مسرتون، گهبراهٽ ۽ پريشاني جو بڪُ بڌجي ويون.

ڈاڪٽر جي آفيس اڳيان ڳورهارين عورتن جي قطار لڳي پئي هُئي. توڙي جو مُنهنجو پيٽ انهن جيان سُڄيل ڪونہ هو، پر پوءِ بہ انهن سان گڏ بيهڻ ۾ مون کي ڏاڍي ڏُکيائي ٽي محسوس ٽي. نيٺ مُنهنجو نمبر بہ آيو ۽ مان ڪمري ۾ داخل ٽي ٽيبل تي ليٽي پيس. ڈاڪٽر پنهنجي آڱرين جي گهٽن سان توکي خوب ايڏائڻ کان پوءِ پنهنجي هٿن تان رٻڙ جا دستانا لاهيندي رُکائپ مان پُڇيو "ڇا تون واقعي ئي ڀارکي جنم ڏيڻ چاهين ٿي؟"

مون کي پنهنجن ڪنن تي اعتبار ئي ڪونہ ٿي آيو "ها ڇو نہ" مون کيس جواب ڏنو.

"ڪيترين ئي عورتون زباني طور چونديون آهن، تہ انهن کي ٻار جي ضرورت آهي، پر هو شعوري ۽ لاشعوري طور اهڙا عمل پيون

ڪندیون آهن. جیئن ٻار جي پیدائش ممڪن ٿي نہ ٿي سگهي." مان ڈاڪٽر جي ڳالهہ ٻڌي وائڙي ٿي ویس ۽ کیس چیم. "آءٌ تو وٽ هتي ڪو نیڪ نامي جو امتحان ڈیڊ یا ڪنهن نفسیاتي تجزئي ڪرائڻ لاءِ ڪونہ. پر طبي معائني لاءِ آئي آهیان." موٽ ۾ هن ڈاڍي نرم لهجي ۾ وراٽیندي چیو "اصل ۾ هر شئي پنهنجي معمول مطابق ٺیڪ آهي. پر پوءِ به تنهنجي حمل جي معاملي ۾ مون کي ڪافي ڳالهیون منجهائیندڙ ٿیون لڳن. ٿي سگهي ٿو ته ڪا ڳڙ ٻڙ هُجي. تنهنڪري ئي مون توسان اهڙي قسم جو ذڪر ڪیو. مثلاً ـ ٻچیداني ایتري ته نازڪ ۽ باریڪ آهي. جو ان جي ٿوري به سوس ڪائڻ سبب اَنول کي رت جي گهربل سپلاءِ نہ ٿي سگهڻ جو خطرو به لاحق ٿي سگهي ٿو. چا تو مُنهنجي هدایت موجب مڪمل آرام ڪیو آهي؟ چا تو شراب. سگریٽ نوشي ۽ ٽڪائیندڙ ڪم کان پرهیز ڪئي آهي؟" مون کیس اثبات ۾ جواب ڈنو.

هن وري اچانڪ سوال ڪیو. "تو ڪو جنسي فعل وغیره ته ڪونہ ڪیو؟" مون کیس ناڪار ۾ جواب ڈنو ۽ اهو واقعي سچ به هو توڙي جو ان رات تنهنجي پيءُ. ان لاءِ مون کي شدید اصرار به ڪیو ۽ ڪنور ٿي وڃڻ جا مهٽا به ڈنا. پر پوءِ به مون کیس ویجهو اچڻ ڪونہ ڈنو. ڈاڪٽر ٿورو ویچاریندي پُڇیو "پلا توکي ڪنهن پریشاني. ڪنهن نفسیاتي صدمي ۽ ڪنهن قسم جي ڇڪتي جو مسئلو ته درپیش ڪونهي."؟

مان. ها ڪرڻ کان اڳ ۾ ٿورو هیڪیس ۽ هو بنا ڪنهن صدمي جي سبب پچڻ ۽ ڪنهن تڪلیف جي نوعیت معلوم ڪرڻ جي. مون کي گهوریندي خود ئي وضاحت ڪندي چوڻ لڳو. "ڪڏهن ڪڏهن جسماني پیڙائن جي پیٽ ۾. ذهني پریشانیون. روحاني اضطراب ۽ صدما وڌیڪ عذابناڪ هوندا آهن. جن جو اثر پوري وجود تي پوندو آهي ۽ ڪن صورتن ۾. اهو اثر ماءُ جي پیٽ ۾ موجود ٻار جي زندگي لاءِ مُهلڪ به ٻڌجي ویندو آهي. تنهن ڪري اهو ڪڏهن به وساريڻ نہ گهرجي. ته ٻچیداني جو ڳانڍاپو ذهن کان وٺي پوري وجود سان هوندو آهي. جنهن ڪري ٿوري لاپرواهي وارو قدم به وڏو ڇیهو رسائیندڙ ٻڌجي ویندو آهي. گهٽي ڏک. حیرت ۽ ڪاوڙ وارا عمل به اڪثر ڪري آني کي گرپ کان الڳ ڪري وجهندا آهن. ان کان علاوه گهٽي

پريشاني ۾ اضطراب ۽ ان لاءِ هاڃيڪار هوندا آهن. جديد سائنس ۽ مابعد النفسيات جهڙن علمن جي اڀياس مان پتو پوي ٿو ته، اهڙا لاشعوري نوعيت جا خيال ۽ ويچار ۽ يقيناً موتمار ثابت ٿيندا آهن."

اهو ئي سبب هو جو هن مون کي مڪمل آرام ۽ اطمينان ۾ رهڻ جو سخت تاڪيد ڪيو ۽ اها پڻ تنبيهه ڪئي، ته مون کي جذبات ۽ ڪاوڙ ڪرڻ بدران صبر، اطمينان ۽ تحمل جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي، ڇو ته انهيءَ ۾ ئي مُنهنجي ڀلائي آهي. مون کيس موٽ ۾ چيو "ڊاڪٽر صاحب! توهان مون کان، جيڪا صبر ۽ تحمل جي تقاضا ڪري رهيا آهيو اها ته مون لاءِ ڏاڍي اوکي آهي، ڇو ته جنهن ماڻهوءَ جو پورو جيون پيڙائن جو داستان هُجي، اهو ڀلا ڪيئن ٿو آنند ۽ اطمينان سان رهي سگهي"؟

هن رُکائيءَ سان مون کي نَهن کان چوٽيءَ تائين چتائي ڏٺو ۽ پوءِ بيزاريءَ مان چيائين، "مائي! تون ڇاڻ تنهنجا ڪم، جيئن وٺئي ڪر، پر ٺورو پنهنجي صحت ڏانهن توجهه ڏي."

هن ٻين ضروري دوائن سان گڏ آرام جون گوريون لکي ڏنيون ۽ اهو پڻ چيو ته، جيڪڏهن ڪو رَت وغيره جو قطرو نظر اچي، ته ترت ئي سائنس رابطو ڪريان. مان ڏاڍي پڇي ٿُڻي پئي آهيان ۽ هاڻي مون کي تو تي ۽ ڪاوڙ اچڻ لڳي آهي. تون چا ٿو سمجهين؟ مان ڪا ئي ڳڻڙي يا ڪوئي اهڙو مٽڪو آهيان، جنهن ۾ حفاظت لاءِ تون جا شئي چاهين سا رکي سگهين؟

خدارا! مان هڪ عورت آهيان، مُنهنجا ۽ ٻين انسانن جيان احساس ۽ جذبا آهن. مان پنهنجي ذهن ۽ خيالن کان پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ٿي الڳ ڪري سگهان؟ آءٌ پنهنجي جذبن کي لڪائڻ يا انهن کي اظهارڻ بنا ڪيئن ٿي زنده رهي سگهان؟ مان ڪنهن ۽ طور تي ڪاوڙ درد ۽ خوشي جي احساس کي نظر انداز نه ٿي ڪري سگهان، مُنهنجي پنهنجي زندگي آهي، جنهن ۾ ڪڏهن حيرتن جي حسناڪي هوندي، ته ڪڏهن پيڙائن جي اوکي مسافت، جيڪا ڪڏهن مون کي يقيناً بي حال ۽ بنائي ڇڏيندي، پر پوءِ ۽ آءٌ ڪنهن مشين بنجي رهڻ بدران خود پنهنجي جياپي جيئڻ کي ترجيح ڏيندس.

ڇڙڳا ـ تون مون کان ايان چا چا ڦرڻ ٿو چاهين؟

تو پهريان مُنهنجي جسم تي قابض ٿي، مون کان آزادي سان گهمڻ ڦرڻ جو حق ڦريو. ان کان پوءِ مُنهنجي دل ۽ دماغ کي پنهنجو اسير بڻائي، مون کان سوچڻ، محسوس ڪرڻ ۽ پنهنجي خواهش موجب جيئڻ جو حق کسي ورتئي ۽ هينئر وري مُنهنجي لاشعوري عملن کي به دوشي ڪونڊ جو ارتڪاب ڪرڻ ٿو گهرين؟ توکي جيڪو ڪُجهه ڪرڻو هو سو ڪري چُڪين. وڌيڪ مون ۾ سهپ جي سگهه ڪونه رهي آهي. جيڪڏهن اسان ٻنهي کي گڏ رهڻو آهي، تہ پوءِ پاڻ کي ڪُجهه شرط ۽ مصلحتون طئي ڪرڻيون پونديون. مان توکي ڪُجهه رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. توکي کاڏ خوراڪ کان وٺي مان پنهنجي جسم ۾ پناهه ڏيڻ تائين راضي آهيان، پر پنهنجي خيالن ۽ جذبن جي قرباني ڏيڻ لاءِ قطعي آماده ڪونه آهيان. ڇو تہ اهي جذبا ۽ خيال ئي مُنهنجي زندگي آهن ۽ اهي ئي مُنهنجي هستي جو ننڍڙو ئي سهي، پر حسين انعام ۽ پُرمسرت اُجورو آهن.

دراصل هينئر مان وِسڪي پي رهي آهيان ۽ سگريٽ مٿان سگريٽ سانڍڻ ۾ ڏاڍو لطف ٿو اچي. دل چوي ٿي، تہ پنهنجي معمول جي ڪمن ۾ ٻيهر مصروف ٿي وڃان. جيئن هڪ غير متحرڪ ڪُنڊي بدران مُنهنجو وجود ڪنهن زنده فرد جيان محسوس ٿيڻ لڳي. مان هر چرپر کان پوءِ رڙ ڪري، توکان تنهنجي تڪليف دريافت ڪرڻ جي فڪر ۾ رهڻ بدران پنهنجي آزادي ۽ پُرمسرت زندگي جيئڻ ٿي چاهيان. ڇو تہ مان تنهنجي بوجهه کان بلڪل ئي بيزار ٿي چُڪي آهيان.

19

• پڇڙا! معاف ڪجانءِ، ڪالھ مان شايد ڇُڪي وڃيڪ ئي چاڙھي وئي ھيس. تنھنڪري خمارن ۾ خبر ئي ڪونہ ٿي پئي. ھي گھميل رومال ۽ سگريٽن جا وکريل ٽوٽا تنھنجي سامھون پيا آھن. ڪيترو نہ ڪراھت انگيز ۽ غضبناڪ غصي جو منظر ھو. جنھن مان فقط خودغرضي ٿي ٻَکي! تون ڪيئن آھين؟ مون کي اميد آھي، تہ تون مون کان يقيناً وڌيڪ بھتر ھوندين. مان تہ بلڪل ئي پڇي ٿَڏي پئي آھيان. بس توکي جنم ڏيڻ لاءِ مون کي صرف ڇھن مھينن جي مُھلت گھرجي. پوءِ وڌيڪ جياپي لاءِ مون کي ڪا آرزو ڪونہ رھندي. جياپي جي ھن جھان ۾، تون مُنھنجي جاءِ ونڃانءِ ۽ مان ھميشہ لاءِ ويجي آرامي ٿيندیس. ھونءَ بہ مُنھنجي زندگي جو وڌيڪ ڪو خاص جواز ڪونہ رھيو آھي. ھن وقت تائين دنيا ۾ ھر قابل ديد شئي تہ ڏسي ڇُڪي آھيان. باقي پسڻ لاءِ رھيو بہ ڇاھي؟

جڏھن تون مُنھنجي ڪُک مان آزاد ٿي ويندين، تڏھن توکي مُنھنجي وڌيڪ ضرورت ڪونہ رھندي. ڪا بہ شفيق ۽ محبتي عورت، تو لاءِ ماءُ سمان بڻجي ويندي. خون جو رشتو ڪا ئي وقعت ڪونہ ٿو رکي. اھو فقط من گھڙت ۽ لفاظي جو ڏونگ آھي. اصل ۾ ماءُ اھا ڪونہ ٿي ھُجي، جيڪا ٻار کي پيٽ ۾ سانڍي ٿي، پر ماءُ تہ اھا ھوندي آھي، جيڪا ٻار کي پالي تاتي، ان جي پرورش ڪري ڪيس ھڪ انسان بنائيندي آھي. ساڳي ريت پيءُ جي حوالي سان بہ اھا ساڳي سڃائي وابستہ ھُجي ٿي. مان توکي تنھنجي پيءُ جي حوالي بہ ڪري سگھان ٿي. ھو ٿوري دير اڳ ئي مون وٽ نيري رنگ جي گلاب جو گل کڻي آيو ھو. جنھن لاءِ سندس چوڻ ھو تہ، اھو رنگ پُٽ جي اولاد جي نشاني

هوندو آهي. هو يقيناً پنهنجي مردانگي جي بنياد تي، تو مان ٻه پُٽَ جي توقع رکي ٿو. ويچارو! هن جو ٻه ان ۾ ڏوهه ڪونهي، ڇو ته ازل کان وٺي ڪيس اهو ئي پڙهايو ويو آهي، ته خدا هڪ اڇي ڏاڙهي وارو پير مرد آهي ۽ مريم فقط آنول جي حيثيت رکي ٿي، جنهن کي ٻار جي پيدائش کان پوءِ جيئڻ لائق ٻه جوزف ئي ٻڌايو. ان کان علاوه دنيا ۾ باهه ۽ روشني آڻيندڙ پرومیٿس ٻه مرداڻو ڪردار ئي آهي. مون کي تنهنجي پيءُ کان انهيءَ بنياد تي ڪائي بچان ڪونهي، پر پوءِ ٻه مان سمجهان ٿي، ته نه توکي ۽ نه ئي وري مون کي هن جي ڪا ئي ضرورت آهي. اسان کي سندس نيري گلاب جي ٻه ڪائي گهرج ڪونهي. مون کيس گهر مان نڪري وڃڻ ۽ اسان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيڻ لاءِ چيو ۽ هو بنا ڪنهن ٻڙڪ ٻاڦ جي اتان هليو ويو. مان جلد ئي پنهنجي معمول جي ڪمن ۾ مصروف ٿي وڃڻ چاهيان ٿي، ڇو ته مُنهنجي صاحب، مُنهنجي واعدي پاڙڻ لاءِ مون کي ٻيهر يادگيري ڏيارينديِ، اهو پڙ چيو آهي ته، "ڳورهاري عورت کي فقط ڇهن مهينن کان پوءِ ئي ڪم ڪار کان ٿورو پرهيز ڪرڻ گهرجي." انهيءَ هدايت سان گڏوگڏ ڏاڍي ڏيرج سان ڏمڪي واري انداز ۾ اهو پڙ چيو اٿائين ته "تون جيڪڏهن اهو ڪم نه ٿي ڪري سگهين، ته پوءِ اها ذميواري ڪنهن مرد جي سپرد ڪريان، ڇو ته ڪنهن ٻه مرد سان تو جهڙيون مجبوريون ڪڏهن ٻه پيش نه ٿيون اچي سگهن."

مُنهنجي لاءِ اهي وڏا لفظ هُئا. پر اهو سڀ ڪُجهه برداشت ڪري وڃڻ جي، مون وٽ ٻي ڪا واٽ ئي نه هُئي، مون لاءِ ايندڙ ڏهه ڏينهن ڏاڍا ڏُکيا هوندا، ڇو ته جيڪي ڏينهن مون ويهي گذاريا آهن، انهن جي ليٽ، ٻيٽو ڪم ڪري، مون کي ئي پرٽي آهي، پر هڪڙي ڳالهه ٻُڌائي ڇڏيان؟، ته ڪم جو خيال ايندي ئي، مون مان سُستي ۽ ڪاهلي ختم ٿي ويندي آهي ۽ ان کي پورو ڪري رهڻ، مون لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال بڻجي ويندو آهي. اهو ٻه شُڪر آهي، جو سيارو اچي ويو آهي ۽ اوني ڪوٽ مان مُنهنجو وڌيل پيٽ ماڻهن کي ڏِکَ ڪونه ڏيندو مُنهنجو پيٽ هاڻي کان ئي وڌڻ شروع ٿي ويو آهي. اڄ صبح ئي محسوس ٿيم، ته ان جي واڌ ڪري مُنهنجو لباس ڪافي تنگ

محسوس ٿيڻ لڳو آهي. خبر اٿئي! چوڏهن هفتن جي عرصي ۾ تون ڪيترو وڌيو آهين؟ ها، وڌ ۾ وڌ ڇهن انچن جيترو. توڙي جو آنول ايتري ننڍڙي آهي، جو اُميو نيٽڪ ساڪ کي ڏکڻ جي قابل به ڪونہ آهي، پر پوءِ به اُها هڪ طرف سُڪي وئي آهي ۽ تون ڏاڍي بي رحميءَ سان مون تي قابض ٿي رهيو آهين.

20

• خون ڏسي خوفزده نہ ٿيندڙ آءٔ کا پھرين عورت ڪونہ آھيان، چو تہ ماھواري ڪري ھر عورت جو ھر مھيني ان سان پالو پوندو آھي، پر مون جڏھن پنھنجي بستري تي خون جو ننڍڙو نشان ڏٺو تڏھن مُنھنجي اکين جي آڏو اوندھ چانئجي وئي ۽ جنگھون ڏڪڻ لڳم.

سخت گھبراھٽ ۽ مايوسيءَ جي عالم ۾ مون پنھنجو پاڻ کي تنھنجي حوالي سان، ھر قسم جي لاپرواھيءَ جو ذميوار محسوس ڪندي، پاڻ کي گھٽ وڌ ڳالھايو. ھا، تون جيڪو ايترو اَبھم ۽ معصوم آھين، جو مُنھنجي ھر زيادتي سان بغاوت ڪري، خود پنھنجي حفاظت پاڻ ہ ڪري نہ ٿو سگھين!

اھو رَتَ جو داغ، ڳاڙھي بدران ھلکي گلابي رنگ جو ھو جنھن مان تنھنجي اجل جا انديشا ٿي اُبريا. مان جلد ئي ڊاڪٽر ڏانھن رُخ رکيو جيڪو خلافِ معمول مون سان ڏاڍي ہاجھ سان پيش آيو. توڙي جو سندس ڊيوٽي جو وقت ٿي چُڪو ھو پر پوءِ ہ ھو مون سان مليوءِ تپاسڻ کان پوءِ فيصلو ڏينديِ ٻُڌايائين تہ "تون بلکل سلامت آھين، پر مُنھنجي جفاڪشي ڪري، توکي ٿوري تڪليف آئي آھي، جيڪا ہ مڪمل آرام ۽ ٿوري احتياط کان پوءِ دور ٿي ويندي" ڊاڪٽر ڪُجھ وقت لاءِ مون کي بستري تي رھڻ جي سخت ھدايت ڪئي. ھن وڌيڪ تجويز ڏينديِ اسپتال داخل ٿيڻ تي پڻ اصرار ڪيو ۽ ھينئر اسين اسپتال ۾ آھيون. ھا اسپتال، جيڪا مصيبت مارئي ماڻھن جي جاءِ پناھ ھوندي آھي. اسپتال ۾ آئي اسان کي ھفتو ٿي ويو آھي ۽ اھو پورو ھفتو ننڊ جي سُئين لڳڻ ڪري، مون بستري تي بي سُڌ پئي گذاريو آھي. ھاڻي جڏھن ھنن نشي واريون دوائون ڏيڻ بند ڪيون آھن، تڏھن ھن اداس ۽ ويران ڪمري ۾

ڏاڍي ويڳاٽي ٿي پئي آھيان. سمجھ ۾ نہ ٿو اچيم. تہ باقي ڏينھن ڪيئن گذارينديس. جن جي پل پل جو تصور ئي تڙپائي ٿو ڇڏيم.

مون اخبارون گھُريون. پر انڪار ڪيو ويو. مون ٽيليويزن لاءِ چيو اھا بہ ڪو نہ ملي. مون ٽيليفون جي گھر ڪئي. پر ان جي بہ خراب ھُجڻ جو عذر ڏئي. اسپتال جي انتظاميا پنھنجي مجبوري پيش ڪئي. ھن وقت تائين ڪنھن عزيز ۽ احباب کي ڪا سُڌِ ئي ڪونھي. ايتري تائين جو خود تنھنجي پيءُ بہ ڪا سار ڪونہ لڌي آھي. ھن اڪيلائي ۽ خاموشيءَ مون کي ڀيڄي پوري وڌو آھي. مان اڇي ڊريس ۾ ملبوس. انھن ڪنور دل عورتن جو شڪار آھيان. جيڪي گھڙي گھڙي اڇي مُنھنجي جسم ۾ سُئيون ٽُنبي ھليون وڃن ٿيون. ھن وقت تائين مان انھن مان چونڪارو پائي. تو سان محبت جا بہ ٻول بہ ٻولي ڪونہ سگھي آھيان. گھٽو عرصو تنھا ڪمري ۾ بستري تي پيو رھڻ ڪري. مُنھنجي ذھن ۾ عجيب قسم جا خيال اچي رھيا آھن ۽ اھڙين يادگيرين جا آواز پڙاڏا ٻڌجي مُنھنجي جيءَ کي جنجھوڙي رھيا آھن. جن جي ڇاڻ جي خود مون کي بہ ڪائي سُڌ ڪونھي. مان ھي پيڙا ڇو برداشت ڪري رھي آھيان ۽ ڪنھن جي نالي تي؟ ڇا ھڪ مرد سان موھ ڪرڻ جي ڏوھ ۾؟

يا ھڪ گھرڙي (Cell) جي لاتعداد حصن ۾ تقسيم ٿيڻ جي جرم ۾. مان ھي سڀ ڪُجھ ڀوڳي رھي آھيان. جيڪي نہ مُنھنجي مرضي ۽ نہ ئي وري مُنھنجي اجازت سان عمل ۾ آيا آھن؟ يا وري اھا لوڙ مان زندگي جي نالي تي لوڙي رھي آھيان؟

يقينن اھا زندگي ئي آھي. جنھن جو ڪيتو لوڙي رھي آھيان. پر ھي ڪھڙي زندگي آھي. جنھن ۾ تون نامڪمل ھُجڻ جي باوجود بہ مون لاءِ خود مُنھنجي وجود کان وڌيڪ اھميت وارو آھين؟ ھا. مُنھنجو وجود. جيڪو تنھنجي عدم موجودگي جي نسبت موجود ۽ مڪمل آھي. تنھنجي اھا ڪھڙي مَريادا آھي. جنھن جي اڳيان مُنھنجا سيئي قدر سِر جھائڻ تي مجبور ھُجن ٿا؟

توڙي جو توکي ايجان انسان بہ ڪونہ ٿو چئي سگھجي. پر تڏھن بہ ٿُنھنجو جياپو مون لاءِ مُنھنجي زندگي کان وڌيڪ وقعت وارو ڇو ٻڌيل آھي؟

انسانيتا! پر ڇا تون انسان آھين؟. تون جيڪو ھڪ آني جي

ننڍڙي ٻوٽئي ۾ پنج مائڪرون جي اسپرم مترادف آهين، تنهن کي انسان ٻه چئي سگهجي ٿو؟ ڇا انسان چوائڙ لاءِ اهو ڪُجهه ئي ڪافي هوندو آهي؟ انسان ته مان آهيان، جيڪا ڳالهائي سگهي ٿي، ٻُڌي سگهي ٿي، سوچي، ڪِلي ۾ روئي سگهي ٿي، جيڪا دنيا ۾ اهڙا عمل ادا ڪري، پنهنجي فڪر ۾ جستجو سان نالو ۾ ناموس حاصل ڪري سگهي ٿي. تون صرف گوشت جي هڪ ننڍڙي گڏيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪُجهه ٻه نه آهين، جيڪا نه سوچي، نه ڳالهائي، نه ڪلي ۾ نه روئي سگهي ٿي، پر فقط پنهنجي تشڪيل جي مرحلن تي مدار رکندڙ آهي.

سچ ته اهو آهي، ته اصل ۾ تون، تون نه آهين، پر مان خود آهيان. مون ئي توکي دماغ عطا ڪيو آهي ۾ مون ئي تو سان گفتگو ڪئي آهي. جيڪا حقيقت ۾ تو سان گفتگو نه پر مُنهنجي پاڻ سان خود ڪلامي آهي، جيڪا مون پنهنجي ئي خيالن ۾ پاڻ سان ڪئي آهي. مُنهنجي خيال ۾ مسخريءِ مذاق گهڻي ٿي چُڪي. شايد اهو سڀ ڪُجهه مُنهنجي اندر جو اوپر ئي هو جو نڪري چُڪو. نه ته پلا فطري طور جنم کان اڳ ڪو ئي انسان ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اسين جنم کان پوءِ انسان سڏبا آهيون، پوته پيدائش کان پوءِ ئي اسان ٻين سان گڏجي رهندا آهيون ۾ پوءِ ماءُ، پيءُ يا ڪوئي ٻيو فرد اسان کي ڪائڙ، ڳالهائڙ، اٺڙ، ويهڙ، وبچارڙ ۾ انسانن جيان عمل ڪرڻ جا آداب سيکاريندو آهي.

مُنهنجا پيارا ـ حقيقت ۾ اسان ٻنهي جو سُهنڻ هڪ آنول جي ڪري ئي آهي. اسان ٻئي دوست ٻه ڪونه آهيون، پوته اسان مان هڪ سزا ڏيندڙ ۾ ٻيو ان سزا جو نشانو بڻجندڙ آهي ۾ يقيناً آءٌ اها سزا پوڳي رهي آهيان. تون هڪ جراثيم جيان مون ۾ داخل ٿي، مُنهنجي ڪُک، خون ۾ مُنهنجي چرپر تي قابض ٿيڙ کان پوءِ هينئر مُنهنجو پورو وجود مون کان کسڻ ٿو چاهين؟ جنهن جي مان توکي ڪنهن ٻه طور تي اجازت ڪونه ڏينديس. توڙي جو آءٌ توکي پنهنجي دل جي ڳالهه ٻُڌائي چُڪي آهيان، پر پوءِ ٻه ايجان تائين سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچيم. ته مان ٻار چوتي چاهيو؟

مون پاڻ کي ڪڏهن ٻه هارن سان پُرمسرت محسوس ڪونه ڪيو آهي، توڙي جو مون ڪيئي ڀيرا انهن سان رلي ملي وڃڻ جي ڪوشش ٻه ڪئي آهي، پر مان جڏهن ٻه سندن آجيان لاءِ مُرڪي اڳتي وڌي آهيان،

تڏهن هو خوفزده ٿي روئي پيا آهن. تنهن ڪري مون کي لڳندو آهي، ته ماءُ جا فرض مُنهنجي وس جي ٻاهر ڪونہ آهن. مان زندگي ۾ ٻين ذميوارين نيائڻ جي قابل ٿي سگهان ٿي. جيئن مُنهنجي نوڪري آهي، جنهن کي مان پسند ڪرڻ ۾ جاري رکڻ چاهيان ٿي. مُنهنجو مستقبل، جيڪو مُنهنجو منتظر آهي ۽ جنهن کي آءٌ قطعاً گنوائڻ نہ ٿي چاهيان. دنيا ۾ اهڙيون عورتون ٻه ته آهن، جيڪي ٻارن جي ولر جڙڻ کان پوءِ وڏيڪ ٻارن پيدا ڪرڻ کانسواءِ ئي قبول ڪيون وڃن ٿيون ۽ جهان ۾ ان ڇوڪري کي ٻه ته هلايو وڃي ٿو جيڪا زوري زيادتي کان پوءِ ٻار کي جنم ڏيڻ نہ ٿي چاهي؟ ته پوءِ مون کي ٻه انهن جيان يقيناً قبول ڪيو ويندو. ٻار نہ جڙڻ ۽ عصمت لُٽائي ويهڻ جو ازالو جيڪو تان دستبردار ٿيڻ ۾ ڪونہ آهي. مان هي اسپتال ڇڏي، پنهنجي ڪمر تي پئي وڃان، پوءِ جيڪو ٿيڻو آهي، سو پلي ٿئي. جيڪڏهن تون پيدا ٿيڻو هوندين، ته ٿي ويندين ۽ جيڪڏهن تنهنجي مقدر ۾ موت لکيل آهي، ته پوءِ آءٌ چا ٿي ڪري سگهان. ڇو ته موت ۽ زندگي ته مُنهنجي وس کان ٻاهر آهن!

مُنهنجي وس ۾ ته صرف اهو آهي، ته اڄ کان پوءِ آءٌ تنهنجي وڏيڪ ظلمن ۽ پيڙائڻ برداشت ڪرڻ کان انڪار ٿئي ڪريان. ۽ هونءَ ٻه اسان جي وچ ۾ اهڙو ڪو معاهدو ٻه ته ڪونہ ٿيو هو. معاهدو ته اهو هوندو آهي، جنهن ۾ ماڻهو ڪُجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ٻي ڪي ڪُجهہ نہ ڪُجهہ ڏيندو آهي، پلا مان ڪو اهڙو معاهدو ڪيئن ٿي قبول ڪري سگهان، جنهن ۾ سڀ ڪُجهہ مون کي قربان ڪرڻو هُجي ۽ تون صرف وٺڻ وارو هُجين۽ موت ۾ سيئي عذاب ٻه وري مون کي پوکڻا پوندا هُجن. جيڪڏهن ڪو معاهدو هيو ٻه ته، ان تي صرف مُنهنجي دستخط هُئي، جيڪا هڪ پاسائين هُئڻ ڪري، ڪڏهوڪو پنهنجي وقعت وڃائي چُڪي آهي. تو ڪا ٻه دستخط ڪونہ ڪئي ۽ نہ ئي وري ان لاءِ تنهنجي آمادگيءَ جو ڪو آثار نظر آيو. تو راضپي بدران گلابي خون جي قطري جي صورت ۾ پنهنجو پيغام ڏنو آهي.

مون کي سُڌ آهي، ته مون تي زندگيءَ ۾ ملامت ڪئي ويندي ۽ مُنهنجي سموري حياتي سراپا سور بڻجي ويندي، پر پوءِ ٻه آءٌ پنهنجو فيصلو تبديل ڪونہ ڪنديس.

❖

21

• ڊاڪٽر مون کي ڪنور ۽ قاتل ڪوٺيو. هن پنهنجي اڇي پوشاڪ ۾ ڊاڪٽر بدران جج جا تيور ٽي ڏيکاريا. هن ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو ته مان هڪ ماڻ، هڪ عورت ۽ هڪ سماجي فرد جي حيثيت ۾ پنهنجي فرض ۾ عظيم ڪوتاهي ڪئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته "تُنهنجو اسپتال مان نڪرڻ، بستري تان اُٿي ڪنهن سفر تي وڃڻ، هڪ سوچيو سمجهيو قتل جو منصوبو آهي، جنهن لاءِ تون به ايتري سزا جي مستحق آهين، جيترو هڪ پيشاور قاتل هوندو آهي."

پوءِ هن تنهنجو قوتو مُنهنجي سامهون رکي مون کي ڏاڍي نرمي ۽ ڏيرج سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ته، "جيڪڏهن تو ۾ ٿوري به ممتا ۽ دل آهي ته پوءِ توکي ايئن ڪرڻ نه گهرجي". چو ته سنڊس چوڻ موجب تون هينئر هر حوالي سان هڪ مڪمل انسان هُئين. تنهنجو مُنهن هاڻي صرف مُنهن جو نشان نه. پر مڪمل چهرو بڻجي چُڪو هو جنهن ۾ نڪ کان وٺي ٻيا سڀ وصف واضح ٿي چُڪا هُئا ۽ ساڳي صورت حال تنهنجي جسماني ساخت جي هُئي. جنهن ۾ تنهنجا هٿ، پير ۽ ايتري تائين جو پيرن جا نهن به نظر ٿي آيا ۽ ان کان علاوه تنهنجي نندڙي مٽي تي وارن ڦٽڻ جا اهڃاڻ به صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيا، تنهن ڪري مون کي تنهنجي نزاڪتن کي محسوس ڪرڻ گهرجي. هن پنهنجي گفتگو جو سلسلو جاري رکندي وڌيڪ چيو "هن جي چمڙي ته ڏس! ڪيتري نه نازڪ، صاف ۽ نفيس آهي، جنهن مان رڳن کان وٺي تنتي سرشتي تائين، هر شئي چٽي ڏسڻ ۾ پئي اچي ۽ هاڻي هو ايترو ته وڌي ويو آهي، جو جيڪڏهن تو ان کي ضايع ڪرڻ به چاهين، تڏهن به توکي ڏاڍي تڪليف کي مُنهن ڏيڻو پوندو. چو ته ان لاءِ هينئر ڏاڍي دير ٿي چُڪي آهي."

ڊاڪٽر جي ان پوري تقرير کي ٻُڌڻ کان پوءِ مون هڪ پنو کڻي، ان تي دستخط ڪئي، جنهن مطابق هو تنهنجي يا مُنهنجي زندگي ۾ موت جو ذميوار ڪو نه هو پر ان جي ذميواري مون خود پاڻ تي کنئين. ڊاڪٽر کاوڙ ۾ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. ان وقت ئي تو مُنهنجي ڪُکِ ۾ چرپر ڪئي. تنهنجي اها چرپر، جنهن لاءِ مان مهينن کان منتظر ۽ مشتاق هُيس، شايد تو پير پٽاريا هُجن يا اوپاسي ڏني هُجي، پر مون کي سَڻَ ضرور آئي، ها اهڙي سَڻَ، جهڙي مون پنهنجي ماءُ کي پنهنجي ضايع نه ڪرڻ لاءِ منٽ ڪندي پهريون پيرو ڏني هُئي. مُنهنجي جنگهن مان سَتُ ڇڏائي ويو ۽ ڪيترن سيڪنڊن تائين مان اتي سڪتي جي حالت ۾ ويٺي رهيس. درد کان مُنهنجون لوندڙيون ٽي ڦاٽيون ۽ نڙي خشڪ ٿي ٿي وئي. اکين ۾ لڙڪ تري اچڻ ڪري اکين اڳيان اونداهي چانئجي وئي. نيٽن مان ٻه لڙڪ لڙي چادر تي اچي ڪريا، پر مان بستري تان اُٿي، سامان تيار ڪرڻ ۾ لڳي ويس، چو ته سياٽي اسان کي هوائي جهاز ذريعي هتان روانو ٿيڻو آهي.

22

• ڇا واقعي ئي ايتري خطري جي ڳالھ ھُئي؟

جڏھن کان واپس پنھنجي شھر موٽيا آھيون، تڏھن کان کائي اھڙي ڳالھ پيش ته ڪونہ آئي آھي! سفر ۾ ڪم ڪار جي باوجود بہ ھر شئي ٺيڪ ٺاڪ آھي. نہ ڏھني پريشاني، نہ سور ۾ نہ ئي وري ايجان ڪو اوکارو آيو آھي ۾ نہ ئي ڊاڪٽر جي پيشنگوئي موجب ٻيو ڪُجھ پيش آيو آھي.

ڪالھ ھڪ ڊاڪٽرياڻيءَ مُنھنجو طبي معائنو ڪيو ۾ توکي چڱيءَ طرح تپاسڻ کان پوءِ چيائين تہ، "خطري جي کائي ڳالھ ڪونھي. ھر شئي پنھنجي جاءِ تي درست آھي." ھوءَ ڏاڍي پلوڙ عورت آھي، پر ھُن جي برعڪس مرد ڊاڪٽر احتياطن ٻُڌائڻ ۾ خوفائتيون ڳالھيون ڪرڻ ۾ تہ حد ڪري ڇڏي ھُئي. ڊاڪٽرياڻي تہ ايترو بہ چيو تہ، "خون جي ھڪڙي قطري خارج ٿيڻ سان کھڙو فرق ٿو پوي؟ ڪيتريون ئي اھڙيون عورتون آھن، جن سان پوري حمل دوران خون جي جاري رھڻ جو مسئلو درپيش رھندو آھي، پر پوءِ بہ اھي صحتمند ٻار کي جنم ڏينديون آھن."

سندس خيال موجب، بستري تي گھٽو عرصو پيو رھڻ غير فطري آھي ۾ ضرورت کان زياده احتياط وھمن ۾ خدشن کي جنم ڏيڻ جو ڪارڻ بڻبا آھن. ھُن پنھنجي ھڪ مريضہ جو مثال ڏيندي ٻُڌايو تہ، "ھوءَ ھڪ پيشاور رقاصہ ھُئي، جنھن حمل جي پنجين مھيني تائين پنھنجو رقص جاري رکيو. پر کيس کابہ تڪليف پيش ڪونہ آئي. ليڪن مون کي تنھنجي باري ۾ ھڪ ڳالھ حيران ڪري رھي آھي، تہ تنھنجو پيٽ رقاصہ جي نسبت وڌيڪ اُپريل ۾ پريا آھي."

ھن وڌيڪ چيو تہ، "خطري جي کائي ڳالھ ڪونھي، پر پوءِ بہ

احتياطاً جيڪڏهن آءٌ چاهيان تہ اڳئين ڊاڪٽر جون دوائون استعمال ڪري سگهان ٿي." پر مون انهن دوائن تي ياڻڻ بدران فطرت تي اعتماد کي اوليت ڏني. هن صرف ضرورت کان زياده ڪار هلائڻ کان منع ڪئي، پر جڏهن مون کيس ٻڌايو تہ مون کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڏينهن جي سفر تي ڪار ذريعي وڃڻو آهي، تڏهن هن حيرانگيءَ مان وراڻيو "ڇا واقعي اهو ايترو ضروري آهي؟"

مون موٽ ۾ ڪنڌ لوڏيو تہ هوءَ ڪن پل لاءِ خاموش ٿي وئي، پر پوءِ مُرڪندي ڇيائين، "پرواهہ نہ ڪر. هتان جون گاڏيون آرامده ۽ روڊ ايترا سنوان ۽ سهنجا آهن، جو تو کي ڪائي مشڪل پيش ڪونہ ايندي، پر تولاءِ هر ہن تن ڪلاڪن کان پوءِ آرام تمام ضروري آهي. ڪڏهن بہ پاڻ تي ٽڪاوٽ جو ٻوجهہ نہ وجهجانءِ."

"ڇا تون مون کي ٻڌي رهيو آهين؟" مون سيني ڳالهين تان هٽ ڪنيو بس پاڻ هينئر ٻئي دوست آهيون. توکي بي آرام ڪرڻ ۽ بروپلو چوڻ تي مون کي سخت ندامت آهي، پر جيڪڏهن ايجان بہ تون ناراض آهين، تہ آءٌ ٻيهر معافي ٿي گهران. شايد ناراضگيءَ سبب ئي تو مُنهنجي ڪُک ۾ چڙهيون هَٽڻ ڇڏي ڏنيون آهن. اسپتال مان موٽڻ کان پوءِ هينئر تائين تو مون کي ڪا ست ڪونہ ڏني آهي، جنهن لاءِ مون کي توتي ڪاوڙ بہ ڏاڍي ٿي اچي، پر اها جهٽ پل ۾ لهي ٿي وڃي ۽ آءٌ مطمئن ٿي وڃان ٿي. توکي خبر آهي، تہ مان ڪيترو نہ تبديل ٿي وئي آهيان. جڏهن کان مون ٻيهر معمول واري زندگي گذارڻ شروع ڪئي آهي، تڏهن کان مون پاڻ ۾ انوکي تبديلي محسوس ڪئي آهي ۽ ڪنهن ساموندي پکي جيان پاڻ کي پرواز ڪندي پائيو اٿم. مُنهنجي جيون ۾ ڪو اهڙو موڙ بہ آيو هو ڇا، جڏهن مون جيئڻ نہ ٿي چاهيو؟ مان جڏهن هاڻي ان تي سوچيان ٿي، تڏهن اهو سڀ ڪُجهہ مون کي پنهنجي ماضي جو احمقپڻو ٿو پاسي. زندگي جي هر شئي ڪيتري نہ موهيندڙ ۽ پياري آهي. هي حسين ڌرتي، سرسبز وڻ ٽڻ ۽ موهيندڙ موجيلو سمنڊ، انساني جياپي لاءِ ڪيڏي نہ وڏي وٽ آهن! سمنڊ جون مترنم لهرون ۽ مسرور ڪري ڇڏيندڙ زندگي جا هي منظر، جستجو ۽ جاکوڙ لاءِ ڪيڏو نہ اتساهہ پيدا ڪندڙ آهن!

جڏهن مون توکي ٻڌايو هو ته پورهيو پيڙيندڙ ۽ تنگ ڪري ڇڏيندڙ عمل آهي، تڏهن آءٌ صرف بستري پيڙي هُيس ۽ مون ۾ بيزاري ۽ بيقراري اهڙن احساسن ۽ ويچارن کي جنم ڏنو هو. چڙ ۽ تنهائي جي ڪيفيتن جي ڪري مون کي هر شئي جو صرف اونداهو پاسو نظر ٿي آيو ۽ هينئر جڏهن تاريڪي جو تذڪرو ڪري رهي آهيان، تڏهن توکي جنم ڏيڻ جو اشتياق مون کي وڌيڪ بي چين ڪري رهيو آهي. مون اڄ تائين تو سان جيڪي تنهائي، مايوسي ۽ ڪٽي ۽ آزادي نہ هجڻ واريون ڳالهيون ڪيون آهن، اهي سڀ سچ پچ ته رڳي مُنهنجي ذهني انتشار ۽ الجهن جو نتيجو آهن. مان تنهنجي حوصلہ شڪني ڪرڻ لاءِ معذرت خواهہ آهيان. اصل ۾ زندگي هڪ اهڙو اشتراڪ آهي، جنهن ۾ هڪ ٻئي جو ڀرجهلو ٿي ئي بهتر جيون بسر ڪري سگهجي ٿو. ڪائنات جي هر شئي ان توازن تي برقرار آهي، ايتري تائين جو گل ۽ ٻوٽا بہ گڏ جهومندي خوبصورت لڳندا آهن. جڏهن پکي ولر ڪري اڏامن ٿا ۽ مڇيون هجومن جي صورت ۾ سهڻيون ٿيون لڳن، تڏهن آدم ذات جي اونداهہ پسندي، ته ايئن آهي جيئن ہن خلابازن جو چنڊ تي پهچي اتان خوفزده ٿي زمين طرف ٻيهر پاڻ ڪاڙڻ وارو عمل.

ٻچڙا! جلدي ڪر باقي مهينا بہ حوصلي سان گذاري وڃ ۽ روشني سان مُنهن مقابل ٿيڻ کان قطعن نہ گهٻراءِ. پهريان تو کي اها يقيناً حيران ۽ پريشان ڪندي ۽ تون ان کان خوفزده بہ ٿيندين، پر ترت ئي اها تولاءِ اهڙي مسرت بڌجي ويندي، جو ان کانسواءِ توکي آرام ئي ڪونہ ايندو. مون هميشہ توکي بيڪار ۽ بيڪڙين شين جا مثال ڀڻي ڏنا آهن، پر افسوس آهي جو ڪڏهن بہ توکي ايرندڙ سڄ جي سندرتا، چميءَ جي لذت ۽ ڪاڻ جي مزن بابت ڪُجهہ ڪونہ ٻُڌائي سگهي آهيان. مون کي ڏک آهي، ته مان تو سان مُرڪن ۽ ٺهڪرن جون ڳالهيون بہ ڪري ڪونہ سگهي آهيان.

ڇا تو مُنهنجو انهن طلسمي ڪهاڻين مان ئي اندازو لڳائي ورتو آهي، ته مان اندر ئي اندر ڏڏي پئي آهيان ۽ غم جو ڪارو وڳو مُنهنجي وجود جو لباس بڻيل آهي؟ تو مون کي جيڪو بہ سمجهيو آهي، ان جو توکي پورو پورو حق آهي، پر اڄ کان پوءِ تون مون کي گيڙو لباس ۾

ملبوس پيٽر مين محسوس ڪندين، جيڪو هميشہ گهرن جي دروازن ۽ عبادت گاهن جي مينارن تي انهي ڪري گل نچاور ڪندو رهندو آهي، تہ جيئن برسات جي تباهي کان ڏرتي محفوظ رهي سگهي.

اسان ٻئي گڏجي ڏاڍو پُرمسرت جيئاپو جيئنداسين. سچ پچين، تہ اڄ بہ مُنهنجي اندر ۾ مُنهنجو ٻاروٽڙ زنده آهي، جيڪو راند روند ۽ ڪل پوڳ جو خواهان آهي، ڪالهہ رات مان جيئن ئي ديرسان هوٽل تي موٽي آيس، تہ ڪمرن کان ٻاهر پيل بوٽ ۽ سينڈل ردوبدل ڪرڻ سان گڏوگڏ درن تي ٽنگيل ناشتي جي آرڊرن جي پرچين کي بہ تبديل ڪري ڇڏيم، صبح تي توان تماشي جو شور پُڌو هوندو؟

هڪ مائي کي ڪنهن مرد جي چپل هٿ آئي ۽ هوءَ پنهنجي ڪڙي واري سينڈل هٿ اڇڙ لاءِ پريشان هُئي، هڪ همراهہ جي نون بوٽن جي جاءِ تي پراٽي جُتي پئي هُئي، جيڪو پنهنجن جوتن جي تلاش لاءِ حيران ۽ پريشان هو ساڳي حالت ناشتي جي آرڊرن سان هُئي، ڪنهن رڙ ڪري ٽي چيو "مون کي ڪافي ملي آهي، مون تہ انڊي ۽ سلائيس جو آرڊر ڏنو هو." ڪنهن ٻي دانهن ٽي ڪئي، "مون چانهہ چئي هُئي، هي آملیٹ ڇو ڏنو اٿوَ؟" مان دروازي سان ڪن لايو سپ ڪُجهہ پُڌو ٽي ۽ ڪِلي ڪِلي ڪيري ٽي ٽي پيس ۽ ايئن ٽي لڳم، جڙ اهي ننڍپڻ جا حسين ۽ پُرمسرت ڏينهن وري موٽي آيا هُجن، جڏهن هر حرڪت هڪ راند ۽ حسين رؤنشو هوندي هُئي.

23

• مون تولاءِ هڪ پينگھو خريد ڪيو آهي، پر خريد ڪرڻ کان پوءِ خبر پئي اٿس ته هار جي جنم کان اڳ پينگھو بہ بستري تي گلن جيان سنو سنوڻ نہ سمجھيو ويندو آهي، پر اھڙن وسوسن ۽ وهمن ۾ مان اعتقاد ڪو نہ رکندي آهيان. هي هڪ اھڙو رنگين ۽ پُرآسائش هندستاني پينگھو آهي، جيڪو ڪنھن ڳٺڑي جيان، پٽي پويان ڪٽي سگھجي ٿو. آءٌ بہ توکي پٽيءَ پويان ڪٽي هر جاءِ تي پاڻ سان گڏ گھمائيندیس ۽ ماڻھو مُرڪي چوندا، "ڏسو ڏسو هي بي سمجھن ۽ ڪل ٽڙين جي جوڙيا"

مون تولاءِ هڪ ڪپڙن واري الماڙي بہ خريد ڪئي آهي، جنھن ۾ تنھنجون رنگين شرٽون، گائون ۽ ننڍڙو خوبصورت بسترو سجائي رکيو آهي. جڏھن مون پنھنجي سنگتياڻي کي فون تي اھو سڀ ڪُجھ ٻُڌايو ته هن وراڻيو هو "تون واقعي چريٽي وئي آهين"، پر هن جي آواز ۾ اطمينان ۽ مسرت هُئي. مون جڏھن سفر تي وڃڻ وقت ڪانئس موڪلايو ٿي، تڏھن هوءَ تنھنجي باري ۾ ڏاڍي فڪرمند هُئي. پريشانيءَ مان هر هر چيائين ٿي ته "جيڪڏھن جهاز ۾ ڪُجھ ٿي وڃي ته...؟"

اها عورت جيڪا پھريان تو مان نجات جون نصيحتون ڪندي هُئي، سا تولاءِ بيحد پريشان ٿي لڳي. هوءَ واقعي ڏاڍي سلجھيل عورت آهي. ان ڏينھن ڪانسواءِ جڏھن هن تنھنجي پيءُ کي مون وٽ موڪليو هو مون کي ساڻس ڪا بہ شڪايت ڪونہ رهي آهي. جيتري تائين تنھنجي پيءُ جو تعلق آهي، ته هو اھو مرد آهي، جيڪو مُنھنجي ڏڪارڻ ۽ پنھنجي تذليل جي باوجود بہ مُنھنجي قرابت لاءِ راضي آهي ۽ اھڙو ماڻھو هروپرو مسترد ڪرڻ جو مستحق بہ ڪونھي. هن پوءِ مون کي جيڪو خط لکيو ان مُنھنجي دل تي ڪافي ڏڍو وڏو آهي،

جنهن ۾ هن اعتراف ڪيو هو تہ "هو مرد هُئڻ جي باوجود بہ بزدل آهي ۽ ان بزدلي ڪارڻ ڪيس معاف ڪري هڪ پيار ڪندڙ طور قبول ڪيو وڃي." مُنهنجي خيال ۾ خود احتسابي هن جي جيءَ ۾ ڪُجهہ وَڌ ضرور وڌا آهن. ڪڏهن ڪڏهن بيڪار پيل فرنيچر جو ٽڪرو ڏاڏو ڪار آمد بڻجي پوندو آهي ۽ هونءَ بہ تنهنجي پيءُ کان مان ڪو ويو ونڊ قطعاً ڪونہ ٽي چاهيان. ڇو تہ تُنهنجي پيءُ کان وٽي مُنهنجي صاحب ۽ ڊاڪٽر تائين اهي سيئي ڪولين جي اهڙي جيتامڙي حشام مان آهن. جن کان انتقام ونڊ ڪونہ ٿو ڇُڳائي.

تون ان وقت ڏسين ها. جڏهن مون پنهنجي صاحب کي پنهنجي سفر تي نڪرڻ جو ٻُڌايو. تہ هو ڪيئن نہ چوڻ لڳو "سياٽي ڇوڪري ڏاڍي سڻي خبر ڏاڍي سڻي.... ۽ مون کي يقين آهي. تہ ان لاءِ توکي ڪو پڇتاءُ نہ هوندو." ها يقيناً مون کي ان لاءِ ڪو بہ پڇتاءُ ڪونہ هو. ڇو تہ هڪ عورت جڏهن خود پنهنجي مانَ جي محافظ بڻجندي آهي. تڏهن ئي ٻيا سندس احترام تي مجبور ٿيندا آهن ۽ جڏهن ڪيس پاڻ ۾ اعتماد هوندو آهي. تڏهن ئي ٻيا مٿس اعتبار ڪندا آهن.

ٻچڙا! ماشاءَ الله سياٽي صبح جو ڪار ذريعي اسان پنهنجي سفر تي نڪرنداسين. پر مان اڄ رات تولاءِ هڪ نظم لکنديس. جيڪو مُنهنجي آنند ۽ اندر جو آئينہ دار هوندو.

مون وشواس دريافت ڪري ورتو آهي،
گهرن، عبادت گاهن ۽ بادلن تي گل نڇاور ڪرڻ،
۽ ساموندي پکين جيان،
هن ميري گدلي ۽ اداس فضا کان ڏور
وشال اجري سمنڊ مٿان
پرواز ڪرڻ جي خواهش،
مُنهنجي جيءَ ۾ پر ڦڙڪائي اڏامڻ لڳي آهي.
سچ پچ تہ حوصلو ئي روشني آهي،
۽ آءٌ اونداهيءَ ۾ اُنهيءَ ڪري ٿي ٻڌڪيس،
ڇو تہ مان حوصلو هاري ويٺي هيس.

❖

24

• ”هن ملڪ جا روڊ سنوان ۾ آرامده آهن ۾ ڪاريون مضبوط اسپرنگن ۾ جهومپ جهاڪن کان بچائيندڙ“. ڊاڪٽرياڻي ڪيڏو نہ ڪوڙ ٿي ٻڪيو! ٻچڙا۔ ٻڌاءِ تہ مان ڇا ڪريان؟ سفر جاري رکان يا پُنتي موٽان؟ واپسي تہ ويتر بہ بدتر هوندي. ڇو تہ ساڳي بيڪار ۾ اوکي رستي تان سفر ڪرڻو پوندو. ان کان بهتر آهي، تہ اڳتي وڌجي، ٿي سگهي ٿو اڳتي رستو سنو هُجي!

جيڪڏهن مان سرجڻهار هجان ها، تہ جيڪر ايئن چوان ها تہ، ”هي روڊ بہ مُنهنجي زندگيءَ جيان آهي. جيڪو هر جاءِ تان پڳل ٽُنل، پٽريلو ۾ ناهموار آهي. هڪ پيري ڪنهن ليڪ سان مُنهنجي ملاقات ٿي، جنهن سان مُنهنجي اڳ ئي ڇاڙ سڃاڙ هُئي. گفتگو دوران چيائين ٿي، ”هر ماڻهوءَ کي اهڙي زندگي ملندي آهي، جنهن جو هو مستحق هوندو آهي. جيئن هڪ مفلس جي مقدر ۾ مفلسي ۾ هڪ نابين جي نصيب ۾ بي نوري ۾ تاريڪي ئي لکيل هوندي آهي.“ توڙي جو دنيا ان کي ذهين ۾ مهان قلمڪار سمجهندي هُئي، پر هو اصل ۾ وڏو احمق هو. ڏاهپ ۾ احمقپڻي درميان بہ تہ هڪ نفيس تند حائل هوندي آهي، جڏهن اها ٽُٽي پوندي آهي. تڏهن دانشمنديءَ ۾ مورکپڻو هڪٻئي ۾ ايئن ملي جُلي ويندا آهن، جيئن محبت ۾ نفرت ۾ جيئن زندگي ۾ موت. تون انهيءَ صداقتن کان ترت ئي آشنا ٿي ويندين. تون عورت آهين يا مرد؟ ان جي آشنائي لاءِ مون کي هر وقت ڏاڍو اشتياق رهيو آهي، پر هينئر شديد خواهش ٿي اٿم تہ، تون مرد ٿي جنم وٺين، گهٽ ۾ گهٽ خون جي ماهواري مان جان ڇُٽل هوندئي. مون جيان ڪنهن ڇڳل روڊ تي ڪار ۾ سفر ڪرڻ دوران ندامت جو احساس

تنگ ڪونہ ڪندئي ۽ ڪنهن بہ جاءِ تي آزادي سان ويڙھ ۾ توکي مون جيان ڪنهن سور ۽ تڪليف جو فڪر ڪونہ رهندو. تون مون کان وڌيڪ سمنڊ جي آزاد پکيءَ جيان، جهڙي پار چاهين، اڏامي سگهندين، پر مان تہ هزارين ڪوششن جي باوجود بہ ترڪيءَ جي سرحد کان اڳتي پَرَ ساهي ڪونہ سگهي آهيان.

شايد اهي عورتون، جيڪي پنهنجون ڇاتيون خشڪ رکن ٿيون، صحيح هجن؟ پر اڄ تائين انهن مان بہ ڪا عورت اهڙو نظام دريافت ڪري ڪونہ سگهي آهي، جنهن تحت ہار جو جنم بہ ٿئي، تڏهن بہ ڪائنات جو ڪاروبار ائين ئي قائم رهي، پر ہارن کي پيدا ڪرڻ واريون بہ تہ هميشہ عورتون هونديون آهن! مون کي هڪ سائنسي ڪهاڻي جي سُڌ آهي، جيڪا هڪ سياري تي وقوع پذير ٿي. جنهن موجب ہار جي پيدائش لاءِ ستن انسانن جي گروپ جي ضرورت هوندي، پر ستن فردن جو هڪ ئي وقت گڏ هُجڻ ۽ وري ان تي متفق رهڻ ڏاڍو مشڪل ۽ اوکو آهي، ڇو تہ انهن ستن ماڻهن جي نہ صرف فڪري هم آهنگي هُئڻ ضروري هوندي، پر ان جي اجتماعي فعل سان حمل جو عمل بہ وابستہ هوندو. تنهن ڪري ان طريقي سان نسل جي واڌ جو عمل ناس ٿي ويندو ۽ سيارو بلڪل سنسان ٻڏجي ويندو.

پر هڪ ٻي ڪهاڻي بہ آهي، جنهن ۾ فقط هڪ الڪلائين محلول جي ضرورت هُجي ٿي، هڪ لوٽياني پاڻيءَ جي گلاس ۾ جوهر جي ڦُڙي ڪِرڻ سان زندگي جي جنم سان گڏ ہن وجودن جي آسان تقسيم عمل ۾ اچي ٿي. جوهر پنهنجو وجود وڃائي ڪونہ ٿو پر ہن حصن ۾ ورهائجي پنهنجي انا جو انت آڻي ٿو ۽ ان طرح نَوَنِ مهينن تائين ڪُکِ ۾ سانڍڻ واري عذاب کانسواءِ ٻي ہار جو جنم ممڪن ٿي سگهي ٿو.

ڪن عورتن لاءِ نَوَنِ مهينن وارو اهو عرصو عذاب بدران عظمت ۽ نعمت جيان هوندو آهي، تنهنڪري بهتر طريقو اهو آهي، تہ هڪ ڪُکِ مان ڳپ ڪيڙي، ڪنهن اهڙي عورت جي پيٽ حوالي ڪجي، جيڪا ان کي اپنائڻ ۽ سنياڻڻ لاءِ آماده هُجي ۽ جيڪا ممتا جي حوالي سان مون کان وڌيڪ ذميوار، شفيق ۽ فياض هُجي. مان سمجهان ٿي بخار ۾ مُنهنجا لڳ ٻري رهيا آهن. اعصابي دٻاءُ ۽ سور وري ٻيهر

وڏڻ شروع ٿي ويو آهي. مون کي انهن کي نظر انداز ڪرڻ گهرجي، پر اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ مُنهنجي خيال ۾ پنهنجو پاڻ کي وڏيڪ مصروف رکڻ سان ئي انهن کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو. الاهي ڏينهن کان توکي ڪا کهاٽي ڪونہ ٻُڌائي اٿم. اڄ تہ اڄ توکي هڪڙي خوبصورت کهاٽي ٻُڌايان.

ڪنهن زماني ۾ هڪڙي عورت هُئي، جيڪا چنڊ جي ٽُڪري جي حاصلات جا هميشہ پئي خواب ڏسندي هُئي. هن جو چنڊ سان ايترو چاهہ هو جو هن لاءِ اتان جي متي چپٽي ملڻ بہ وڏي نعمت جي مترادف هو. سندس اهو سپنو ڪو ناممڪن ۽ ساڀيان ماڻي نہ سگهڻ جهڙو بہ ڪونہ هو. ڇو تہ هوءَ بذاتِ خود اهڙن ماڻهن کي سڃاڻندي هُئي، جيڪي چنڊ تان ٿي آيا هُئا ۽ ان دؤر ۾ چنڊ ياترا هڪ عام رواج هو. هن جي اکين جي سامهون ئي ڪيئي جوان ڏرتي تان جهازن ۾ سوار ٿي، آڪاش ڏانهن اُڏاڻا هُئا. جڏهن جهاز آسمان جي وسعتن ۾ آڇ جا گولا ڦهلائيندو ويندو هو تڏهن اها عورت راڪيٽ کي ڏسي خوشي مان جهومندي چوندي هُئي، "وڃ، وڃ ايجان متي وڃ"، پر جڏهن اهو سندس نظرن کان اوجهل ٿي ويندو هو تڏهن هوءَ حسرت ۽ نراسائي مان آڪاش ۾ ڏينهن تائين انهن چنڊ جي متلاشين جا نشان نهاريندي رهندي هُئي، پر چنڊ ياترا تي جيڪي بہ ماڻهو ويا، اهي اڪثر ڪري احمق ۽ پٿر دل ماڻهو ئي هُئا، هو مرڪن ۽ لڙڪن جي صداقت کان نا آشنا فقط اهڙا ماڻهو هُئا، جن لاءِ چنڊ ياترا صرف سائنسي جستجو ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي حاصلات هُئي.

مسافت دؤران وٽن ڪنهن بہ موهيندڙ ڳالهہ بدران رڳو انگ اکر ۽ ڇس فارمولا گفتگوءَ جو موضوع هوندا هُئا. جيڪڏهن ان کانسواءِ ڪين ڪو فڪر هو تہ صرف ان پنڌ طئي ڪري وڃڻ جي اندازي ۽ ڳڻ جو هو. جڏهن چنڊ تي پهچي ويندا هُئا، تڏهن سندن اهو اونو بہ ختم ٿي ويندو هو ۽ ڳالهائڻ لاءِ وٽن ڳُجهہ بہ ڪونہ رهندو هو. وڌ ۾ وڌ چند من گهڙت تفصيلن نوٽ ڪرڻ، پنهنجي نشاني طور ٻنهنڊو کوڙڻ ۽ روبوٽ جيان چند لمحاتي رسمون ادا ڪرڻ کان پوءِ وري ڏرتي طرف ياڃ ڪندا هُئا ۽ پوئتي فقط پنهنجي فضول قدمن جا ڏندلا آثار ڇڏي

ايندا هُئا. هڪ پيرو جيڪڏهن تون ٻه انهن جي ميرن قدمن کي چنڊ تي پسين، ته تون ٻه ساڻن نفرت ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهين.

چنڊ ياترا تان موٽڻ کان پوءِ اهي ماڻهو اجائي فارمولن سان گڏوگڏ چنڊ جا ڪُجهه اهي ٽُڪرا ۽ متي ٻه ساڻ ڪٽي ايندا هُئا، جن جي حاصلات جا اها عورت هميشه خواب پئي ڏسندي هُئي.

جڏهن خوابن بدران انهن چنڊ جي ٽڪرن ۽ متيءَ کي پنهنجي اکين اڳيان ڏسندي هئي، تڏهن کين ليلائيندي چوندي هُئي، "توهان وٽ چنڊ جا کوڙسارا ٽڪرا ۽ متي آهي، ان مان مون کي ٻه ٽورو ذرو ڏيندؤ؟"

موٽ ۾ هميشه وراڻيندا هُئا، اسان توکي انهن جي دز ٻه ڏئي نه ٿا سگهون، چو ته اسان کي ان جي اجازت نه آهي." انهن جو سڄو چنڊ ليبارٽرين جي نذر ٿي ويندو هو ۽ انهن امن جي ٽيبلن تي پئي پئي زيان ٿي ويندو هو جن جي خيال ۾ چنڊ جي تمنا فقط سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي سوپ ڪانسواءِ ٻي ڪا ٻه وقعت ڪونه ٿي رکي. هو توڙي جو عمل کان عاري ۽ بي رحم ماڻهو هُئا، پر تڏهن ٻه انهن مان هڪڙو مون کي ٻين جي نسبت چگو لڳندو هو چو ته هو روئڻ ۽ ڪِلڻ جي سچائين سان ڪافي مانوس هو.

هو ڏسڻ ۾ بدصورت ۽ بندري قد جو ماڻهو هو جنهن جا چڊا ڏند ويتر ڪيس احساسِ ڪمتري جو شڪار ٻڌائيندا هُئا. هو پنهنجي احساسِ ڪمتري کي لڪائڻ لاءِ هميشه ڪلندو ۽ عجيب قسم جا ٽوپلا پائيندو هو جن سان ڪيس ڪُجهه روحاني مسرت ۽ آٽت نصيب ٿيندي هئي ۽ هو ان خوش مزاجيءَ ڪري ئي مُنهنجو دوست ٻڌيو. هو پنهنجي ڪوجهائپ جي احساس ڪارڻ پاڻ کي چنڊ جو مستحق ڪونه سمجهندو هو. تنهن ڪري هو جڏهن ٻه مون سان ملندو هو تڏهن بي چسائيءَ سان چوندو هو "مان چنڊ تي وڃي چا ڪندس؟ مان شاعر ٻه ڪونه آهيان ۽ نه ئي وري ڪا اها سُڌ اٿم. ته حسين شين کي ڪيئن خراج پيش ڪبو آهي"؟. چنڊ تي اُسهڻ کان چند ڏينهن پهريان هو مون وٽ مون کان موڪلائڻ ۽ اهو پڇڻ لاءِ آيو هو ته چنڊ کي چا وڃي ڇئي؟

مون کيس چيو هو "توکي اهو ئي ڪُجهه چوڻ گهرجي، جيڪو سچ ۽ صداقت آهي، مثال طور تون هڪ معمولي ماڻهو آهين، جنهن کي پنهنجي مڙني اوڻائين جو چڱي طرح ادراڪ ۽ احساس آهي. هن کي مُنهنجي راءِ پسند آئي ۽ هن واعدو ڪيو هو ته هو چنڊ تي وڃي اهو اعتراف ضرور ڪندو ۽ هن اهو پڻ وچن ڏنو ته واپسيءَ تي هو مون لاءِ چنڊ جو ننڍڙو ٽڪرو ۽ متي ضرور آڻيندو. پر جڏهن چنڊ ياترا تان موٽي آيو تڏهن هو ساڻيو نه رهيو هو. مون سان ملڻ ته ڪونه آيو. پر جيڪڏهن مون ٽيليفون ڪري کيس وچن ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تڏهن به ڪو نه ڪو بهانو ڪري اها ڳالهه ٽاري ٿي ويو. نيٺ هڪ ڏينهن هن رات جي ماني جي دعوت ڏني، مون کي پنهنجي گهر گهرايو. مان ان وشواس سان سج بينڊ ئي وڃي سندس گهر پهتيس، ته هو مون کي چنڊ جو ٽُڪرو ضرور ڏيندو. مان دسترخوان تي بي قراري محسوس ٿي ڪئي. ماني کائڻ کان پوءِ هن چيو ته، "اڄ ته تو کي چنڊ ڏيکاريان" پر هن ايئن ڪونه چيو ته، "اڄ ته تو کي چنڊ ڏيان." مُنهنجو "ڏيکارڻ ۽ ڏيڻ" جي تفاوت ڏانهن ڪو به ڏيان ڪونه ويو. هن کي ايڏا به اهو مسخرن وارو ٽوپلو پاتل هو ۽ هن جي ٿهڪن ۾ اڃان به اهائي پورڙائي هُئي، پر اها زنده دلي، جنهن جي مون کي منجهنس توقع هُئي، سا خبر ناهي هو الائي ڪهڙي آڪاش تي ڪيرائي آيو هو. هو ميڇ ڏئي مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ويو. جتي پيل الماڙي جو تالو کوليائين، جنهن ۾ اندر ڪوڙ رنبي، نلڪي ۽ ڪيترو ئي ٻيو سامان پيو هو. جنهن تي عجيب چاندي مائل سليٽي رنگ جي دز چڙهيل هُئي. چنڊ جي متي ڏسي مُنهنجي دل تيزي سان ڌڙڪڻ لڳي. مون هٿ وڌائي کوڙ ڪنئين، جيڪا ڏاڍي هلڪي ۽ تقريباً بي وزن ٿي محسوس ٿي. ان تي چڙهيل چاندي جهڙي دز تالڪم پاؤڊر جيان ٿي لڳي، جنهن چهري تي ٻي چمڙي جي ڍڪ ٿي ڏني. اهو بيان ڪرڻ ڏاڍو اوکو آهي، ته مون چنڊ کي پنهنجي چهري تي ان پل ڪيئن محسوس ڪيو؟ شايد زمان ۽ مڪان تي سوپ جو احساس هو يا وري ڪڏهن به حاصل نه ٿي سگهندڙ منزل جي حاصلات جي مسرت، جنهن جو تصور ئي بذاتِ خود بحر بي ڪران هو. هن وقت آءٌ جيڪي احساس جا اندازا پئي هٽان، ان

لمحي آءٌ انهيءَ ڳٽ کان بنهه ئي قاصر هُيس. هينئر به آءٌ جڏهن پنهنجي ڏهن ٽي زور ٽي ڏيان، تڏهن به فقط ايترو ياد ٿو اچيم، ته آءٌ هن جي بي چين ٽي وڃڻ واري احساس کانسواءِ، هڪڙن ۾ عجيب اشتياق سان ڪوڏر پکڙيو ٻهٽي هُيس، پر جڏهن محسوس ڪيم، ته هو اتاولو ٽي رهيو آهي، تڏهن شڪريئي سان ڪوڏر واپس ڪندي چيم، "هاڻي ڪُجهه متي کڻي سگهان ٽي؟" هن جا گهڙيءَ ۾ تيورَ ئي بدلجي ويا، "ڇا جي متي"؟ "چنڊ جي متي، جنهن جو تو واعدو ڪيو هو." هن وراڻيو. "مان پنهنجو واعدو پورو ڪيو. توکي اها هينئر ئي ته ڏسڻ لاءِ ڏني هُيم ۽ تو پاڻ ئي ته اُن کي ڇُهي مون کي واپس به ڪئي آهي." مون سمجهيو ٽي، ته هن مذاق ٽي ڪئي، پر پوءِ هن جي سنجيدگيءَ مان سمجهي ورتم، ته هن مذاق ڪو نه ٽي ڪئي، بلڪ ڪوڏر کي ڇُهڻ جي اجازت ڏئي، هو پنهنجو واعدو پورو ڪري ڇُڪو هو.

ان لمحي مون کي شدت سان محسوس ٿيو ته، مفلسن سان به ائين ئي ٿيندو آهي، جڏهن زردار کين هڪڙن ۾ موتي ڏئي، ان جون تعريفون ڪرائي، بعد ۾ کين خريد نه ڪري سگهڻ جو طعنو ڏئي، سندن هڪڙن مان ڦُري وڃندا آهن. مان حيرت ۽ غم ۾ ايترو ته غرق ٿي وئي هُئس، جو هن جي احسان فراموشي جي موت ۾ آءٌ سندس مُنهن تي ڪُجهه هڻي به ڪونه سگهيس. مون فقط ايترو سوچيو ته ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪيس اهو احساس ڏياريان، ته هو ڪيترو نه بي مروت ۽ ڪُنور ٽي ويو آهي! انهيءَ اميد تي ته من نه من سندس روح ۾ رحم پويِ، مون کيس ليلائيندي چيو "آءٌ تو کان چنڊ جو ٽُڪر ڪونه ٽي گهران. مان ته صرف چنڊ جي دز جي طلب ٽي ڪريان. جنهن جو خود تو واعدو به ڪيو هو. اها دز جنهن سان ٽُنهنجي الماڙي ۾ رکيل هر شيءَ ڏنڊلائي پئي آهي. مون کي صرف ڪنهن ڪاغذ جي ٽُڪري تي چپٽي جيتري چنڊ جي اُها متي لاهي ڏي، جيڪا عُمر ۾ مُنهنجو حسين خواب ۽ حسرت آهي، ته جيئن آءٌ پنهنجي باقي جيون ۾ ان کي جيترو چاهيان ڏسي سگهان." پر مون ساڻس جيئن وڌيڪ اصرار ٽي ڪيو، تيئن هو وڌيڪ طيش ۾ ايندو ٽي ويو. هو خونخوار نظرن سان گهوريڻ کان پوءِ آخر خاموشيءَ سان الماڙي جو تالو بند ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪري

ويو ۽ سندس وڃڻ ورانديءَ مان وڏي آواز سان پُڇيو "توهان کي چانهه يا ڪافي وغيره کپي"؟

مُنهنجي نڙي مان لفظ ب نه اُڪليو. آءٌ خاموش اُتي ئي بيٺي پنهنجن هٿن کي ڏسي رهي هُيس، جيڪي چنڊ جي ڏز سان پريل هُئا. مون کي لڳو ڇڻ چنڊ مُنهنجي هٿن ۾ هُجي، پر اهو سمجهه ۾ ڪونه آيو ته ان کي ڪٿي رکان ۽ ڪيئن محفوظ ڪريان. ڇو ته ٿورڙي بي احتياطي سان ئي ان جي غائب ٿي وڃڻ جو انديشو هِنئين ۾ وڌ وڃهي رهيو هو. اوچتو ذهن ۾ هڪ سُرت سُجهي آئي، ته ان کي پائوڊر جيئن هٿن تان آهستي چنڊي محفوظ ڪرڻ گهرجي، پر جيئن ئي مون ان کي سميٽڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، ته اهو اتان غائب ٿي ٿي ويو ۽ اهي پل مون لاءِ ايترا ته پيڙائيندڙ هُئا، جو ايتري اذيت جو تجربو شايد ٽئنٽاليس ب محسوس نه ڪيو هُجي. ٽئنٽاليس کان ته ان وقت ميوبدار ٽاري هٿن مان غائب ٿي ويندي هُئي، جڏهن هو ان کي حاصل ڪرڻ وارو هوندو هو. پر هن ڪڏهن ب ان کي حاصل ڪرڻ کانپوءِ ڪو نه وڃايو هو. مون آخري نگاهه پنهنجي هٿ تي پيل چنڊ تي وڏي، جيڪو اڃان ب بيوسيءَ جو داستان ٻڌيو. مُنهنجي پيڙا لاءِ مُنهنجي هٿ تريءَ تي ڦهليو پيو هو. مون نيٽن مان لڙڪ لاڙڻ بدران تلخ مُرڪ مرڪي. بي انت فاصلن کان چنڊ مون وٽ آيو هو ۽ مون کي پنهنجي چانڊوڪي سان منور ڪري ڇڏيو هُئائين، پر آءٌ اُن کي هميشه لاءِ وڃائي رهي هُيس. آءٌ جيڪڏهن ان کي محفوظ ڪرڻ ب ڇاهيان ها، تڏهن ب اهو ممڪن ڪونه هو ڇو ته آخر ديرسوير مُنهنجي آڱرين تي ڦهليل ان چيز جو دونهين جيان تحليل ٿي وڃڻ ئي تقدير ۾ لکيل هو ۽ اهو سڄو سفاڪانه مذاق صرف نبل هُجڻ جو نتيجو آهي. مون ڪاوڙ ۾ مُٺ بند ڪري، جڏهن ٻيهر کولي، تڏهن مُنهنجي هٿ تريءَ تي فقط ڏنڊليون، غليظ ۽ ٽيڙيون لڪيرون نظر ٿي آيون، جن کي ڏٺي ئي ڪِريب ٿي آئي. ڇا صرف اهڙي نفرت انگيز تجربي سان مُنهن مقابل ٽيڙ لاءِ ئي مون پنهنجي نيٽن ۾ ايترا اوجاڳا ۽ خوبصورت خواب سانديا هُئا؟

مون الماڙيءَ جي در سان پنهنجي هٿ جي تري رهڙي، جنهن جو

سڀيو نشان ان تي ثبت ٿي ويو. جيڪو ڪنهن لڪير يا طويل لڙڪ جي نشان جيان ٿي لڳو. مان جڏهن گهر کان ٻاهر نڪتس، تہ آڪاش تي چمڪندڙ چنڊ نظر آيو. جنهن رات جي سياهي کي پنهنجي روشنيءَ سان منور ڪري ڇڏيو هو. مون ڏنڏلي نيٽن سان چنڊ کي ڏسندي سوچيو. "جتي به ڪا چمڪندڙ ۽ پُرنور چيز وجود رکندي آهي، اُتي ان کي ڏنڏلو ۽ ميرو ڪرڻ لاءِ ڪا نہ ڪا شئي اوس موجود هوندي آهي." ان تي آءٌ حيران ٿيس، تہ ائين آخر ڇو ٿو ٿئي؟ هوڏل ۾ داخل ٿيندي ئي پاڻيءَ جي ٽونٽي کولي، ان جي هيٺان پنهنجو هٿ جهليم. هڪ سياهہ مادو هٿ تان ميرُ جيان لهي گندي ناليءَ جي وهڪري ۾ لُڙهي ويو.

ڇڙڪا! تون به مون لاءِ چنڊ جي مٽي ۽ خود پورو چنڊ آهين. پريشاني ۽ سور جي تڪليف ڏاڍي وڏي وئي اٿم ۽ وڏيڪ ڪار ڊرائيو ڪرڻ مُنهنجي وس ۾ نہ رهيو آهي. آرام جي سخت ضرورت محسوس ٿي رهي اٿم. گهڙي ڪن لاءِ جيڪڏهن ڪو اَڇهو ملي ويچي، تہ چند پل سڪون ميسر ٿيڻ کان پوءِ ئي شايد جيڪو ڪُجهہ بچائڻو اٿم. تنهن جو ڪو فيصلو ڪري سگهان ۽ پنهنجي چنڊ کي ضايع نہ ڪريان؟ مان واش بيسن جي تري ۾ هڪ پيرو ٻيهر پنهنجو چنڊ ضايع ٿيندي ڏسڻ قطعاً ڪونہ ٿي چاهيان، پر مُنهنجي اُميد جون سڀ ڏياتيون اُجهامي ويون آهن. جهڙي طرح هڪ رات ٿُنهنجي هُئڻ جي هستي جي پختي يقين مون کي مفلوج ڪري ڇڏيو هو، اڄ رات ساڳي طرح تنهنجي اجل جي وشواس جي نشتر مُنهنجي من کي رتو رت ڪري رهي آهي.

25

• **مان** پنهنجو سفر اڌ ۾ ڇڏي واپس شهر موٽي آيس ۽ اچي ڊاڪٽرياڻي کي فون ڪيم. ڪيس يقين ئي ڪونہ ٿي آيو. هن بار بار چيو ٿي. "ڳڻتي نہ ڪر، ٻہ هفتا پهريان سڀ ڪُجهہ ٺيڪ هو. هينئر ٻہ خير هوندو. اهو يقيناً تنهنجو وهم ٿي سگهي ٿو." مون ڪيس چيو "پر جيڪو خون مون پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. گهٽ ۾ گهٽ اهو وهم نہ ٿو ٿي سگهي. ان خون جي جاري هُجڻ ڪري ئي آءٌ پورو هفتو هڪ هوٽل ۾ ترسي آهيان." فون کان فوراً بعد آءٌ ڊاڪٽرياڻي وٽ ويس. هوءَ دروازي تي ئي مون سان مُرڪي ملي. هن جي مُرڪ ۾ هميشه جيان سرهائي ۽ سڪون هو. هن جي ڪُجهہ ڳالهائڻ کان پهريان ئي مان پاڻ هُرتو ٽيبل تي ليٽي پيس. هن مُنهنجي دل تي هٿ رکڻ سان ئي دانهن ڪئي. "تنهنجي دل تہ ڏاڍي تيزي سان پئي ڌڙڪي ۽ ان جو آواز ائين ٿو لڳي. جڻ ڪو دهل وڄندو هُجي"! مون سندس مهرباني ۽ مُروت جي ڪائي موٽ ڪونہ ڏني. چو تہ هينئر هر ماڻهوءَ جي همدردي مون کي زهر ٿي لڳي. مون ڄاتو ٿي. تہ جيڪو ڪُجهہ ٽيٽو هو سو ٿي ويو ۽ جيڪا تڪليف اچڻي هُئي. سا اچي چُڪي. جنهن لاءِ توڙي جو تيار ڪونہ هيس. پر پوءِ ٻہ اهو سڀ ڪُجهہ مون سان پيش آيو. جنهن جي ڪابہ آڌت، ازالو ڪري نہ ٿي سگهي. ايتري تائين جو ڊاڪٽرياڻي جي سوالن جا جواب ڏيڻ ٻہ مون کي اوکا ۽ اجايا ٿي لڳا.

هن پُڇيو"ڇا تو هنن ڏينهن ۾ پنهنجي ڪُکِ ۾ ڪا ڇرپر محسوس ڪئي يا ڪڏهن ڪنهن ٻوجهہ ۽ بيزاري جو احساس محسوس ڪيو"؟ مون چيو "نہ"، "پلا توکي اهو احساس ڪهڙي لمحي ٿيو تہ...."؟

مون وراڻيو "هوتل تي پهچڻ کان ٿورو پهريان ناهموار روڊ تي ڪار ۾ سفر ڪرڻ دؤران."!

ڊاڪٽر ياڻي موت ۾ چيو "مُنهنجي خيال ۾ رڳو مشڪل سفر وارو سبب هيڏي هاڃي جو ڪارڻ ڪونہ ٿو ٿي سگهي"!

پوءِ هن مُنهنجي پيٽ تان چولو هٽائي ان جو معائنو ڪرڻ کان پوءِ ٻُڌايو تہ اهو پهريان جي نسبت ننڍو ۽ تقريباً سُسيل ۽ سڙو هو. هن مُنهنجي پستانن کي پڻ ڇڪاسيو جيڪي ۽ سنڊس خيال مطابق اڳ جي پيٽ ۾ گهٽ ٿُٽريل هُئا. هن هٿن تي دستانا چاڙهي وڌيڪ تسليءَ لاءِ مُنهنجي جسم اندر هٿوراڙيون ۽ ڏنيون. ۽ ڇڪاس دوران ئي هن جي نرڙ تي گهُنج ۽ اکين ۾ مايوسي نظر اچڻ لڳي ۽ چيائين، "پيٽ جي سوس مان لڳي ٿو تہ ہار پنهنجو وجود وڃائي چُڪو آهي، يا اهو ۽ ممڪن آهي تہ صحيح نشونما نہ ملڻ ڪري ہار جي اوسر رُڪجي وئي آهي. وڌيڪ تصديق ۽ حتمي فيصلي لاءِ اسان باقاعدي طبي معائنو ڪنداسين، جنهن لاءِ تو کي ڪُجهہ ڏينهن انتظار ڪرڻو پوندو." پوءِ هن دستانا لاهي هڪ پاسي ڦٽي ڪيا. پريشاني مان ٽيبل تي هٿ رکندي چيائين، "مون کي لڳي ٿو تہ تون صحيح ٿي چوين، ۽ يا شايد اڃان ۽ تي هفتا پهريان ہار جي نشونما نہ ٽيڻ ڪري، ان جي اوسر مڪمل طور بند ٿي چُڪي آهي. تون هينئر ان صدمي کي بهادري سان برداشت ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. ڇو تہ ہار يقيناً ختم ٿي چُڪو آهي." مون کان نہ ڪو جواب اُڪليو نہ ڪيس ڪو اشارو ڏنم. ايتري تائين جو بنا ڪنهن اک ڇنيڻ جي آءٌ اتي ئي ٽيبل تي خاموشي سان بي جان بُت بڻيو پئي رهيس. دماغ کان وٺي مُنهنجو پورو وجود پٿر جيان بي تحرڪ ۽ خاموش هو. نہ ڪو خيال، نہ ڪو اظهار. ان وقت فقط پيٽ تي ناقابل برداشت ۽ اڻ ڏٺي بوجهہ جو احساس ٿي ٽيو جيڪو مون ايئن ٿي پانيو جڙ کا آسمان جي پاري ڇپ بنا آواز جي مُنهنجي مٿان اڇي ڪري هُجي ۽ آءٌ ان جي هيٺيان دٻجي خاموش ٿي وئي هُجان. اوچتو ڊاڪٽر ياڻي جي آواز رائيفل جي گوليءَ جي گجگوڙ جيان مون کي چرڪائي وڌو. "حوصلو نہ هار اتي هاڻي ڪپڙا پاءِ"؟ مان اٿي ڪڙي ٽيس، پر اڃان تائين ۽ مُنهنجي ڇنگهن ۾ ساهہ ڪونہ هو

جن تي جبر ڪري مون بيهڻ جي ڪوشش ڪئي. مون ڪپڙا پاتا ۽ ڪانئس پُڇيم. "هاڻي اڃڪتي وڌيڪ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي"؟ هن وراڻيو "ڪُجهه به نه. ٿو ڏينهن کان پوءِ هر شئي خودبخود ختم ٿي ويندي. جنهن لاءِ توکي ڪا تڪليف ڪرڻي کوڻ پوندي. مون ڪنڈ لوڏيو ۽ پوءِ مُنهنجي آڇت لاءِ ڏاڪتر ياڻي جا جملي مٿان جملا شروع ٿي ويا. " دل شڪستا نه ٿيءُ. ڪيترا ٻار نامڪمل/اڻپوري هُئڻ ڪري ضايع ٿي ويندا آهن. انهن جي صحيح تشڪيل کوڻ ٿي سگهندي آهي ۽ هن دنيا ۾ ڪوبه ماڻهو ڪريل ۽ اڻپورو ٻار پيدا ڪرڻ قطعاً کوڻ چاهيندو. تنهن ڪري توکي پنهنجو پاڻ کي ڪنهن به شئي لاءِ قصوروار سمجهڻ ۽ مايوس ٿيڻ نه گهرجي. ڇو ته حمل هڪ فطري ۽ خودساخته عمل آهي. جنهن جي فطري طور اوسر ئي ممڪن هوندي آهي. جيڪي عورتون حمل دؤران صرف بستري ۽ بي تحرڪي کي پلائي سمجهنديون آهن. اهي اصل ۾ حمل جي فطري اوسر کان ناآشنا هونديون آهن." مون بِلُ ادا ڪري ڪانئس موڪلايو. ٻاهر بينل ڳورهاري عورتن جي هجوم مان نڪرڻ وقت مون ايئن محسوس ڪيو جڻ اهي به مُنهنجو سُڪڙيل پيٽ ڏسي. مون تي طنز ڪنديون هُجن. ٿوري غور ۽ ويچار کانپوءِ مون اهو نتيجو ڪڍيو ته جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. هاڻي ان تي ڳچ ڳارڻ بدران مون کي توازن ۾ رهڻ گهرجي. اهو "توازن" جو لفظ هوٽل تي پهچڻ تائين مُنهنجي متي تي مسلسل ڪنهن هٿوڙي جيان لڳندو رهيو. پر جڏهن ڪمري ۾ داخل ٿيڻ سان مُنهنجي نظر تنهنجي پينگهي. الماڙي ۽ ان ۾ موجود تنهنجي ننڍڙن ڪپڙن تي پئي. تڏهن مون کان دانهن نڪري وئي ۽ آءٌ بستري تي ڪري پيس. مون سُڏڪي مٿان سُڏڪا ٽي ڀريا. جيڪي مُنهنجي جيءَ کي چيري اندر مان ٽي اُڀريا. جتي تون گوشت جي هڪ بيڪار ٽُڪري جيان پيو هُئين. ان ئي اندر جي گهرائي مان. مون کان اهڙي زوردار رڙ نڪري وئي. جنهن پٽر کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو ۽ مُنهنجو وجود وکري متي بڻجي ويو. مون کان وڌي دانهن نڪتي ۽ آءٌ ٻُڌجي ويس.

26

• **مان** ننڊ ۾ هيس يا شايد بي هوشي ۾، پر بهرحال مون اهو سڀ ڪُجهه يقيناً محسوس ڪيو. مون کي چٽي طرح ياد آهي، ته هڪ بي داغ ۽ اڇو ڪمرو هو جنهن ۾ آءٌ بيٺي هُيس ۽ هو ستئي ڪرسين تي وينا هُئا. مون کان ٿوري فاصلي تي پيل مُکيه ڪُرسي تي، اهو ڊاڪٽر وينو هو جنهن پهرين ڏينهن ۾ مُنهنجو طبي معائنو ڪرڻ سان گڏوگڏ صلاح مشورا به ڏنا هُئا. هن جي ساڄي پاسي کان ڊاڪٽرياڻي ۽ کاٻي کان مُنهنجو صاحب وينو هو. مُنهنجي صاحب جي پر ۾ ئي مُنهنجي سنگتياڻي ۽ تنهنجو پيءُ وينا هُئا، جن جي ويجهو مُنهنجا والدين به موجود هُئا. انهن کان سواءِ اتي ٻيو ڪو به نظر ڪونه ٿي آيو. توڙي جو ان ڪمري جي ڪنهن به ديوار ۽ در تي، اهڙو ڪوبه آثار ڪونه ٿي ڏٺو پر پوءِ به مون اندازو لڳائي ورتو ته اها ئي جاءِ آهي، جتي ان مقدمي جي ڪارروائي هلڻ واري آهي، جنهن ۾ آءٌ ڪٺهڙي ۾ بيٺل مجرم ۽ هو سيئي منصف هوندا. آءٌ نه خوفزده ٿيس ۽ نه ئي وري مايوس، بلڪ بي ڊپائي ۽ غير جانبداري سان هڪ هڪ ڪري هر هڪ جو اڀياس ڪرڻ لڳس. تنهنجو پيءُ هٿن ۾ مُنهن لڪايو ايئن ئي سڏڪي رهيو هو. جيئن هڪ رات هو مون وٽ اچي رنو هو. امڙ ۽ بابا ايئن ڪنڌ جهُڪايو وينا هُئا، جڙ شديد غمن جي بوجهه کين ٽڪائي وڌو هُجي ۽ مُنهنجي سنگتياڻي به ڏکاري ٿي لڳي. باقي ٻين تن جي موجودگي بي تاثر ٿي ياسي. ڊاڪٽر اٿي هڪ پنو پڙهڻ شروع ڪيو. "جيئن ته ڏوهاري خود هتي موجود آهي ۽ هي جيوري انهيءَ ڪري ڪٿي ٿي آهي، ته جيئن اهو ڄاڻي سگهي، ته هن عورت پنهنجي بخيلي ۽ خود غرضي سبب ئي هڪ ابهم جو انت آڻي، ان جي جياپي جي حق تلفي

جو جرم ڪيو آهي." پوءِ هن پنو رکي مقدمي جي ڪارروائي بابت ڇتائي سان ٻڌائيندي چيو ته، "هر ماڻهوءَ کي گواهه ۽ منصف طور ڳالهائڻو پوندو ۽ ڳالهائڻ کان پوءِ آخر ۾ خود ئي ڪيس اهو حتمي فيصلو ڪرڻو هوندو ته هي عورت مجرم آهي يا نه؟ ۽ سندس جرم ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ سزا جو فيصلو ووٽن جي تعداد تحت ڪيو ويندو."

ڪارروائي هلائڻ ڪارڻ، جيئن ته ڊاڪٽر کي سيني کان پهريان ئي پنهنجو اظهارِ خيال پيش ڪرڻو هو تنهنڪري هن پنهنجي تيز برفاني لفظن جي بوڇاڙ سان ابتدا ڪندي چيو "ٻار ڪو ناڪاره ڏند ڪونهي، جنهن کي آساني سان ڪڍي گند جي ڊٻي ۾ اڇلائي ڇڏجي، پر ٻار ته هڪ زنده انسان هوندو آهي ۽ هڪ انسان جي زندگي جو آغاز حمل واري لمحي کان شروع ٿي، موت تي ختم ٿيندو آهي. ٿي سگهي ٿو اوهان مان ڪنهنجي ڳالهه سان ڪي اختلاف ڪندي ايئن چون، ته حمل جي ابتدا کي انسان جو فردي وجود نه ٿو چئي سگهجي، چو ته ان وقت اهو فقط گهرڙي (Cell) جي حيثيت ۾ وجود رکي نشونما پائيندو آهي ۽ ان وقت هڪ گهرڙو زندگي جي نمائندگي ڪرڻ جي قطعاً قابل ڪونه هوندو آهي، جيڪڏهن هڪ ووٽ جي سلي کي اُسرڻ وقت ڪٽي ڇڏڻ يا ڪنهن جيتامڙي کي ڪُچلي ڇڏڻ جرم آهي، جيڪو به ووٽ جيان مڙني نمائندگين کان ان وقت قاصر هوندو آهي، ته پوءِ ان انساني گهرڙي جو اجل ڪيترو نه مها پاپ هوندو جيڪو اڄ نه سياڻي جنم ونيءِ فرد بنجڻ وارو هوندو آهي! توڙي جو انساني گهرڙي ۽ ووٽ جي سلي ۾ وڏو فرق آهي. اهي سيئي جڙا، جيڪي انسان کي انسان بنائڻ ۽ ان جي جسم مان سندس شخصيت کي نڪارڻ ۽ ڪيس فرد بنائڻ، لاءِ ضروري هوندا آهن، سي ڪُلي طور هڪ گهرڙي ۾ موجود هوندا آهن، جن ۾ هڪ ووٽ جي سلي جي نسبت وڌيڪ نمائندگي جي خصلت هوندي آهي. اسان جيڪڏهن ڪنهن خوردبين سان انهن نظر ۾ نه ايندڙ باريڪ شين جو غور سان مشاهدو ڪنداسين، ته پوءِ يقيناً خالق جي قدرت جي عظمت جو معترف ٿيڻو پوندو. جيڪي حقائق سامهون آيا آهن، انهن جي روشنيءَ ۾ آءٌ هن عورت کي ماءُ بدران هڪ قاتل ڪوٺيندس، چو ته قتل، قتل ئي هوندو آهي، جنهن ۾ وڏي ۽ ننڍي جي ڪائي وقعت ڪونه ٿي

هُجي. ڇا ٻن سؤ پاؤنڈن واري ماڻهوءَ جي ماريو وڃڻ کي قتل ۾ هڪ پائونڈ وزني انسان جي ڪوس کي قتل ڪوٺ چونداسين؟

آءٌ پنهنجي پاسي ۾ ويٺل هم پيشه ڊاڪٽرياڻي کي چوندس، ته هوءَ مون تي طنزيہ انداز ۾ مُرڪڻ بدران پنهنجي پيشاور ڏميوارين نيائڻ ڏانهن ڌيان ڏي. ٻي صورت ۾ هينئر ته هن معاملي ۾ آءٌ پنهنجي راءِ، سندس واري اڇڻ تائين محفوظ ٻيو رکان، پر آئيندہ سندس پيشي جي حوالي سان ڪنهن ڪوتاهي جي عيوضي ۾ ڪيس هن ئي ڪٺهڙي ۾ سي ڪڑو ڪرائيندس."

هن ڊاڪٽرياڻي ڏانهن ٻڃان ۾ شوخيءَ سان ڏنو جيڪا خاموشيءَ سان ساڻس اکيون اکين ۾ ملائي سگريٽ پي رهي هُئي. ڊاڪٽرياڻي جي جرئت، مون ۾ ڪافي حوصلو ۽ گرم جوشي پيدا ڪئي، پر ترت ڊاڪٽر جي برفيلي آواز جي اثر هيٺ اُها گرم جوشي مائي ٿي وئي.

"اسين هتي گهرڙي جي موت جو فيصلو ڪرڻ لاءِ ڪٺا ڪوٺ ٽيا آهيون، پر ان ٻار جي موت جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ گڏ ٽيا آهيون، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي عمر جا ٻريا ٽي مهينا پورا ڪري چُڪو هو ته پوءِ اهي ڪهڙا ڪارڻ ۽ ڪوتاهيون هيون، جن ڪيس موت جو ٻَڪُ ٻڌايو؟ ڇا اهو صرف هڪ حادثو هو؟ آءٌ پنهنجي سالن جي تجربي تحت دعويٰ سان چوان ٿو ته آءٌ اهڙي مڪار عورتن جا ماسڪ پوبان لڪل چهرا سڃاڻي ونندو آهيان، جيڪي پنهنجي غليظ خواهش خاطر ابهم ٻارڙن جو انهن جي جنم کان اڳ ئي انت آڻي ڇڏيندڙيون آهن. مان ٻهرين ڏينهن ئي هن مائيءَ جو طبي معائنو ڪرڻ وقت سمجهي ورتو هو ته هوءَ ڪنور ۽ نهايت ئي ضدي عورت آهي. جڏهن مون سندس چڪاس کان پوءِ ڪيس ٻار جي خوشخبري ٻُڌائي هُئي، تڏهن ٻه هن ڇڻ ڇڙ مان چيو هو ته، "اها ڪيس اڳواٽ ئي خبر آهي." آءٌ ان ڏينهن ته بلڪل ئي حيران رهجي ويس، جڏهن هن کي اعصابي الجهن ڪري شديد تڪليف ٿي ۽ مون ڪيس مڪمل آرام جو مشورو ڏنو پر هوءَ بنهہ ئي بضد ٿي بيٺي، ته ڏينهن ۾ ڪان وڌيڪ هوءَ بستري تي رهڻ واري عياشي برداشت ڪري ڪوٺ سگهندي، مون ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ايلاز ڪيا، ايتري تائين جو مُنهنجي

زوربار ۽ ڪاوڙ ڪان پوءِ ٻہ ٻن هفتن جي آرام تي آماده ٿي. مون کي ان وقت ئي اندازو ٿي ويو تہ هوءَ غير شادي شده هُئڻ جي ڊپ ۾ ماءُ جي ذميواري کان لنوائي رهي آهي. اهو ئي سبب هو جو هن ڪيئي پيرا مون کي فون ڪري چيو تہ هوءَ بلڪل ٺيڪ آهي ۽ وڌيڪ بستري تي رهڻ لاءِ وٽس ڪو ئي جواز ڪونهي. مون سان گهڙي گهڙي احتجاج ٿي ڪيائين. تہ هوءَ نوڪري پيشہ عورت آهي ۽ ڪيئي ضروري ڪم سندس انتظار ۾ پيا آهن. مُنهنجي منع جي باوجود ٻہ ان ڏينهن هن ڪم ڪار ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن مون وٽ پهچڻ وقت سندس پرڪار ڏاڍا پريشان ڪُن هُئا. مون ان پل ئي پرڪي ورتو تہ هيءَ عورت ٻار کي ماري، ان مان نجات حاصل ڪرڻ گهري ٿي، نہ تہ ڪيس ڪو ٻہ اهڙو جسماني عارضو لاحق ڪونہ هو جنهن جي ڪري حمل سندس تڪليف جو ڪارڻ ٻڌجي.

عصابي تڪليف فقط نفسياتي ٿيندي آهي، جنهن جو سبب شعور ۽ لاشعوري الجهنون ئي هوندیون آهن.

ان سلسلي ۾ مون جڏهن ڪائنس دريافت ڪيو هو تہ هن بنا ڪنهن جهجهڪ جي اهو اعتراف ڪيو هو تہ واقعي ڪيس ڪافي ذهني پريشانيون درپيش آهن. ان وقت هن ڪنهن ذاتي ڏک جو ٻہ ذڪر ڪيو هو جنهن جي مڪمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ مون کي مناسب ڪونہ ٿي لڳي. هن پنهنجي تڪليف کي بظاهر حمل سان وابستا ٿي ڪيو پر اصل ۾ ڪيس لوري کا ٻي لڳل هُئي. آخر ۾ جڏهن مون ڪيس چيو هو تہ جيڪڏهن هوءَ واقعي ٻار کي جنم ڏيڻ چاهي ٿي، تہ پوءِ ڪيس انهن الجهنن کان نجات حاصل ڪرڻي پوندي، تہ موٽ ۾ هوءَ مون تي تپي باهہ ٿي ويئي هُئي ۽ خفي ٿيندي چيو هُئائين تہ "ڇا تون چاهين ٿو تہ آءٌ پنهنجي جذبن جي سچائي جي نڙي تي ئي نهن ڏئي ڇڏيان؟"

ڪُجهہ ڏينهن کان پوءِ هوءَ وري ٻيهر پنهنجن ڪمن کي لڳي وئي. ۽ نتيجي ۾ سندس حالت ويتر خراب ٿي وئي. مون ڪيس هڪ هفتي لاءِ اسپتال ۾ دوائن ذريعي مڪمل آرام ڪرايو جنهن سان سندس ذهني حالت ڪافي بهتر ٿي. معزز حضرات! هينئر آءٌ ان جرم جي ثابتي لاءِ اوهان اڳيان چند صداقتون پيش ڪرڻ چاهيندس. فرض

ڪريو جيڪڏهن اوهان مان خداناخواسته ڪو سخت بيمار آهي ۽ ان لاءِ ڪيس علاج جي ضرورت آهي، جيڪو ممڪن نه آهي، پر اهو ڪنهن فرد جي توسط سان توهان تائين پهچي سگهي ٿو ۽ اهو فرد جيڪڏهن اِن ۾ زهر ملائي ڇڏي، ته پوءِ اوهان انهيءَ شخص کي ڇا سڏيندؤ؟ چريو؟ ويري؟ يا وري جرم جي دلالت ڪندڙ مجرم؟ مان ته اهڙي ماڻهوءَ کي قاتل ئي ڪوٺيندس.

مائائتا منصفين! بلاشڪ ٻار بيمار هو جنهن جو بهترين علاج، سندس ماءُ جي مڪمل آرام ۾ هو، پر هن عورت نه صرف ان جي پرهيز نه ڪئي، پر ان ۾ سفر جي زهر جو اضافو به ڪيائين، جيڪو هڪ تندرست حمل کي به آسانيءَ سان ضايع ڪري سگهندو آهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ جهاز جو سفر ۽ ناهموار روڊن تي ڪار جي مسافت، مون ڪيئي پيرا ڪيس وينتي واري انداز ۾ سمجهايو هو ته هوءَ اهڙي قسم جي اوکي مسافت کان پاسو ڪري، چو ته هينئر سندس پيٽ ۾ فقط گهرڙن جو ڇُڇُو نه، پر هڪ مڪمل ٻار موجود آهي. مون ڪيس چٽاءُ ڏنو هو ته ان ۾ هن جي ٿورڙي لاپرواهي به ٻار جو موت ثابت ٿيندي، هوءَ مُنهنجي تنبيهه تي عمل ڪرڻ بدران سيئي نفعي ۽ نقصان جون ذميواريون پاڻ کڻي، ان وقت ئي پني جي ٽڪري تي دستخط ڪري، وڏي غصي سان اسپتال مان هلي وئي هُئي ۽ اوهان ڏٺو ته هن واقعي ٻار کي ماري ڇڏيو. اسان هن وقت جيڪڏهن ڪنهن سرڪاري ڪورٽ ۾ هُجون ها، ته مون لاءِ هن عورت جو جرم ثابت ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هجي ها، چو ته هن بظاهر پوبان ڪنهن اهڙي ثبوت جو پيرو ئي ڪونه ڇڏيو آهي، پر جيئن ته سرڪاري عدالت بدران هي زندگي جي عدالت آهي، تنهنڪري جيڪڏهن اسان هن جو زندگي جي روپي ڏانهن منصفانه تجزيو ڪنداسين، ته پوءِ هوءَ يقيناً زندگي جي گناهگار ثابت ٿيندي، چو ته زندگيءَ ڏانهن هن جو سياڻ هميشه سفاڪانه رهيو. هن بزدلي ۽ منافقيءَ سان جرم ڪري، قانوني پڪڑ کان سدائين پاڻ کي آجو رکيو آهي.

ڪا هلڪي ڦلڪي ڪوتاهي هُجي ها، ته آءٌ اها خوشيءَ سان درگذر ڪري ڇڏيان ها، پر هن عورت ته حد ڪري ڇڏي آهي! هوءَ

ڪنهن معاشي مسئلي ۾ بدحاليءَ جو شڪار ٻه ڪونہ هُئي، جو هن لاءِ ٻار جو خرچ برداشت ڪرڻ ناممڪن هُجي ها ۽ نہ ئي وري هن کي ڪا اها پرواهہ هُئي، تہ سندس ناجائز ٻار کي معاشرو قبول ڪندو يا نہ؟ هن سان اهڙو ڪو ٻہ مسئلو ڪونہ هو. هوءَ خود ان جي گواهہ آهي، تہ هن جو تہ هڪ اهڙي طبقي سان تعلق هو جيڪو ڪيس رد ڪرڻ بدران هن کي جرئتمند ۽ هيروئن جا خطاب ڏئي چمڪائي چڏي ها. هوءَ سماجي قانون، خدا، ملڪ، خاندان ۽ زندگي جي هر اشتراڪي اصول جي منڪر ۽ منحرف آهي. ايتري قدر جو هن جي ڏوهن جو ڪو ڪاٽوئي ڪونهي، ۽ اهي سيئي جرم هِن نام نهاد آزادي جي نالي تي چڙواڳ ٿي ڪيا آهن، جن ۾ ٻين جي حقن ۽ پلائي جي خيال بدران صرف سندس ذاتي خواهشون ۽ خودغرضيون اوليت رکندڙ آهن. هوءَ ٻار کي اجل جو مُنهن ڏيکاري، اهو باور ڪرائڻ ٿي گهري تہ هُن، ان عمل سان معاشري کي هڪ بيمار ۽ اپاهج ٻار جي ٻوجهہ کان بچايو آهي، پر ڪنهن جي ناڪاره هجڻ يا نہ هجڻ جي فيصلي جي اڳواڻ ئي فتويٰ ڏيڻ ڪيئن ٿي ممڪن هُجي؟ جڏهن تہ هومر نابين ۽ ليوپارڊي ڪُٻڙو هو ڇا انهن کي پنهنجي هم وطنن بيڪار سمجهي ڏڪاري چڏيو؟ جيڪڏهن سندن مائرون کين پنهنجي ڪُک ۾ سانڊي جنم نہ ڏين ها، تہ اڄ انسانيت انهن جي فڪري عظمت کان محروم هُجي ها. هڪ اولمپڪ کلاڙي ۽ هڪ معذور شاعر ٻئي مون لاءِ ساڳي وقعت ۽ حيثيت وارا آهن ۽ انهن ٻنهي جي محافظ فقط هڪ ماءُ جي ڪُک ئي ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن ڪا ماءُ ايئن نہ ٿي ڪري تہ اها يقيناً گناهگار آهي."

ڊاڪٽر جي جرح مون کي جهوري وڏو ۽ مون پنهنجون اکيون پوري چڏيون. جڏهن ڊاڪٽرياڻي ڳالهائڻ لاءِ اٿي، تڏهن آءٌ کيس ڏسي ڪونہ سگهيس، پر مون جڏهن ٻيهر اکيون کوليون، تڏهن هوءَ پنهنجي اظهارِ خيال جي ابتدا ڪري چُڪي هُئي. "مُنهنجي ساڻيءَ کان شايد اهو وسري ويو آهي، تہ هر هومر لاءِ هڪ هٽلر ٻہ پيدا ٿيندو آهي ۽ هر حمل هڪ اهڙو چئلينج آهي. جيڪو هڪ ئي وقت شاندار ۽ ڀيانڪ امڪانن ۽ انديشن جو حامل هوندو آهي. مون کي اها سُڌ ڪونهي، تہ هي ٻار جون آف آرڪ ٻڌجي ها يا هٽلر. پر هو جنهن عمر ۾ خدا کي

پيارو ٿي ڇڪو آهي، ان ۾ هو فقط هڪ آڇاتو امڪان هو. آڳ يقين سان چوان ٿي، ته هيءَ عورت هڪ اهڙي جيئري جاڳندي حقيقت آهي، جنهن کي اُجڙڻ ۽ تباهي کان بچائڻ اشد ضروري آهي. هڪ آڇاتي امڪان لاءِ ڪنهن حقيقي وجود جي نڙيءَ تي نهن ڏيڻ ڪٽان جي دانشمندي آهي؟ مُنهنجي ساڻيءَ جي ذهن تي، موجوده زنده وجود بدران جيڪو امڪاني نام نهاد زندگيءَ جو اونو سوار آهي، اهو حقيقت ۾ هڪ ڏونگ کان سواءِ ٻيو ڪُجهہ بہ ڪونهي. ايتري تائين جو ٻار کي ناڪاره ڏند ڪوڙ وارو مقولو بہ صرف سندس ذهني هوشياري جو مظهر آهي.

مون کي يقين آهي، ته مُنهنجي هم پيشہ ساڻي فوج ۾ ملازمت دوران پنهنجي رائفل سان ڪيئي قتل ڪيا هوندا ۽ ويهن ورهين جي ڇيرن کي گولين مان ڪيڻ وقت ڪيس اهو ياد ئي ڪونہ رهيو هوندو ته اهي ڇيرو ناڪاره ڏند ڪونہ هوندا آهن. مان سمجهان ٿي، ته جنگ کان وڌيڪ ٻارن جو بي رحميءَ سان ڪوس ٻي ڪنهن جاءِ تي ڪونہ ٿيندو آهي. جڏهن ته جنگ جي اصولن ۾ ويهن سالن جي جوانن جو قتل ممنوع هوندو آهي، جنهن جي خود ڊاڪٽر صاحب کي بہ خبر آهي، پر پوءِ بہ هو زندگي جي تحفظ جي نالي ۾ بيدردي سان جانيون وڃڻ واري جستجو ۾ سرگرم عمل رهيو آهي. آڳ ماهر طبيعات جي حيثيت ۾ بہ ان جيانپي جي منحرف آهيان، جنهن جي امڪاني نظرئي جو ڊاڪٽر صاحب قائل آهي. فرض ڪريو آڳ جيڪڏهن ايئن ڪريان، ته پوءِ ته هر وقت ڪنهن بي ثمر آني جي ضايع ٿي وڃڻ يا ويهہ ڪروڙ اسپرمن جي پردي مان پار ٿي وڃڻ کان پهريان ئي انهن جي مري وڃڻ تي مون کي ته رڳو ماتم ئي ڪرڻو پئجي ويندو پر هي صورتحال ان کان بہ وڌيڪ ان وقت بدتر ۽ افسوسناڪ ٿي ويندي آهي، جڏهن اٽويهہ ڪروڙ نوانوي لک، نوانوي هزار ۽ نَوَ سئو نوانوي اسپرم ان هڪ اسپرم کان شڪست کائي اجل جو ڀڪُ ٻُجي ويندا آهن، جيڪو پردو ڦاڙي اندر داخل ٿيڻ ۾ سوپارو ٿي ويندو آهي، اهي شڪست کائيندڙ اسپرم بہ ته خدا جي زنده مخلوق آهن ۽ اهڙي عنصرن جا حامل هُجن ٿا، جيڪي ٻار جي تشڪيل جو لازمي جزو هوندا آهن. ڇا مُنهنجي ساڻي ڪڏهن انهن کي دوربين سان ڪونہ ڏٺو آهي؟

چا هُن کڏهن انهن کي ڏيڏر جي نندڙي ڇڙن ۾ جيان ترندي ڪونہ ڏٺو آهي؟ چا هُن جي مشاهدي ۾ انهن جي اُها جستجو ۽ ڪشمڪش ڪونہ رهي آهي، جڏهن هو پنهنجي پوري سگهہ سان ڪنهن خاص جاءِ تي پهچڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا آهن، ڇو تہ کين اها خبر هوندي آهي، تہ اوستائين پهچڻ ۾ جياپو ۽ ناڪاميءَ ۾ سندن موت هوندو آهي. مُنهنجو مطلب ڪنهن جي بہ تذليل ۽ تضحيڪ ڪرڻ ڪونہ آهي، پر جيئن تہ مُنهنجو ساڻي زندگي جي طرفداري جو دعويدار آهي، تنهنڪري آءٌ ڪائنس صرف ايترو پُڇڻ جي جسارت ٿي ڪريان، تہ هُن اڄ تائين انهن ڪروڙين بي موت مرندڙ اسپرمن لاءِ ڇا ڪيو آهي، جيڪي پنهنجي ماڳ تي پهچڻ کان اڳ ئي موت جو ڪاڄ ٻڌبي ويندا آهن. ڇا اها سندس ڪوتاهي آهي يا ان ۾ سندس جرم جي دلاليءَ جو راز ڪارفرما آهي؟ ان طرح هو بہ وڏو مجرم آهي، جنهن ڪي منصف جي منصب تي ويهڻ بدران هن مجرمن جي ڪٺهڙي ۾ بيهڻ گهرجي، پر جيڪڏهن هو ترت ئي ايئن نہ ٿو ڪري، تہ پوءِ انهيءَ جو مطلب اهو هوندو تہ هُن نہ صرف هن معزز ايوان اڳيان ڪوڙ ڳالهائي ان کي ٺڳڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هِن دنيا ۾ موجود انسانن جا عذاب گهٽائڻ بدران انهن جي ڏٺن تي پنهنجي ذهني خلفشار جي لوڻ ٻُرڪڻ جي پڻ جستجو ڪئي آهي. آءٌ في الحال پنهنجي ساڻي کي ساڻي ئي ڏوهہ ۾ شرڪت جون واڌايون ڏيان ٿي. مون تي وڏ ۾ وڏ اهو الزام عائد ٿي سگهي ٿو تہ مُنهنجو صلاح ۽ مشورو غلط هو جنهن لاءِ مان سمجهان ٿي، تہ هيءَ معزز عدالت گهٽ ۾ گهٽ مون کي ڪا ايڏي وڏي سزا ڪونہ ڏيندي، ڇو تہ مُنهنجو خيال ڪو ايڏو غلط بہ ڪونہ هو. بس، اها هڪ سولي ۽ سادي حقيقت هُئي، جنهن جي اظهار تي مون کي ڪائي پيشماني ڪونهي. حمل ڪائي اهڙي سزا ڪونهي، جيڪا قدرت ڪنهن کي پُرمسرت پلن جي عيوضي ۾ عطا ڪندي آهي، پر اهو تہ هڪ اهڙو حسين معجزو آهي، جيڪو پاڻ کي اهڙي سرمستي سان نروار ڪندو آهي، جهڙي بي ساختگي سان قدرت وٽن ۽ مچين کي عيان ڪندي آهي، پر جيڪڏهن فطري طور ان جي اوسر رکجي ٿي ويجي، تہ پوءِ ان ۾ عورت جو ڪهڙو قصور هُجي ٿو؟ چا توهان فالج

زده مريض جيان عورت کي مهينن تائين بيڊ تي پيو رهڻ سان، ان جي پيٽ ۾ فطري طور اوسر نہ ڪري سگهندڙ ٻار جي اوسر ممڪن بنائي سگهو ٿا؟ جيڪڏهن نہ ته پوءِ توهان کي عورت جي شخصيت کي اجاڙڻ ڪيس مصروفيتن کان روڪڻ ۾ بنا جواز ان جي آزادي تي راتاهو هڻڻ جو ڪوئي اڌيڪار ڪونهي. ڇا توهان ساڳيو مطالبو مرد کان ڪري سگهو ٿا، جيڪو ان لمحي مان عورت کان به وڌيڪ لطف اندوز ٿيندو آهي؟ يقيناً خود مُنهنجي ساٿي ڊاڪٽر وٽ به عورت جي آزادي ۽ مرد جي آزادي لاءِ جدا ۽ ٻٽا معيار هوندا. جيڪو مرد لاءِ هڪ ماڪي جي مڪ جيان هڪ گل کان ٻي گل تائين ان جو واس وٺڻ ۾ رس چوسڻ کي جائز ۽ هڪ عورت کي فقط جنسي لذت ۽ نسلي افزائش جو بهتر ۽ مؤثر ذريعو سمجهي ٿو. ان ۾ هن ويچاري جو به ڪو دوش ڪونهي، ڇو ته اسان جي پيشي ۾ اڪثر ڊاڪٽرن کي اهي ٽلهيون متاريون عورتون ئي وڌنديون آهن، جيڪي آرو ڪري ويهڻ جاڻنديون آهن ۽ جن لاءِ آزادي ڪا وقعت ڪونہ رکندي آهي، پر اسان هتي ڊاڪٽرن جي باري ۾ ڪوئي فيصلو ۽ فتويٰ ڏيڻ ڪونہ آيا آهيون. اسان جي هتي گڏ ٿيڻ جو مقصد، صرف هن عورت جي فيصلي جو اُڪلاءُ ڪرڻ آهي، جنهن تي اهو الزام آهي، ته هوءَ پنهنجي ٻار جي قاتل آهي ۽ اهو قتل، هن بنا ڪنهن هٿيار جي پنهنجي سوچ جي عمل سان ڪيو آهي.

پر آءٌ يقين سان چوان ٿي، ته اهو الزام سراسر ڪوڙو ۽ صرف ٻهتان بازي تي مبني آهي، ڇو ته جنهن ڏينهن سندس چڪاس کان پوءِ مون کيس حمل جي معمول موجب هجڻ جو اطلاع ڏنو هو تڏهن مون ڏٺو ته هوءَ ڇڙ ٻهڪي پئي هئي، پر جنهن ڏينهن مون کي اهو معلوم ٿيو ته هن جو ڳچ بي جان ٻڌجي ويو آهي، ته ان پل مون کيس شديد اضطراب ۽ پيڙا ۾ پسيو. مون هتي "ڳچ" لفظ استعمال ڪيو آهي پر ٻار نہ، ڇو ته سائنس مون کي اهڙي امتياز جي اجازت ڏئي ٿي. اسان سيني کي اها خبر آهي، ته ڳچ نَوَن (9) يا ڪن حالتن ۾ ستن مهينن کان پوءِ ٻار جي صورت اختيار ڪندو آهي، پر جيڪڏهن اهو قبول به ڪجي، ته اهو موت ڳچ جو نہ، پر هڪ ٻار جو اجل هو تڏهن به هن عورت جو ان ۾ ڪهڙو گناهہ؟

هوءَ ٻار جي ڪڏهن ٻه مَندي ڪونہ هُئي. هن تہ فقط پنهنجو جياپو جيئڻ ٿي گهريو پر بدقسمتي سان ڪن حالتن ۾ اسان جي زندگي ٻين جي موت جو ڪارڻ بڻجي ويندي آهي ۽ ڪڏهن وري اسان جو موت ٻين جي جياپي جو سبب بڻجي پوندو آهي. جيڪو اسان جو اجل چاهيندو آهي، اسين ان کي نشانو بڻائيندا آهيون، ان کي قانوني زبان ۾ جائز دفاع ڪوٺيو ويندو آهي. جيڪڏهن هن عورت لاشعوري طور ٻار جي موت جو سوچيو ٻہ آهي، تڏهن ٻہ هوءَ مجرم ثابت ڪونہ ٿي ٿئي، ڇو تہ ان طرح هن تہ فقط پنهنجي جائز دفاع جو حق استعمال ڪيو آهي."

ڊاڪٽرياٽيءَ کان پوءِ تنهنجو پيءُ اُٽيو هينئر هو رُنو ڪو نہ ٿي پر جيئن ئي هن ڳالهائڻ لاءِ چپ چوريا، تيئن ئي هن جي جاڙي ڏڪڻ شروع ٿي وئي ۽ ٻيهر سندس نيٽن مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا. هو اکين تي هٿ ڏئي ڪُرسي تي ڊرکي پيو. "تہ ڇا تون ڪُجهہ چوڻ نہ ٿو چاهين؟" ڊاڪٽر کيس ڪاوڙ ۾ چيو. تنهنجي پيءُ اڻ لکي انداز ۾ ڪنڌ سان انڪار ڪيو پر اسين تنهنجو ووٽ ايئن ضايع ٿيڻ ڪونہ ڏينداسين". تنهنجي پيءُ جي لڙکن ۽ سڏڪن ۾ اضافو ٿي ويو. "تون صرف ايترو ٻُڌاءِ تہ هوءَ مجرم آهي يا نہ؟" ڊاڪٽر کيس اصرار ڪندي چيو. تنهنجي پيءُ هڪ وڏو شوڪارو ويريو ۽ پوءِ ٻُڏل آواز ۾ چيائين "مجرم".

جيئن ئي هن چپن مان اِهو لفظ اظهاريو تيئن ئي مُنهنجي سنگتياٽي اتي کيس چپاٽ وهائي ڪڍي ۽ هو ساڻو ٿي ڪُرسيءَ تي ڪري پيو. هوءَ تپي باهہ ٿي وئي. "بزدل، مڪار منافق، ڇا اهو تون نہ هُئين، جنهن فون ڪري ان ٻار مان جان ڇڏائڻ جو کيس گهڙي گهڙي اصرار ٿي ڪيو؟ تون اهو ساڻيو ئي آهين نہ جيڪو خوف ۾ بن مهينن تائين نظر ئي ڪونہ ٿي آيو! تون اهو ئي آهين نہ، جو ساڻس ملڻ ٻہ مُنهنجي منٽ تي ويو هُئين! تو جيڪو ڪُجهہ ڪيو، ڇا هي سڀ ڪُجهہ انهيءَ جو نتيجو ڪونهي!

تون هِن کي عذابن ۽ رسوائي لاءِ تنها ڇڏي هَليو وئين! تون بزدل ٿي ڀڄي ڪهڙي ڊپ کان وئين؟ توکي تہ صرف پيءُ جو نالو ملي ها ۽ ان نالي ملڻ ۾ نہ توکي وڏيل ۽ شرمسار ڪندڙ پيٽ ڪٽي هلٽو پوي ها، نہ سُور جون سَٽون سَهڻيون پون ها ۽ نہ ئي وري ٻار تاتڻ جو ڪو توتي

پوجھ پوي ھا. تو کي تہ اھو نالو بنا ڪنھن لوڙ جي، نھيل ٽڪيل جوس جي گلاس، يا ڪنھن استري ٿيل اڇي اُجري قميص جيان ملي وڃي ھا. پر ھڪ عورت کي تہ سوين تڪليفون، تھمتون ۽ سماج جون تذليلون سھڻيون پون ٿيون. توھان مرد انھن جون تعريفون ڪندي نہ ڏاپندا آھيو. جڏھن ھو توھان سان پيار ڪندیون آھن، پر جڏھن توھان جي محبتن جو ٻج انھن جي پيٽ ۾ پلجڻ لڳندو آھي، تڏھن توھان انھن کي پنھنجو چوڙ ۾ پنھنجي تذليل سمجھندا آھيو ۽ انھن عورتن کي وٺشيا ۽ بدچلن چوڙ کان بہ ڪو نہ ڪيھائيندا آھيو. پر لُغت ۾ ساڳي قسم جي محبت ڪندڙ ڪنھن بہ مجرم مرد لاءِ اھڙو گٽو لفظ ڪونہ ٿو ملي، آخر ڇو؟ ھزارين سالن کان وٺي توھان پنھنجا لفظ، پنھنجا حڪم ۽ پنھنجون زيادتيون اسان تي مڙھيندا رھيا آھيو. صدين کان وٺي توھان اسان جي جسمن سان کيڏندا ۽ اسان جي زبانن تي خاموشي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رھيا آھيو پر موت ۾ اسان کي مليو ڇا ھي؟ فقط ماءُ بنجڻ ۽ مصيبتون برداشت ڪرڻ....! توھان ھميشہ عورتن کي اھو مھڻو ڏيندا آھيو تہ انھن وٽ توھان جھڙو طاقتور جسم ۽ مضبوط ھڈ ڪاٺ ڪونھي، پر پوءِ بہ پنھنجي مضبوط ھٿن استعمال ڪرڻ بدران پنھنجا ٻوٽ بہ ان عورت جي محنت سان چمڪائڻ چاھيندا آھيو. توھان چوندا آھيو تہ عورتن کي توھان جھڙو دماغ ڪونھي، پر پوءِ انھن جي ذھانت سان، پنھنجي پوري پُني پگھار تي سڄي گھر جو ڪاروبار ھلرائڻ گھرندا آھيو. توھان ھميشہ بالڪپٽي کان وٺي پوڙھائپ تائين ٻارن جيان بي پرواھہ ٿي رھڻ چاھيندا آھيو ۽ توھان جي خواھش ھوندي آھي، تہ عورت ئي توھان کي ڪارائي، عورت ئي توھان جي خدمت ڪري، اھا ئي توھان کي ڏکن ۾ آڻت ڏي، اھا ئي توھان جي ڪمزورين ۽ زيادتين کي درگذر ڪري، توھان کي محبتون ۽ مسرتون ڏي، پر مون کي نفرت آھي تہ توھان کان ۽ خود پنھنجي عورت ذات کان، جيڪا توھان کانسواءِ رھي نہ ٿي سگھي. اسان توھان خاطر مائرون ٿي ٿڪجي پيون آھيون ۽ ھينئر ان لفظ کان ئي ڪراھت ٿيڻ لڳي آھي، جنھن کي اوھان پنھنجي مفادن ۽ خودغرضين خاطر مقدس ھجڻ جو نالو ڏئي ڇڏيو آھي، ڊاڪٽر! مون

ڪي توتي ۽ ٽوڪڻ گهرجي، چو ته توڙي ۽ عورت صرف ڇڻن ڇڻڻ جي مشن ٿي نظر اچي، ڪڏهن توکي ان جي ذهانت ۽ شجاعت، ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي. نون هڪ اُميد واري عورت کي ڏسڻ سان جڏهن اهو سوچين ٿو ته، اها مزو ونڻ کان پوءِ تو وٽ آئي آهي، ته ڇا ڪڏهن زندگي ۾ تو ۽ ٻار جي فڪر کانسواءِ اهو مزو ڪونه ورتو آهي؟

تون جيڪا هن حمل جي باري ۾ ايتري فڪرمندي ظاهر ڪري رهيو آهين، مون کي مڪاري کانسواءِ ان ۾ تنهنجي ڪائي سچائي نظر ڪونه پئي اچي. ڊاڪٽر! اسين توڙي جو هي مقدمو هِن هڪ عورت تي هلائي رهيا آهيون، پر تڏهن ۽ ان جي زمري ۾ سيئي عورتون اچي وڃن ٿيون. تنهنڪري آءٌ اهو واضح ڪري ڇڏيان ته، ماءُ بنجڻ اسان جي اخلاقي مجبوري ڪونهي، پر اها هڪ شعوري چونڊ آهي ۽ هِن عورت واقعي ئي ان جو شعوري انتخاب ڪيو. پر هن ڪنهن کي مارڻ قطعاً ڪونه ٿي چاهيو. اهو تون ئي هُئين، جنهن هِن جي ذهن ۽ سوچن تي پابندي مڙهي ڪيس مارڻ ٿي گهريو. تنهنڪري توکي منصفن جي سَٽَ ۾ هُئڻ بدران هن مجرمن واري ڪٽهڙي ۾ موجود هُئڻ گهرجي. انهيءَ ڪري نه ته تو ڪروڙين احمق اسپرمن جي سهائتا ڪونه ڪئي، پر ان لاءِ جو ته تو هڪ عورت کي مارڻ چاهيو. انهن صداقتن جي روشنيءَ ۾ ڏسجي، ته هي عورت قطعاً مجرم ڪونه آهي." پوءِ ڳالهائڻ لاءِ مُنهنجو صاحب اُٿيو جنهن جي چهري تي مصنوعي پريشاني جا آثار نمايان نظر ٿي آيا. هن چيو ته ڪيس سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته، هو پنهنجو اظهارِ خيال ڪهڙي ريت پيش ڪري. چو ته هو هن اجتماع ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏاڍو اوپرو محسوس ڪري رهيو آهي. "جيئن ته بين سيني جو ملزمہ سان ڪنهن نه ڪنهن ذاتي، جذباتي ۽ سماجي حوالي سان ڪو نه ڪو سُٻنڌ آهي، پر مُنهنجو ته ساڻس صرف هڪ آجر وارو تعلق آهي. انهيءَ جي باوجود به مون کي ان تي ڏاڍي سرهائي ٿي، جڏهن ان گلا جي ڪينسر ڪيس، مان سندس جان آجي ٽيسٽ جي خبر پيءِ. چو ته مون هميشه اهڙي قسم جي حمل کي اجايو ۽ بدترين هوجهه پئي سمجهيو آهي، جيڪو زر ۽ زندگي ٻنهي جو ويري هجي ٿو. ٿورو انهيءَ تي به غور ڪريو ته، ان غير قانوني ۽ چڑواڳ عمل جي نتيجي ۾ ڪيس ڪيترو نه

لوڙڻو پيو آهي. بستري کان وٺي جياپي جي جستجو تائين، جيڪو ڪُجهه هُن پوڳيو آهي، تنهن جي تڪليف جي احساس جو ته ڪيس ئي وڌيڪ اندازو هوندو پر مان سمجهان ٿو ته، ہار ماڻ کان وڌيڪ پُرجهو ۽ پرڪائو هو. جو ته هن پنهنجي انت سان نه صرف پنهنجي ماڻ جي مريادا بچائي، پر جنهن فرم ۾ سندس ماڻ ملازم هُئي، ان جو به پرم رکيو ماڻهو چا سوچين ها، جڏهن ان ساک واري اداري جي هڪ غير شادي شده ملازمہ جي هَٿن ۾ نئين چاول ہار کي ڏسن ها؟

آڳ ان چوڻ ۾ ڪابہ شرمساري محسوس ڪونہ پيو ڪريان، ته هيءَ عورت جيڪڏهن پهريان ئي مُنهنجي صلاح تي عمل ڪرڻ چاهي ها، ته آڳ ڪڏهوڪو ان اڻ منداڻتي ہار مان سندس جند آجي ڪرائي چڏيان ها. جو ته آڳ نه صرف هڪ ڪاروباري ماڻهو آهيان، پر ان سان گڏ هڪ حساس دل انسان بہ آهيان.

حقيقت اها آهي، ته هن جيوريءَ جي ہن مردن، پنهنجو اظهار بہ ڏاڍي سچائي سان ڪيو آهي، جن مان ڊاڪٽر اخلاقي ۽ منطقي حوالي سان ۽ ہار جي پيءُ پنهنجي غم ۽ جذبن جي ذريعي جيڪو ڪردار ادا ڪيو انهيءَ کان قطعي طور انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي.

هڪ ہار جو رشتو ماڻ ۽ پيءُ ہنهي سان هڪ جيترو وابستہ هُجي ٿو ۽ جيڪڏهن انهيءَ بابت ڪا غفلت سرزد ٿئي ٿي، ته پوءِ اهو جرم ہيٺو ٿي وڃي ٿو. جو ته هڪ طرف ابهم ہار جي ضايع ٿيڻ جو سوال هوندو آهي، ته ہي طرف هڪ بالغ فرد جي جياپي ۽ تحفظ جو سوال، تنهنڪري اهو فيصلو ضرور ٿيڻ گهرجي، ته جرم ڪنهن جي هٿان سرزد ٿيو آهي؟ پر چا ڊاڪٽر جي پيش ڪيل ٿوس ثبوتن کان پوءِ، ان معاملي ۾ ايان بہ ڪا شڪ شبهہ جي گنجائش آهي چا؟ ڊاڪٽر اڳ ئي ملزمہ جي خودغرضي ۽ سندس ہار بابت لاپرواهيءَ جي حوالي سان پرپور بحث ڪري چُڪو آهي، پر آڳ هن عورت جي پنهنجي اداري ۾ ملازمہ هجڻ جي حوالي سان هتي فقط هڪڙو اعتراف ڪرڻ چاهيندس، ته هوءَ واقعي هڪ ڳالهہ کان هراسيل هُئي، ته آڳ اها سڀيي ۽ سود خور سفر واري ذميواري هِن بجاءِ ڪنهن ہي حوالي ڪري چڏيندس، اهو ئي سبب هو جو هوءَ پيٽ ۾ پلجندڙ ہار جي نفعي ۽

نقصان جي پرواهه کان بغير ئي ٻنا کنهن ساٿيءَ جي، ان اڻانگي سفر لاءِ نڪري پئي هُئي ۽ ان جو نتيجو اوهان سيني جي سامهون آهي، آءٌ صرف ايترو چوندس ته هوءَ ان خودغرضيءَ جي عمل لاءِ ملامت جي مستحق ضرور آهي."

ان کان پوءِ مُنهنجا نيٺ مُنهنجي والدين لاءِ واجهائڻ لڳا ۽ دل ئي دل ۾ ويچارڻ لڳس، ته مُنهنجي پرم جي اميد جو آخري ڪِرڻو اهي ئي آهن، پر انهن ٻه مايوس ڪُن ڏَڪ ٿي ڏني ۽ سندن مُنهنَ لٽل هُئا. هو جيترا ٽڪل ۽ اجهاڻل مقدمي هلڻ کان پهريان هُئا، هينئر ان کان ٻه وڌيڪ ڪمزور ۽ جهُور پوڙها نظر ٿي آيا. انهن جا ڪنڈ ايئن جهُڪيل هُئا، جڙ سندن وجود انهن جو بوجھ برداشت ڪري ڪونه ٿي سگهيو. سندن پورو جسم ايئن ٿي ڏکيو جڙ کين سخت سردي لڳي هُجي. مطلب ته هو ٻئي سيني جي وچ ۾ هڪ انوکي الم جو مظهر ٿي لڳا ۽ هڪ غم ئي کين گهائي رهيو هو. هنن آٿت لاءِ هڪٻئي جا هٿ هٿن ۾ ايئن مُنديِ ڇڏيا هُئا، جڙ اهو طئي ڪندا هُجن، ته ٻئي ڳالهائين يا منجهائن پهريان ڪوئي هڪڙو ڳالهائي؟

هنن ڪرسين تي ويني ئي ڳالهائڻ جي اجازت گهري، جيڪا کين ملي وئي ۽ پوءِ بابا ڳالهائڻ لاءِ چپ چوريا، "آءٌ ٻڌي صدمي جو شڪار آهيان. پهريون ٻار جي وجود جي اوچتي خبر جو صدمو ۽ ٻيو ساڳي ئي معصوم ٻالڪ جي موت جي سُٽس جو صدمو ۽ هينئر اُميد ٿو ڪريان، ته هي معزز ايوان مُنهنجي نياڻي کي سزا ڏئي، مون کي ٽيون صدمو ڏيڻ ڪونه چاهيندو. مون کي اها قطعاً خبر ڪونهي، ته اهو سڀ ڪُجهه کيئن ٿي ويو ۽ يقيناً اوهان مان ٻه ڪوئي اصل صداقت کان آشنا ٿي ڪونه سگهندو. چو ته ڪو ٻه کنهن جي اندر جو پارکو ٿي نه ٿو سگهي. جيئن ته هيءَ مُنهنجي نياڻي آهي ۽ کا ٻه نياڻي کنهن پيءُ لاءِ گناهگار ڪونه هوندي آهي. ڪڏهن ٻه نه...." بابا کان پوءِ امڙ ڳالهايو "مُنهنجي اولاد مان هيءَ سيني کان ننڍي ۽ آخري نياڻي آهي، تنهنڪري هيءَ اڄ ٻه مون لاءِ معصوم ۽ ننڍڙي آهي ۽ مون کي وشواس آهي ته هوءَ جيڪو ڪُجهه ٻه ڪندي اهو خراب ڪونه هوندو. جڏهن هن مون کي خط ۾ لکيو هو ته هوءَ حمل سان آهي، ته مون کيس موت ۾

لکيو هو جيڪڏهن تو اهو فيصلو ڪيو آهي، تہ اهو يقيناً صحيح ئي هوندو. جيڪڏهن هوءَ لکي ها، تہ هوءَ اهو ٻار نہ ٿي چاهي، تہ ٻہ مُنهنجو جواب اهو ساڳيو ئي هُجي ها، ڇو تہ توهان ۽ اسان مان، اهو فيصلو ڪرڻ جو ڪنهن کي بہ ڪو اڌيڪار ڪونهي، توهان کي مٿانئس تهمتون مڙهڻ ۽ سندس دفاع ڪرڻ جو بہ ڪو حق ڪونهي، ڇو تہ توهان مان ڪوبہ سندس دل ۽ دماغ جو راز پروڙي نہ ٿو سگهي. تنهنڪري توهان مان ڪنهن جو بہ خيال ۽ گواهي اعتبار جي قابل ڪونهي. فقط هڪ گواهہ جي گواهي ئي هتي اعتبار جوڳي ۽ قابلِ قبول هُجي ها، جيڪو خود پنهنجي زباني پاڻ ٻُڌائي سگهي ها، تہ ساڻس ڇا وهيو واپريو؟ پر ڏٺيءَ جي قدرت، جو اهو ٻار بہ هتي موجود ٿي نہ ٿو سگهي." پوءِ ڪنهن پُرشور ۽ طنزيہ انداز ۾ چيو "ٻار ٻار ٻار....." ۽ مون پيچري جي جهنگلي کي پڪڙي رڙيون ڪندي چيو "ٻار نہ ٻار نہ....."!

27

• آءٌ دانهون ڪري ٿي رهي هُيس، جو مُنهنجي ڪنن تي "امان، امان..." جو آواز پيو. ان پل مون کي ڪُجهه ويڻائجي ويڙهه ۾ پنهنجو پاڻ کي خالي محسوس ٿيڻ جو احساس ٿيو. چو ته اهو پهريون پيرو هو، جو مون کي ڪنهن ماءُ جي نالي سان پُڪاريو هو. اهو ڪنن تي پوندڙ تنهنجو آواز مون کي ڪنهن ٻار جيان نه، پر ڪنهن جوان مرد جي آواز وانگر محسوس ٿيو ۽ مون سوچيو "جيئن ته تون مرد هوندين ۽ هڪ مرد جيان ئي ملامت ڪري، مون کي قصوروار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندين." پر پوءِ مون توکي پنهنجي اکين سان ڏسڻ جو طئي ڪيو. مُنهنجي اکين توکي ڏسڻ لاءِ، ڪرسين، ديوارن، فرش ۽ ڪمري جي هر ڪُنڊ کي تلاشيو. پر توکي پسي ڪونه سگهيس. هر طرف قبرستان جهڙي خاموشي ڇانيل هُئي ۽ ان قبرستان جهڙي ماڻ مان ٻيهر تنهنجو آواز ٻُريو، امان! مون کي ڀَالهائڻ ڏي، تون پريشان نه ٿيءُ. سڀائي کان خوفزده ٿيڻ جي ڪائي ضرورت ڪونه هوندي آهي. مون کان اڳ به هتي هر هڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي حصي جي سچ جو اظهار ڪري چُڪو آهي. مون کي تو ئي ته اهو سيکاريو هو ته سچ ڪيترين ئي مختلف صداقتن جو مجموعو هوندو آهي، جن تو تي الزام هنيا آهن، اهي به صحيح آهن ۽ جن تنهنجو دفاع ڪيو آهي، اهي به درست آهن، جيڪي توکي سزا ڏيارڻ چاهين ٿا ۽ جيڪي تنهنجي جان جي سلامتي جا خواهان آهن، انهن سڀني پنهنجي پنهنجي حصي جي سچ جي فرض ادائگي ڪئي آهي. پر صرف انهن جي نظر جو سچ، حقيقت ٿي نه ٿو سگهي. تنهنجا والدين اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهن، ته ڪو به ڪنهن جي اندر جو پارکو ٿي نه ٿو سگهي. پر جيئن ته آءٌ خود تنهنجي اندر ۾ موجود هُيس، تنهنڪري صرف آءٌ ئي ٻُڌائي سگهان ٿو ته مون کي تو قتل ڪرڻ ڪانسواءِ ئي ماري ڇڏيو ۽ اهو سڀ ڪُجهه مان ئي ڄاڻان ٿو ته تو اهو ڪيئن ۽ ڇا جي ڪري ڪيو؟

امڙا مون پيدا ٿيڻ جي خواهش ڪونہ ڪئي هُئي، نہ ئي اڄ تائين مون کان اڳ ڪنهن ڪئي آهي. عدم جي ڪائي خواهش ۽ مرضي ڪونہ هوندي آهي. عدم تہ صرف عدم ئي هوندو آهي. جڏهن اسان کي نيستي مان هستيءَ ۾ آندو ويندو آهي، تڏهن اسين بنا ڪنهن ٻڌڪ ٻاڦ ۽ بهتر ۽ بدتر جي تميز جي وجود ۾ اچي ويندا آهيون. اسان جي هستي ڪنهن جي خواهش جي پورائي جو نتيجو هوندي آهي؟ تنهن جي اسان کي ڪائي سُڌ ڪونہ هوندي آهي. بس اسين ان کي قبول ڪرڻ کان پوءِ ڇاڻي سگهندا آهيون، پر مون پنهنجي معاملي ۾ محسوس ڪيو آهي، تہ مون جلد ئي ان کي پسند ڪرڻ جو اقرار ڪري ورتو هو. توڙي جو تون مُنجهيل ۽ هراسيل هُئين، پر پوءِ بہ تو مون کي ان لاءِ چڱي طرح قائل ڪري ورتو هو تہ جنم وٺڻ ۽ نيستي کان نجات حاصل ڪرڻ هڪ حسين ۽ پُرمسرت عمل آهي.

جڏهن توهين هڪ پيرو جنم وٺو ٿا، تڏهن توهان کي ڪڏهن بہ مايوس ٿيڻ نہ گهرجي، ايتري تائين جو پيڙائن جي پلن ۽ موت جي گهڙين ۾ بہ گهاڻل ٿيڻ نہ گهرجي، ڇو تہ جيڪڏهن ڪنهن تي موت جا لمحا اچن ٿا، تہ ان جو مطلب آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ان ڪڏهن نيستي مان نڪري زندگي جون سندر ساعتون ماڻيون تہ آهن، پر دنيا ۾ نہ هُئڻ ۽ وجود ئي نہ وٺڻ جهڙي ٻي ڪا بدتر شئي آهي ئي ڪونہ!

اهو سڀ ڪُجهہ مون کي تنهنجي اعتماد ۽ سُٻندڙ ئي سيکاريو هو، تہ زندگي جو آغاز هڪ ڀيانڪ ڏماڪي خيز حادثي جو نتيجو آهي، پيٽ جي پاٽيات ۾ غرق هُئڻ جي باوجود بہ، مون تنهنجي خيالن مان خوب پيتو ۽ تنهنجو هر خيال مون لاءِ ڪشف جيان مسرور ڪُن هو. ٿي سگهي ٿو ڪُجهہ شيون ان جي برعڪس بہ هُجن، پر تو جيڪو چيو مون صدقِ دل سان تسليم ڪيو، چو تہ مُنهنجو وجود تہ صرف هڪ خاڪو هو جيڪو تنهنجي ڪارڻ ئي اوسر جا مرحلا طئي ڪري رهيو هو. مُنهنجو دماغ تہ هڪ پيمانو هو جيڪو تنهنجي خيالن جي ترتيب سان لبريز ٿيڻو هو. مون اهو ئي پرايو جيڪو مون کي تو سمجهايو ۽ جنهن جي تو مون کي آگهي نہ ڏني، ان جي ڪا سُڌ ئي ڪونہ اٿم، چو تہ مُنهنجي بيداري جي تون ئي روشني ۽ راهہ هُئين.

جيڪڏهن تون دنيا جي هر آزمائش سان مهاڏو اٽڪائي، مون کي جنم ڏين ها، تہ زندگي مون لاءِ هڪ حسين ۽ املهہ تحفو هُجي ها.

تنهنجي بي يقيني ۽ گمانن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو ويو ۽ تون ڪڏهن مصلحت، تہ ڪڏهن ڏمڪي، ڪڏهن ڪروڌ تہ ڪڏهن قرب، ڪڏهن همت تہ ڪڏهن وري ڊپ جي لهرن ۾ لڙهندي رهئين، پر آخر هڪ ڏينهن تو سيني خوفن کيّ تياڳي، مون کي جنم ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو. امڙ! تو ان وقت اهو اقرار ڪيو هو تہ اها تنهنجي پنهنجي چونڊ ڪونهي، پر تو اها مُنهنجي حڪم جي تعميل ڪئي آهي ۽ ان طرح تو جڻ مُنهنجي آقا هُجڻ ۽ پنهنجي محڪومي کي تسليم ڪيو هو جنهن تحت اصولي طور تون مُنهنجي زير دست هُئينءَ مان تنهنجو نہ پر ترت ئي تو ڪُرڪڻ ۽ مون تي ملامت ڪرڻ شروع ڪئي، تہ آءٌ تولاءِ آزار ٻڌجي ويو آهيان. جڏهن تہ تون مون کي اڳ ئي اهو درس ڏئي چُڪي هُئين، تہ زندگي هڪ اهڙي ڪوڙڪي آهي جتي آزادي، مسرت ۽ محبتون ڏاڍايون ناپيد آهن. يا اها هڪ اهڙو اونهو کوهہ آهي، جتان نڪرڻ ڏاڍو اٽانگو هوندو آهي. تو هميشہ مون کي اهو ئي چيو تہ ڪِولين جي ڪٽڪ کان نجات ناممڪن آهي ۽ ڪو بہ انهن جي ڪُڏي قانونن کان پاڻ بچائي نہ ٿو سگهي. ميگنوليا جا وڻ فقط عورتن جي تنگجڻ لاءِ هوندا آهن ۽ چاڪليٽن جي برسات هميشہ ڏاولن مٿان برسندي آهي. بهتر سياڻي جي آس. بکايل کي ماني بدران گولي ۽ ضرورتمند کي غير مردن جا صرف ميرا ڪيڃا انعام ۾ ڏيندڙ هوندي آهي ۽ ان کان علاوه تنهنجون طلسمي ڪهاڻيون بہ مون لاءِ سوالیہ ۽ غم جو نوحو بڻيل رهيون. ڇا اهڙي ماحول ۽ حالتن ۾ مون لاءِ جنم وٺڻ سودمند هو؟

تو ڪڏهن بہ مون کي اهو ڪونہ ٻُڌايو تہ ميگنوليا جا سُندر گل، موت جي ڊپ کانسواءِ بہ پٽي سگهجن ٿا، چاڪليٽ ڪنهن تذليل جي خوف کانسواءِ بہ کائي سگهجن ٿا ۽ سياڻو ڪالهہ کان وڌيڪ بهتر بہ ٿي سگهي ٿو! ۽ جڏهن تو کي ان جو احساس ٿيو تڏهن ڏاڍي دير ٿي چُڪي هُئي ۽ ان کان اڳ ئي آءٌ خودڪشي ڪري چُڪو هُيس. امڙ! رو نہ مون کي احساس آهي، تہ تو اهو سڀ ڪُجهہ محبت ۾ مُنهنجي پلي لاءِ ئي ڪيو. تو چاهيو ٿي، تہ تون اڳواٽ ئي مون کي زندگي جي تلخين کان آشنا

ڪري ڇڏين، ته جيئن جنم کان پوءِ مون کي جيون جي هولناڪين سان مُنهن مقابل ٿيڻ ۾ ڪا ڏکيائي پيش نه اچي. مون کي تنهنجي پيار تي ترَ جيترو به شڪ ڪونهي. تون برابر محبت جو بحر آهين، تنهنڪري ئي توکي تلاش کان پوءِ به دنيا ۾ جڏهن نندڙيون ۽ اهي به نامڪمل محبتون مليون آهن، تڏهن تون لُڇي ۽ تڙپي آهين، پر زندگي تي اعتماد ڪانسواءِ، ڇا فقط محبت ۾ يقين رکڻ ڪافي آهي؟ جڏهن مون محسوس ڪيو ته تون زندگي کان مطمئن هُئڻ بنا ئي جي رهي آهين ۽ مون کي پڻ ساڳي جياپي جيئڻ لاءِ آماده ڪرڻ خاطر وڏيڪ عذاب پوڳي رهي آهين، تڏهن مون پنهنجي پهرين ۽ آخري چونڊ، يعني پيدا ئي نه ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ توکي ٻيو پيرو چنڊ کان محروم ڪري ڇڏيو. امڙ! يقين ڪر، آءٌ اهو سڀ ڪُجهه ڪرڻ لاءِ مجبور هُيس، ڇو ته هينئر مُنهنجو ذهن تنهنجي سوچ جو محتاج نه رهيو هو. توڙي جو تمام نندڙو ۽ شايد ذهن جي صرف خاڪي مترادف هو، تڏهن به مُنهنجو پنهنجو هو، جنهن ٿورو گهڻو اهو ضرور سمجهيو ٿي ته، "جڏهن زندگي فقط عذابن جو نانءُ آهي، تڏهن انهيءَ کي اپنائڻ مان ڇا فائدو؟" تو مون کي اهو ڪڏهن به ڪونه ٻُڌايو ته ماڻهو ڇا ڪاڻ پيدا ٿيندو آهي؟ تو دلاسو ڏيڻ لاءِ مون کي اهي صديون پُراڻيون ڪٿائون (جيڪي ماڻهو پنهنجي اولاد کي جمڻ کان پوءِ ٻُڌائيندا آهن ته خدا، آدم کي پنهنجي منشا ۽ صورت موجب جوڙيو آهي ۽ سندس لاءِ سڀن عملن عيوض جنت جي نعمت خلقي آهي.) ٻُڌائڻ بدران باقي پوري ايمانداري سان اهو ضرور ٻُڌايو ته ماڻهو انهيءَ ڪري پيدا ٿيندو آهي، ڇو ته ڪيس پيدا ٿيڻو هوندو آهي. هڪ ماڻهو پيدا ٿيو ان ڀين کي جنم ڏنو ۽ ٻيا ٻين کي جنم ڏيندا رهندا آهن."

"جيئن مان پيدا ٿيس، مُنهنجي ماءُ پيدا ٿي ۽ ان کان اڳ ان جي ماءُ، ان جي ماءُ کان اڳ نانيءَ، پڙ نانيءَ ۽ تڙ نانيءَ جو جنم ٿيو. ايئن پيدائش جو اڻ کُٽ سلسلو، جنهن جي پُشتين جا پويان نشان ووڙڻ ئي محال بڻجي ٿا وڃن، ازل کان ونيءَ اڄ تائين جاري آهي ۽ جيڪڏهن اهو تخم جو سلسلو رکجي وڃي، ته جيڪر ڏرتيءَ تان انسان جو وجود ئي مٽجي وڃي." پر آءٌ پُڇان ٿو ته ان جو وجود هُجي ڇو؟ ان جي وجود جي ضرورت ڪهڙي آهي؟

ڇا فقط موت جو ڪاڇ بنجڻ لاءِ؟ يا صرف نيستي طرف واپسي لاءِ؟

مُنهنجي ڪائنات، جنهن کي تون فقط بيضو ٿي سڏين، تنهن کي پيدا ٿيڻو هو پر تنهنجي دنيا جي منزل ته فقط انت ۽ زندگي، سزاءِ موت جي مترادف آهي، مون کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته آءٌ نيستي مان وجود ونڊي وري نيستي طرف واپسي لاءِ ڇو پيدا ٿيان؟"

پوءِ مون محسوس ڪيو ته مون توتي ۽ خود پنهنجو پاڻ تي، صرف انهن شين تي اعتماد ڪرڻ لاءِ ڪيڏو نه وڏو ظلم ڪيو آهي، ته "پيدا ٿيڻ مسرت، آزادي ۽ بهتري جي علامت آهي، ڇو ته زندگي ان جستجو جو نانءُ آهي، جنهن جو هر پل خوشي، آزادي، نيڪي، علم ۽ دريافت جي انهيءَ ديد سان ڀرپور هُجي ٿو جيڪا ڏکن کي شڪست ۽ موت کي مات ڏئي سگهندي آهي." پر هن دوزخ جهڙي دنيا ۾ توکي پيدا ڪري، توکي آزادي، سکون ۽ امن ميسر ڪري ڏيڻ واري مُنهنجي اميد، سواءِ هڪ پيانڪ ۽ پيڙائيندڙ خواب کانسواءِ ٻيو ڪُجهه به ڪونه هُئي. مون پيچري جي سيخن ۾ هٿ وجهي، پاڻ کي جنجهوڙيندي چيو "هو مري چُڪو آهي، هن جو وجود ئي ڪو نه رهيو آهي، پيچري جي سيخن جي سختيءَ احساس ڏياريو ته واقعي آءٌ ڪورٽ جي ڪٺهڙي ۾ هيس، مون تي ڪيس هلي رهيو هو ۽ تو مون تي گواهي ڏني هُئي، ڇو ته مون خود پنهنجو پاڻ تي، شاهدي ڏني. تو مون کي مجرم قرار ڏنو ڇو ته مون خود پنهنجو پاڻ کي گناهگار ٿي سمجهيو ۽ هينئر فقط منصفن جي فتويٰ اچڻي هُئي ۽ اهو ظاهر هو ته، مون کي زندگي تان هٿ کڻي، تو ڏانهن ٿي نيستي طرف اچڻو هو. مون تو لاءِ پنهنجون ٻانهون کوليون، ته جيئن تون مون کي پنهنجي ٻاکڙن ۾ ڀري ڇڏين. مون محسوس ڪيو ته تون مُنهنجي قريب اچي چئي رهيو آهين." امڙا! تون لڙڪ نه لاڙ مون تو کي معاف ڪيو آءٌ ڪنهن ٻي وقت جنم ونندس."

ٻچڙا! اهي موهيندڙ لفظ، فقط لفظ ئي هُئا. دنيا جا سڀئي اسپرم ۽ ڏرتيءَ تي موجود مڙئي بيضا به جيڪڏهن سڀني ممڪنات سميت سميٽيا وڃن، تڏهن به اهڙو جوڙي ڪو نه سگهندا، جهڙو تون هُئين ۽ جهڙو تون ٿي پئي سگهئين. تون ٻيهر ڪڏهن به پيدا ٿي ڪونه سگهندين ۽ نه ئي وري تنهنجي واپسي ممڪن هوندي. آءٌ صرف ايئن ئي تنهنجي جدائي ۾ هنجون هاريندي رهنديس.

❖

28

• تون ڪيترن ئي ڏينهن تائين بي جان هُئڻ جي باوجود به مُنهنجي پيٽ ۾ پيو رهئين ۽ خارج نه ٿئين. ڊاڪٽرياڻي انهيءَ تي پريشان ۽ ششدر هُئي، ته آءٌ مري نه وڃان. اهو ته مون به سمجهيو ٿي، ته مُنهنجي پيٽ ۾ تنهنجي وڌيڪ موجودگي مُنهنجو موت هوندي ۽ ان عدالتي تذليل جي ازالي لاءِ مون هروپرو موت به ڪونه ٿي چاهيو ڇو ته مُنهنجي غم ۽ پڇتاءَ جي اذيت ئي انهيءَ لاءِ ڪافي آهي. مون کي پنهنجي ڪُکِ مان، تو کي ايترو جلدي ڪڍڻ جي به ڪا تڪڙ ڪونه هئي، ۽ ان جو ڪو به هَڪ سبب سُٽائڻ مون لاءِ ڏاڍو مشڪل آهي. ٿي سگهي ٿو ان جو سبب اسان جي گهٽي عرصي تائين گڏ رهڻ، گڏ سمهڻ ۽ گڏ اٿڻ واري عادت هُجي، يا تنها هُئڻ بنا ئي مُنهنجو پنهنجو پاڻ کي اڪيلو سمجهڻ ان جو ڪارڻ هُجي. يا شايد اها غير يقيني، غلط فهمي ۽ مُنهنجو اوسيئڙو ئي هُجي؟ يا وري شايد تو کان اڳ، جڏهن اڃان تو سان تعلق جي تند نه جُڙي هُئي، تڏهن وارو مُنهنجو اشتياق هُجي؟

انهن ڏينهن ۾ من منتظر هوندو هو ته جيترو جلد ٿي سگهي پنهنجي تقدير جو مالڪ پاڻ ٿي وڃجي، پنهنجون منزلون پاڻ دريافت ڪجن، پر هاڻي جڏهن اهو سڀ ڪُجهه حاصل ٿي ويو آهي، تڏهن ڇڙ ان جو احساس ئي ڪونه رهيو آهي.

هي به هڪ دنياوي صداقت آهي، جنهن کي پروڙڻ جو توکي موقعو نه ملي سگهيو ته ماڻهو جنهن دولت، محبت ۽ آزادي جي حاصلات پويان پير پٽون ڪندو رهندو آهي، جنهن حق جي حصول لاءِ هو پنهنجو سڀ ڪُجهه داوَ تي لڳائي ڇڏيندو آهي، جڏهن اهو سڀ ڪُجهه کيس حاصل

ٿي ويندو آهي. تڏهن ان مان اها دائمي مسرت ڪيس حاصل ٿي ڪونہ سگهندي آهي ۽ نتيجي ۾ هوبا تہ اهو سڀ ڪُجهہ وڃائي ويهندو آهي يا وري اهي ڪيس وڃائي ڇڏيندا آهن. مان اڪثر جڏهن تنهنجي واپسي جي باري ۾ ويچاريندي آهيان، تہ تون اها ڪهڙي انداز ۾ پسند ڪندين، تہ مُنهنجا چاڪ چڪي پوندا آهن ۽ نئين سر مُنهنجي ساري وجود ۾ الم ۽ اذيت جي جنگ ٻيهر شروع ٿي ويندي آهي. ڇا تنهنجي خواب جي تعبير ئي تنهنجو انت هوندي؟

خوش نصيب اهو آهي، جنهن جي منزل جستجو آهي، جيڪا ڪٿي بہ ختم ڪونہ ٿي ٿئي، پر جيڪو فقط منزل جي حاصلات جو متلاشي آهي، اهو بنهہ ئي بدبخت هُجي ٿو. چو تہ جستجو جياپو ۽ حصول موت هوندو آهي. مسافت جي راهہ جا پنهنجا موڙ ۽ وقفا هوندا آهن، پر توکي انهيءَ لاءِ مون کي اهو يقين ڏيارڻو پوندو. تہ تون بہ فقط هڪ وقفو هُئين ۽ هڪ وقفو ۽ موت زندگي جو انت ڪونہ هوندو آهي. يا زندگي کي تنهنجي ضرورت ڪونہ هُئي ۽ سيئي سور ۽ پيڙائون مون کي صرف ڪنهن ڪارج ۽ ڪنهن جي غرض خاطر ڀوڳڻا پيا، پر ڪنهن معصوم ٻار جي موت ۽ هڪ ماءُ جي محرومي ۽ پيڙا ۾ ڪنهن جو ڪهڙو مفاد ٿي سگهي ٿو؟

ناصحن، قانوندانن يا وري مذهبي پيشوائن ۽ سماج سُڌارڪن جو؟ اهڙي صورت حال ۾ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي، تہ ان پوري معاملي ۾ فائدو ڪنهن کي ٿو پهچي ۽ ان عدالتي فيصلي جي فتويٰ ڪهڙي هوندي؟

ڇا، ماڻهو مُنهنجي حمايت ڪندا يا مون تي ملامت؟

ڇا، مون اهو عمل ڪري ڪنهن ناصح، ڪنهن قانوندان، ڪنهن مذهبي مبلغ ۽ سماج سڌارڪ جو ڪو ڏوهہ ڪيو آهي؟

مُنهنجي روين ۽ مزاج کان تنگ ٿي، تو جيڪا خودڪشي ڪئي آهي، ڇا انهيءَ جي قصوروار آءٌ آهيان؟

يا مُنهنجو ڏوهہ اهو آهي، تہ مون تو سان اهڙو روح منسوب ڪيو جيڪو تو ۾ هيو ئي ڪونہ؟

ٿورو هنن جي بحث کي غور سان تہ پُڌو. تہ هو رڙيون ڪري چون

ڇا ٿا؟ "هن عورت خدا جي جلال کي للکاريو آهي. هن عورتن جي تذليل ڪئي آهي. هن تخليق جي تقدس کي مجروح ڪيو آهي." ڪو چوي ٿو ته، "نه هن عورت زندگي جي تقدس کي سمجهيو آهي، تنهنڪري ئي هن ان لاءِ پوڳيو آهي." ته ڪو وري چڙندي چوي ٿو ته، "نه نه هن عورت، زندگي جي صداقت کي سمجهڻ بدران ان جو مذاق اڏايو آهي."

جيئن ڪا به عدالت ۾ ڪو به قانون هڪ جملي سان ڪنهن جي مجرم هُجڻ يا نه هجڻ جي فتويٰ ڏئي ڇڏيندو آهي، تيئن ئي هر جاندار کي پنهنجي تقدير جي فيصلي جو حق حاصل ڇو نه آهي؟ جڏهن هڪ ڪائناتي صداقت ئي پنهنجي متضاد حقيقت جي امڪان کي پروڙڻ جي قابل ڪونه ٿي هُجي ۽ انهن ٻنهي جي وقعت يڪسان ڪونه ٿي رهي، تڏهن هن عدالتن ۾ مقدمي بازين جي هُجڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ جيڪي اهو ڄاڻڻ جي قابل به ڪونه آهن، ته جائز ڇا ۽ ناجائز ڇا آهي؟ تو سچ ٿي چيو پڇڙا، ته هر ماڻهوءَ جي ترجيح ۽ صداقت پنهنجي هوندي آهي، تنهنڪري ئي حقيقت جا ڪيئي روپ هوندا آهن. مان، ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻي، مُنهنجي سنگتياڻي، مُنهنجو صاحب، مُنهنجا والدين، تنهنجو پيءُ ۽ خود مُنهنجي باري ۾، تو جيڪو ڪُجهه به چيو آهي، مان اهڙي ئي آهيان، پر مُنهنجي اڻيان ايان ڏکن جي جيڪا رُڃ پکڙيل آهي، سا مون کي اڪيلي سِر ئي ڏورڻي آهي.

29

• تنهنجي پيءُ وري هڪ خط لکيو آهي، جنهن مون کي سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي. هن لکيو آهي تہ "آءٌ توکي چڱي طرح ڄاڻان ٿو تنهنڪري توکي آڇت ڏيڻ لاءِ ايئن قطعاً ڪونہ چوندس، تہ تو ٻار لاءِ قرباني ڏيڻ بدران پنهنجي لاءِ ٻار جي قرباني ڏئي چڱو ڪم ڪيو آهي، پوتہ ان بابت مون کي وڌيڪ بهتر تون ئي سمجهين ٿي."

ياد اٿئي! جڏهن تو ڪاوڙ ۾ مون کي گهر مان ڏڪا ڏئي ڪڍندي، رڙيون ڪري چيو هو "عورت ڪا ڪڙ ڪونہ آهي ۽ ڪڙيون ٻہ پنهنجا سيئي آنا ڪونہ ڦوڙيندیون آهن، انهن مان ڪيترا پي ٻہ ڇڏيندیون آهن! اسين انهيءَ لاءِ نہ ڪڙين کي قصوروار قرار ڏئي سگهون ٿا ۽ نہ ئي وري قدرت جي انهن قهري آفتن ۽ وبائن کي دوشي ڇئي سگهون ٿا، جيڪي انهن جي اجل جو ڪارڻ بڻجڻ ٿيون، پر آءٌ سمجهان ٿو تہ قدرت جي انهيءَ ڪنورتا ۽ ڪڙين جي انهيءَ عمل ۾ ٻہ هڪ دانشمنديءَ حڪمت جو راز سمايل آهي. ايئن جيڪڏهن هُئڻ جو هر امڪان وجود وٺي وڃي، تہ پوءِ جياپي لاءِ هيءَ ڏرتي تہ جنگ جو ميدان بڻجي ويندي؟".

توکي تہ خبر آهي، تہ دنيا ۾ هر ماڻهوءَ جو جنم هروپرو ايترو ضروري ٻہ ڪونہ هوندو آهي. جيڪڏهن هومر، اڪارس، ليوناردو ڊاونچي ۽ حضرت عيسيٰ پيدا نہ ٿين ها، تڏهن ٻہ دنيا جو نظام ائين ئي هلندو رهي ها. تنهنجي ضايع ٿي ويل ٻار سان دنيا ۾ ڪو خال پيدا ٿي ڪونہ ويو آهي ۽ نہ ئي وري ان سان سماج ۽ ان جي آئيندي تي ڪو اثر پيو آهي. اهو صرف توکي ڏاڪ ۽ زخم ڏئي ويو آهي. اهو ٻہ فقط انهيءَ ڪري، جو تو ذهني طور ان واقعي جو الميه اثر ورتو آهي،

جيڪو اصل ۾ ايڏو سانحو آهي ئي ڪونه منڙيا! تون ڇاٽي وئي هوندين، ته سوچ درد جي ماءُ هوندي آهي ۽ دنيا ۾ هميشه ڏاهيون ئي ڏک ڏسنديون آهن. پر سچ پُڇين ته درد ئي زندگي جو جوهر هوندو آهي، جنهن کانسواءِ انسان جو تصور ئي بي معنيٰ آهي. آءٌ هي خط توکي ڪنهن تسلي ۽ آٽت ڏيڻ لاءِ نه، پر تنهنجي سوچ تي مبارڪ پيش ڪرڻ لاءِ لکي رهيو آهيان. تنهنجي اها سوچ انهيءَ ڪري ڪونهي، ته تو حمل جي عذاب ۽ ماءُ جي غلامي مان نجات حاصل ڪري ورتي، پر تو بنا ڪنهن بندي ۽ آقا جي اڳيان جهڪڻ جي، پنهنجي ٻَل ۽ همت سان جيڪو ڪُجهه حاصل ڪيو آهي، اها ئي تنهنجي ڪاميابي آهي، پر هنن چند مهينن ۾ مون سان تنهنجي برعڪس ئي سڀ ڪُجهه پيش آيو آهي. جڏهن آءٌ بلڪل ئي ٻڍي ٻُڍي ۽ نراس ٿي پيس، تڏهن ٻين جيان مون به تقدير جي طوفاني طاقت ۾ پنهنجي قسمت جي تبديلي تصور ڪئي، پر پوءِ پروڙيم، ته جيڪي ماڻهو پنهنجي وجود جي واڳ قسمت حوالي ڪري ڇڏيندا آهن، اهي مون جيان ٽڪل ٽُنل ۽ صرف بي همت ئي هوندا آهن. تون انهيءَ ڪري سوپاري آهين، جو ته تقدير تولاءِ صرف طويل سوالیہ نشان جيان آهي، جنهن تي اعتبار بدران تو پنهنجي هستي ۽ همت تي ياڙيو آهي ۽ اهي ماڻهو ئي پنهنجي جستجو جاري رکي سگهندا آهن. جيڪي سوالن جا ڏنگ سهڻ جي سگهه رکندڙ هوندا آهن. اهي ئي نئين سفر ۽ جستجو جو آغاز ڪري سگهندا آهن، جن ۾ تقدير تي ياڙڻ بدران دنيا جي غمن ۽ زخمن سهڻ جي برداشت هوندي آهي. تنهنجي سنگتياٽي ٻُڌايو ٿي، ته بي جان ٻار ايجان تنهنجي پيٽ ۾ آهي ۽ تون ان کي خارج ڪرڻ لاءِ ڪو حتمي فيصلو ڪري ڪونه سگهي آهين، ڇا تون ان سان پنهنجو پاڻ کي پنهنجي غير مستقل مزاجيءَ جي سزا ڏئي رهي آهين ۽ وڏيڪ جيئڻ نه ٿي چاهين؟

آءٌ سمجهان ٿو ته هُن اهو سڀ ڪُجهه مون کي انهيءَ ڪري ٻُڌايو آهي، ته جيئن آءٌ توکي سمجهائي ان ضد تان لاهي سگهان. پر آءٌ توتي ڪنهن زور پرڻ بدران صرف اهو واضح ڪرڻ چاهيندس، ته تون خود به انهي هوڏ تي گهٽو وقت قائم رهي ڪونه سگهندين، جو ته تون

زندگي سان ايتري محبت ڪندڙ آهين، جو جڏهن ان جي صدا تنهنجي ڪنن تي پوندي، تڏهن تون ان کان انڪار ڪري ڪونہ سگهندينءَ."

اسين سياڻي ضرور گهر هلنداسين، توڙي جو سياڻي جو لفظ تنهنجي جان ونندڙ ۽ مون کي هميشہ ڏک آڻيندڙ پئي ثابت ٿيو آهي، پر پوءِ بہ آءٌ اردگرد نهاريان ۽ اهو تسليم ڪرڻ کانسواءِ رهي نہ ٿي سگهان، تہ سياڻو اهو ڏينهن آهي، جيڪو بهتري ۽ ڇڳائي سان ٽمتار هوندو.

30

• هنن مُنهنجي ايتري گرم جوشيءَ سان آجيان ڪئي، جڏ آءٌ ڪنهن پير ۽ ڳڻ جي بيماري مان صحتياب ٿي واپس گهر موٽي هُجان. ايترين مشڪلاتن جي باوجود به مُنهنجي ثابت قدم رهڻ تي، هنن مون کي مبارڪون ڏنيون ۽ مُنهنجون دعوتون ڪيون. هنن ڪڏهن به تو بابت کو ذڪر ڪونہ ڇيڙيو. جيڪڏهن ان موضوع تي مون ڪڏهن ڪُجهہ ڳالهائڻ به چاهيو تڏهن هنن جا مُنهن ئي لهي ٿي ويا ۽ ائين ٿي لڳو جڏ مون کا اهڙي فضول ڳالهہ ڪئي آهي، جنهن لاءِ هو چوڻ چاهيندا هُجن تہ، "جيڪو ٿيو سو ٿيو. هاڻي ان جي وڌيڪ پچار ڪرڻ نہ گهرجي." پوءِ مُنهنجي سنگتياڻي مون کي پاسي تي وٺي پُڌايو تہ هن ڈاڪٽر کان وقت ورتو ۽ ساڻس ڳالهايو آهي، جنهن جو چوڻ آهي، تہ 'تو جيڪڏهن ترت ئي ٻار کي خارج نہ ڪرايو تہ پوءِ خون جي زهر آلود ٿي وڃڻ سان تنهنجو موت بہ ٿي سگهي ٿو."

مون کي فيصلو ڪرڻو پوندو ڇو تہ جيڪڏهن مون اهو هينئر نہ ڪيو تہ پوءِ تون يقينن مُنهنجو قاتل ٻڌجي ويندين. تو تہ ايڏا ڪنهن ڪم جي ابتدا ئي ڪونہ ڪئي هُئي، پر مون کي تہ ايڏان گهڻو ڪُجهہ ڪرڻو آهي. مون کي ايڏان پنهنجي نالي ۽ ناموس لاءِ جستجو ڪري، اهو ثابت ڪرڻو آهي، تہ آءٌ بہ هڪ مرد جيان مؤثر ٿي سگهان ٿي. مون کي ايڏان ماڻهن کي سوالن جي اهميت سمجهائڻ ۽ انهن جي سگهہ ثابت ڪرڻ لاءِ لڙڻو آهي. مون کي پنهنجي خود رحمي کي ختم ڪرڻو ۽ پنهنجو پاڻ کي اهو تسليم ڪرائڻو آهي، تہ زندگي جو مقدر ڏک ڪونہ هوندا آهن، پر جياپي جو اصل مزو مسرتن ۾ هوندو آهي، جيڪي موجود بہ آهن، پر انهن جي حاصلات لاءِ صرف ٿوري جستجو

ڪرٽي پوندي آهي. آخر ۾ مون کي ايجان محبت جو اهو راز ٻه عيان ڪرڻو آهي، ته محبت فقط اها ڪونهي، جنهن تحت مون توکي ڇهڻ ۽ ڏسڻ جي سڌ ٿي ڪئي، پر محبت اها ٻه آهي، جيڪا توکي ويجائڻ کان پوءِ ٻه تولاءِ آءٌ محسوس ڪري رهي آهيان.

ڇڙڳا! آءٌ تنهنجي شديد ڪمي محسوس ڪري رهي آهيان ۽ ائين ٿو لڳي، جڻ توکي ويجائي آءٌ پنهنجي ڪنهن ٻانهن، ڪنهن اک ۽ آواز کان محروم ٿي وئي هُجان.

مون ڪالهه جي ڀيٽ ۾ اڄ صبح تنهنجي گهٽ ڳمي محسوس ڪئي، پر پوءِ ٻه اهو سڀ ڪُجهه عجيب هو. ائين ٿي لڳو جڻ وقت جا پهر وچ ۾ حائل ٿي زخمن جا گهاءَ پريندا هُجن.

بگهڙن جون پڪارون توڙي جو ايجان پري کان پُڪاري رهيون آهن، پر جيئن ئي اهي قريب اچي ويندا، آءٌ سمجهان ٿي، ته آءٌ ڪائنئن دور رهي ڪونه سگهنديس. پوءِ خبرناهي اهو الائي ياد ٻه رهندو يا نه، ته مون کيترو پوڳيو ۽ کيترا زخم سَنَاَ هُڻا؟

ڪڏهن مون کنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو ته "اسان کي پنهنجي تڪليفن جو صحيح اندازو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن اسين اهي پوڳي ڇُڪا هوندا آهيون ۽ پوڳڻ کان پوءِ حيرت مان پاڻ کان پُڇندا آهيون، ته اهو درد جو دوزخ ڪيئن پوڳي آيا آهيون؟" زندگي ڏاڍي غير معمولي چيز آهي ۽ اهي سيئي المیا ان جو معمول آهن. اسان جا گهاءَ ڏاڍا تيزي سان پرجي ويندا آهن، جيڪڏهن انهن جي زخمن جا نشان نه رهجي ويجن، ته اسان کي اهو ٻه ياد نه رهي، ته ڪڏهن انهن مان ڪا رت ٻه اُڙهي هُئي!

ڪڏهن ته اهي زخمن جا نشان ٻه مِٽجي ويندا آهن ۽ هر شئي انهن سان گڏ ميسارجي ويندي آهي. مون سان ٻه ايئن ئي ٿيندو يا وري آءٌ خود ان کي ممڪن بنائڻ جي ڪوشش ڪنديس، ڇو ته مون کي ان جي سخت ضرورت هوندي ۽ مون کي ايئن ئي ڪرٽو پوندو. آءٌ هينئر ئي ديوار تان تنهنجو ڦوٽو لاهي ٿي ڇڏيان، ڇو ته تنهنجي اوجاڳيل اکين جا الماس مون کان وڌيڪ ڏُنا نه ٿا ٿين ۽ آءٌ تنهنجا ٻيا ڦوٽو ٻه چيهاڙيون ڪري ٿي ڇڏيان ۽ ها، تنهنجو هي پينگهو جيڪو تنهنجي ڪفن جي ڏِڪَ ٿو ڏي، سو ٻه ٽڪريون ڪري ڇُلهي ۾ اڇلائي ڇڏينديس.

آءٌ ترت ئي ڊاڪٽر سان ملي ڪيس ٻڌائيندیس، ته آءٌ راضي آهيان ۽ هنن ئي چند ڏينهن ۾ آءٌ توڪي پنهنجي پيٽ مان ڪيرائي ڇڏيندیس، پوءِ تنهنجي پيءُ يا شايد ڪنهن ٻي سان رات گذاريندیس.

مون گهٽو ئي پاڪدامني جو روزو رکيو. تون ته مري ڇُڪو آهين، پر مان ته زنده آهيان، تنهنڪري زندگي کي آءٌ وڌيڪ غمن ۾ گذارڻ نه ٿي گهران. آءٌ وڌيڪ مقدمي بازيون ۽ فتوائون برداشت نه ٿي ڪري سگهان ۽ نه ئي وري گهڙي گهڙي تو کان معافيون ونڊ ٿي چاهيان! بگهڙن جو ڪالُ ڪونهي. اهي مُنهنجي آس پاس موجود آهن ۽ مون ۾ ايجان ايتري قوت آهي، جو بنا مقدر جي مدد ۽ ڪنهن ٻي سهاري جي، توکي سَوَ جنم ڏئي سگهان ٿي.

افا! هي اوچتو ئي اوچتو ڇا جو درد آهي، جنهن مون کي نِساهو ڪري وڌو آهي؟

هي ڇا؟ ڇاقو جهڙي چيز وري مُنهنجي چَمَ ۾ چُڀي، جنهن جي سور جي سَتَ مُنهنجي وجود کي ئي لرزائي ڇڏيو آهي ۽ آءٌ پاڻ کي ٽَپَ ۾ هرندو محسوس ڪري رهي آهيان! جيڪڏهن هنن ٻيهر مُنهنجي جسم ۾ ائين ساڳي گُهت هنئين، ته سچ پچ ٻڌجي ويندیس. ٻچڙا! نه چاهيندي به اسان جي جدائي جون گهڙيون ڏاڍيون قريب اچي ويون آهن. مون نه ٿي چاهيو ته هو تو کي چاقوءَ جي نوڪ سان ٻاهر ڪڍي گندي ڪپهه سان گڏ ڪنهن ردیءَ جي ٽوڪري ۾ اڇلائي ڇڏين، پر مون وٽ ڪا ٻي واٽ به ته ڪونهي؟

جيڪڏهن آءٌ ترت ئي اسپتال نه پهچان ها ۽ هو توکي مُنهنجي پيٽ مان ائين نه ڪڍن ها، ته تون ته مُنهنجو اجل ٻڌجي وڃين ها! ۽ ان جي اجازت آءٌ توکي قطعاً ڪونه ڏيندیس. ٻچڙا، تو غلط ٿي چيو ته مُنهنجو زندگي ۾ اعتبار ڪونهي. مُنهنجو جياپي ۾ پورو پورو يقين آهي ۽ آءٌ ان کي سيني اذيتن ۽ ذلتن جي باوجود به پرپوريت سان جيئڻ ٿي چاهيان. تنهنجي منزل اجل ۽ مُنهنجي راهه جستجو آهي، تنهنڪري توکي ويندي ويندي چوان ٿي: الوداع، الوداع....

31

• آءُ هڪ اڇي ڇت واري ڪمري ۾ بيڊ تي آهليل آهيان ۽ تون مُنهنجي پير ۾ ئي هڪ شيشي ۾ بند پيل آهين. هتن نہ ٽي چاهيو تہ آءُ تو کي ڏسان. پر مُنهنجي ضد ۽ اصرار کان پوءِ هو ڪاوڙ ۾ توکي مُنهنجي پير ۾ رکي ويا آهن ۽ آخر آءُ توکي ڏسڻ ۾ ڪامياب ٽي وئي آهيان. توکي سامهون ڏسي، فوٽو وارو بارڙو مون کي فريب محسوس ٿيو آهي. تون ٻار بدران صرف هڪ آنو آهين. ها، هڪ خاڪي رنگ جو آنو جيڪو گلابي الڪوحل ۾ تري رهيو آهي ۽ جنهن ۾ اندر ڪُجهہ بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. تون، نهن، چمڙي ۽ ٻين انهن سيني سندر صفتن اُسرڻ کان گهٽو عرصو اڳ ئي اجل جو بَکُ بڻجي چُڪو هُئين، جيڪي مون توسان منسوب ڪيون آهن. تون صرف مُنهنجي تخيل جي تخليق آهين. جنهن کي بہ ننڍڙا هٿ ۽ پير، جسم سان ٿورڙي مشابهت رکندڙ وجود ۽ چهري جو خاڪو جنهن ۾ ننڍڙو نڪ ۽ بہ تمام ننڍڙيون اکيون آهن. بهرحال اهو ننڍڙي مڇي جي مترادف ئي صحيح، پر مون کي تمام گهٽو عزيز هو ۽ ان جي محبت ۾ ئي مون ڪڏهن موت جو صليب سر تي کنيو هو. پر هينئر جڏهن توکي ڏٺو اٿم، تڏهن سوچان ٿي، تہ مون تو مان پهريان ئي ڇوٽڪارو ڇو نہ حاصل ڪيو ۽ ايتري عرصي تائين توکي پنهنجي پيٽ ۾ زهر آلود ڪرڻ لاءِ ڇو ڇڏيم؟

مان بيمار ٽي پئي آهيان ۽ مُنهنجي حالت ڏسي، هو سڀئي پريشان ٽي ويا آهن. ڪو سڄي ٻانهن جي ڏوري ۾ سُئي ٽُنبي رهيو آهي، تہ ڪو وري ڪٻي ٻانهن جي ڪرائي ۾ ٽيلهي چاڙهي نلڪين ذريعي مون کي خوراڪ پهچائڻ جي خفي ۾ مصروف آهي ۽ نرس هتن ۾ ڪپهہ جا بنڊل کنيو اُيي ٻيني هُئي. گهڙي گهڙي ڊاڪٽر مٿان ڊاڪٽر ٽي آيو

جن هڪڙي سان سُس پُس ۾ صلاح مشورو ۽ ڪيو ٿي، پر مون کي ڪُجهه ۽ ٻُڌڻ ۾ ڪو نه ٿي آيو مون صرف اندازو ٿي لڳايو ته گڙ ٻڙ ضرور آهي. ان وقت مون پنهنجي سنگتياڻي، تنهنجي پيءُ يا انهن کان ۽ وڌيڪ پنهنجي والدين جي سخت ضرورت محسوس ڪئي. مون کي لڳو ٿي، ته آءٌ انهن جي قدمن جا آواز ۽ ٻُڌي رهي آهيان، پر انهن بدران ۽ اڇي ڊريس ۾ ملبوس ڊاڪٽر اڇي مُنهنجي مٿان بيٺا، جن مان هڪ ٿوري دير اڳ ئي مون تي ڏمرجي پيو هو ۽ چيو هُئائين، "ڊوز ڊبل ڪريوس." چا جو ڊوز؟

تڪليفن جو يا غم جو؟ آءٌ ته پهريائين اهي غم ۽ تڪليفون پوڳي چُڪي آهيان، چا ٻيهر انهن جي ڪائي ضرورت آهي؟

پوءِ هن چيو هو "وارو ڪريو ڏسو ڪونه پيا، سپ ڪُجهه هٿن مان پيو وڃي." هٿن مان چا پيو وڃي؟ سُئي، ڪو ماڻهو يا خود مُنهنجي زندگي؟

زندگي ڪڏهن ۽ ختم ڪونه ٿيندي آهي، توڙي جو ڪوئي ان کي ختم ڪرڻ ۾ چاهي، تڏهن ۽ ان جو انت ڪونه ايندو آهي، اها مرندي ڪو نه آهي، ايتري تائين جو مُنهنجي زندگي ۽ ڪو نه مُئي آهي، چو ته جياپي بنا ئي تون اجل جو ٻَڪُ ٻڌجي ويو آهين. زندگي جو مفهوم جاڻڻ ۾ ان جي رنگن، روپن، لذتن، آوازن، احساسن ۽ خيالن کي سمجهڻ ڪانسواءِ ئي وڇڙي ويو آهين. مون کي افسوس آهي، تولاءِ ۽ پنهنجو پاڻ لاءِ، آءٌ پاڻ کي شرمسار ٿي محسوس ڪريان، چو ته ان سامونڊي پکين جيان پرواز ڪرڻ مان چا فائدو جن کي پيدا نه ٿو ڪري سگهجي ۽ جيڪي ٻين کي جنم ڏئي نه ٿا سگهن؟

ٻارن جيان راندين رڇڻ مان چا هَڙَ حاصل، جيڪڏهن انهن کي جڙي هي ڏيهه ڏيکاري کين ان لائق نه ٿو بنائي سگهجي، ته جيئن هو خود اهڙن ٻارن کي جنم ڏئي سگهن، جيڪي خود زندگي جون لذتون ماڻڻ جي قابل ٻڌجي سگهن، توکي ايان لڙڻو ۽ جيون جي جنگ ۾ سوپارو ٽيڙو هو، پر تون وقت کان اڳ ئي جستجو تان هٿ کڻي هارائي ويٺين. شايد تون جياپي جي جستجو لاءِ جُڙيو ئي ڪونه هُئين، نه ته چند طلسمي ڪهاڻين ۽ ٻن ٽن تڪليفن جي بنياد تي ڪوئي کيئن ٿو جياپي تان هٿ کڻي سگهي؟

تون بلڪل رسوبہ ٿُڪر پنهنجي پيءُ تي ويو آهين. جيڪو بہ تقدير جو قائل آهي ۽ تو بہ قسمت جي لکئي کي قبول ڪري نہ جمڙ ۾ پنهنجي عافيت سمجهي. پر زندگي سان بيوفائي ڪنهن ڪئي تو يا مان؟

توڙي جو آءٌ بلڪل ڀڄي ٽُٽي پئي آهيان ۽ جنگهن ۾ ڪو سَتُ ڪونہ رهيو اٿم. گهڙي گهڙي اکين اڳيان اونداهي ڇانئجي ٿي وڃي ۽ تنهائي ککر جيان وڇڙي ڪيرو ڪري ٿي ڇڏيم. پر تڏهن بہ مون هارايو ڪونهي.

ڏس! آءٌ ايجان بہ ثابت قدم آهيان. تو ۾ ۽ مون ۾ ڪيڏو نہ فرق آهي؟ آءٌ اڪ ڪونہ ٻوٽيندیس. آءٌ جاڳندي ۽ سوچيندي رهنديس. پر جيڪڏهن آءٌ صرف ايئن سوچيندي رهيس. تہ پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ آءٌ بہ تو جيان گهٽو ڪُجهہ وڃائي ويهان!

توکي هن شيشي ۾ پئي ڪيترو عرصو ٿيو آهي؟ ڪُجهہ ڪلاڪ. چند ڏينهن يا ڪُجهہ سال؟

شايد چند ڏينهن. جيڪي مون لاءِ سالن سمان آهن. آءٌ توکي ايئن شيشي جي قيد ۾ ڏسڻ ڪونہ ٿي چاهيان. مان تولاءِ ڪنهن پُروقار جاءِ جي تلاش ۾ آهيان. پر اها ڪٿي ٿي سگهي ٿي؟

شايد ميگنوليا جي ڇانوَ ۾. پر ميگنوليا تہ تمام پراڻي دؤر ۾ هوندا هُئا. جڏهن ايجان آءٌ ننڍڙي هُيس. هينئر تہ انهن جو نشان بہ نظر ڪونہ ٿو اچي. تہ پوءِ آءٌ توکي گهر ڪٽي هلنديس. پاڻ صبح سان گهر هلنداسين. هينئر تہ رات ٿي وئي آهي ۽ باهر تڏ بہ غضب جي آهي. چڱو تون پنهنجو ڪوٽ پاءِ تہ باهر ٽا هلون. آءٌ توکي پنهنجي ٻانهن ۾ ڪٽڻ ٿي چاهيان. پر ٻچڙا! تون تہ ايترو ننڍڙو آهين. جو آءٌ توکي پنهنجي ٻانهن ۾ ڪٽي بہ ڪونہ پئي سگهان! آءٌ تہ صرف توکي پنهنجي هٿ جي تريءَ تي احتياط سان رکي سگهان ٿي. تہ جيئن توکي ڪوئي واڇوڙو اڏائي نہ وڃي. پر هي ڇا؟ مون کي تہ ڪُجهہ سمجهہ ۾ ئي ڪونہ ٿو اچي. تو کي تہ هوا جي ڦوڪ ئي اڏائي سگهي ٿي. تہ پوءِ تنهنجو هي ايترو وزن ڇو وڌي ويو آهي. جو مون کان برداشت ئي ڪونہ پيو ٿئي؟

تون مهرباني ڪري مون کي پنهنجو هٿ ڏي. هيئن. او هيئن.... نيڪ آهي. ڏس! هينئر تون مُنهنجي ڇيڇ کان وٺي رهنمائي ڪري

رھيو آھين. ھاڻي نہ تون آني واري صورت ۾ آھين، نہ ئي وري ننڍڙي مڇي واري روپ ۾، پر تون مڪمل ہار آھين. تون ھاڻي ڪان ئي مُنھنجي گوڏن تي ٻيو اڇين، نہ دل تي، نہ مُنھنجي ڪُلھن تي، نہ نہ مُنھنجي ڪُلھن ڪان بہ شايد مٿي. تون ھاڻي ہار نہ، پر ھڪ جاننڌو جوان مرد آھين ۽ آءٌ ھڪ ڪمزور ڪراڙي عورت، جنھن کي تنھنجي سھاري جي سخت ضرورت آھي، جيڪا تنھنجي سھاري ڪانسواءِ ڏاکڻ جا ھي چند ڏاڪا بہ لھي ڪونہ سگھندي. ياد اٿئي! اھي ڏينھن، جڏھن مون توکي سھارو ڏئي، وڏي احتياط سان ڏاکڻ جا ڏاڪا چڑھڻ ۽ لھڻ سيکاريا ھُئا، ۽ ياد ڪر جڏھن آءٌ توکي اڪيلي سر انھن تي چڑھڻ لاءِ چوندي ھُيس، تڏھن تون چند ڏاڪا چڑھي ٽڪجي ويھي رھندو ھُئين ۽ پاڻ ہٿي ڪِلي ڪيئن نہ ڏاکڻ جا ڏاڪا ڳڻڻ شروع ڪندا ھُئاسين؟

ياد اٿئي! جڏھن اسين اک ٻوٽ راند کيڏندا ھُئاسين ۽ آءٌ بند اکين سان، توکي ڳولھڻ لاءِ ھٿوراڙيون ڏيندي ھُيس؟

چا، اھو ڏينھن بہ ياد اٿئي، جڏھن تو مُنھنجو چيو نہ ٿي مڃيو ۽ آءٌ تو سان ڪاوڙجي پئي ھُيس، پوءِ ان تي مون کي افسوس بہ ٿيو ھو ۽ مون تو کان معافي ونڊ بہ چاھي ھُئي، پر اسان ٻنھي جڏھن ھڪٻئي جي نيٽن ۾ نھاريو ھو، تڏھن تنھنجي چپن تي تڑندڙ مرڪ مون کي بہ ڪِلائي وڌو ھو. پر ھي چا؟ مُنھنجو ڏھن ۽ اکيون ڇو ڏُنڌلائجي رھيون آھن؟

چا، اھي ننڍ جا ڪيپ آھن يا اجل جا آثار؟ پر آءٌ ننڍ کان ائين شڪست کائڻ نہ ٿي چاھيان. مون کي جاڳائڻ ۾ مُنھنجي مدد ڪر ۽ مون کي جواب ڏي، تہ چا پرواز جي خوابن جي، ايڏي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي آھي؟

چا، انھن توکي ماريو يا توبہ ڪُجھ ڪيو؟

چا، انھن توکي ڪِولين جي ڪٽڪ جيان ڪُچلي ڇڏيو؟

چا، تو نااميدي ۽ ڪروڌ اڳيان ڪنڌ جھڪايو يا انھن اڳيان آخر تائين مضبوط وڻ جيان سينو ساھيو ٻيئو رھين؟

چا، تو کي مسرت، آزادي، نيڪي ۽ محبت جي موجودگي جي پروڙ پئجي وئي؟ مون کي اميد آھي تہ مُنھنجا مشورا تولاءِ ڪافي مفيد


ثابت ٿيا هوندا ۽ مون کي اهو به يقين آهي ته، تون پيڙائن ۾ موت جهڙين اذيتن جي باوجود به ٻيهر پيدا ٿيڻ کي ترجيح ڏينديں، ڇو ته پيدا ٿيڻ، جنم نه وٺڻ کان هزارين ڀيرا بهتر آهي.

مون کي فخر آهي، ته اذيتن ۽ موت جي خطرن باوجود به مون توکي نيستيءَ مان هستي ۾ آندو آهي. قهر جي ڏڏ ٿي وسي ۽ ايجان رات به پنهنجي اوج تي آهي، پر اسين ٻئي اتي ئي ڪمري ۾ آهيون، پر هو ڏس! سامهون ميگنوليا جو وڻ! اُتي ان مان گل ڦٽي وڻ. آءٌ ته ڦٽي ڪونه سگهيس، پر مون کي يقين آهي، ته تون اهو ضرور ڦٽي سگهندين. ٿورو ڀڃن تي ٻيهي، ٻانهن مٿي ڪري، او هيئن.... پٽڻ جي ڪوشش ڪر.... پر تون ڪاڏي وئين؟ هاڻي ئي ته هتي هُئين! قداور ۽ ڳيرو مرد جي روپ ۾، تون ئي ته مون کي سهارو ڏيو ٻينو هُئين، پر هينئر ته ڪٿي نظر ئي ڪونه پيو اچين! هتي ته صرف هڪ شيشي جو الڪوحل سان ڀريل ٽانءُ پيو آهي، جنهن ۾ هڪ اهڙي شيءِ تري رهي آهي، جيڪا نه مرد ٻڌجي سگهي، نه عورت يا جنهن جي مرد ۽ عورت بنجڻ ۾ آءٌ ڪا مدد ڪري ڪونه سگهيس. تون پُڇين ٿو ته مون ايئن ڇو ڪيو؟

ٻچڙا، ڇو ته زندگي موجود آهي، جڏهن آءٌ جوان ٿي، ته زندگي موجود آهي، تڏهن جڻ ته مُنهنجي جان مان ٽڏ جي ڏڪڻي ۽ نيٽن مان نيم خوابيءَ جا خمار ئي اڏامي ٿا وڃن ۽ آءٌ محسوس ٿي ڪريان، ته خود مان ئي زندگي آهيان.

بلب ٻريل آهي، ڪُجهه آواز مُنهنجي ڪنن تي پون ٿا. ٻاهر ڪوئي ڏوڙندو ۽ ڊپ ۾ دانهون ڪندو ٿو وڃي، پر ڪٿي ڪنهن ٻي جاءِ تي يقينن هزارين ۽ لکين ٻار ۽ آئيندي جي ٻارن کي جنم ڏيندڙ انهن جون مائرون پيدا ٿي رهيون آهن. زندگي، تنهنجي يا مُنهنجي جياپي جي محتاج ڪونهي. تون مري ڇُڪو آهين ۽ شايد آءٌ به پوين پساهن ۾ آهيان، پر انهيءَ سان ڪوئي فرق ڪونه ٿو پوي، ڇو ته زندگي جو ڪڏهن به انت ڪونه ايندو آهي.

❖❖❖



هڪ معياري مترجم ڪنهن بہ شهپاري ڪي ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪندي، در اصل خيالن جي انهيءَ مڪملتا کي ڇهڻ چاهيندو آهي، جنهن کي هو پاڻ ۾ نہ لهندي، دنيا جي ٻين عظيم سرجڻهارن وٽ ڳولي لهندو آهي. ڈاڪٽر فياض لطيف جو ترجمو "اڻ ڄاول ٻار ڏانهن خط" پڻ اهڙي صورتحال جو واضح عڪس آهي. هڪ معتبر ۽ مهان تخليقڪار اوريانا فلاچي جي جڳ مشهور ناول "Letter to a Child Never Born" کي فياض سنڌي ٻوليءَ جي پڙهندڙن آڏو آڻي، نہ صرف انهن کي معياري ۽ مثالي تخليق کان واقف ڪيو، پر ڪين تخليقي پورٽا جي هڪ جهلڪ پسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

"Letter to a Child Never Born" جو سنڌي ترجمو پڙهندي اوهان کي محسوس ٿيندو تہ ان ۾ لفظي الٽ ڦيرن بجاءِ محاوراتي خوبصورتي پيدا ڪرڻ جي هڪ اهڙي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جو پڙهندڙ ۽ لکندڙ جي وچ ۾ رابطي جي نفيس تند تسلسل سان برقرار رهي ٿي. نندين نندين بابن ۾ ورهايل هن ناول کي سولي ۽ آسان ٻوليءَ ۾ سادن، پر بامقصد جملن ذريعي لائق ليکڪا جي اندر موجود احساساتي ڪشمڪش ۽ ڪيفيتي بي چيني، سندس خيالاتي تدبر ۽ اعليٰ آدرشن کي جنهن ڪاميابيءَ سان ڈاڪٽر فياض لطيف پنهنجي سهل ترجمي ذريعي بيان ڪيو آهي، ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ، ڪيس ۾ن مختلف ٻولين تي ڪيتري نہ وڻندڙ دسترس حاصل آهي. مان سمجهان ٿو تہ هي ترجمو ڪندي هن سُچيت سنڌيڪار نہ رڳو هڪ شاندار تخليقي ورثو پنهنجي قوم کي منتقل ڪري، پنهنجي ٻوليءَ سان پيار جو هڪ مثال پيش ڪيو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي نوَن لکندڙن لاءِ اعليٰ تخليقي معيارن ۽ قدرن جو هڪ نمونو پڻ سامهون آندو آهي، تہ جيئن اهي پنهنجي تخليقي پورهئي کي ڳچ ۽ ڳڙ لاءِ ڪسوٽي ۽ مقرر ڪري سگهن. مون کي پڪ آهي تہ ڈاڪٽر صاحب جو هي پورهيو سندس فني، تخيلقي ۽ تحقيقي سفر ۾ هڪ قيمتي اضافو ثابت ٿيندو.

انعام شيخ